
ڏوري ڏٺم ڏيھ
عاشق منگي
ڏوري ڏٺم ڏيھ
عاشق منگي
ڏاھپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو
ڏاھپ
11

# ڏوري ڏنم ڏيهہ

(يادگيريون، تاثرات ۽ سفري روداد)

## عاشق منگي

ڏاهپ پبليڪيشن
لاڙڪاڻو ـ 2012ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

11

© ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو- 2012ع

ڪتاب: **ڏوري ڏٺم ڏيهہ**
سنڌيڪار: **عاشق منگي**
موضوع: **سفرنامو**
ٽائيٽل: **رياضت ٻرڙو**
پهريون ڇاپو: **نومبر** 2012ع
ڇپائيندڙ: **رياضت ٻرڙو**
ڇپارائيندڙ: **ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو**

**قيمت:** 100 رپيا

**"Dorey Dithum Deh"**
**By: Aashique Mangi**
**1st Edition: November 2012 A.D**
**Published by: Dahap Publication, Larkano, Sindh.**
**E-mail: dahappublication@yahoo.com**

اسٽاڪسٽ:
* **مهراڻ ڪتاب گهر**، ويجهو گهنٽي ٽاور، لاڙڪاڻو * **رابيل ڪتاب گهر**، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو * **المنعم لائبرري**، ٨٩-پروفيسرس ڪالوني، لاڙڪاڻو * **انٽيل ڪميونيڪيشنز**، حيدرآباد * **سنڌيڪا بوڪ شاپ**، حيدر چوڪ، حيدرآباد * **سنڌ بڪ ڪلب**، مريم روڊ، نواب شاهہ * **الفقراء ڪتاب گهر**، سانگهڙ * **فرخ ڪتاب گهر** سکر * **نويد سراج بڪ اسٽور**، قنبر * **ڪامريڊ بڪ اسٽال**، ڄامشورو.

رابطي لاءِ:
رياضت ٻرڙو، فزڪس ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو، پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو. موبائيل فون: 0333 7533011

# انتساب

مون کي موٽ ٻڌي وئي آهي،
ڪنهن باغيءَ جا خواب ڏسان
ٿو،
ڪيڏي ننڊ وٺي وئي آهي،
آزاديءَ جا خواب ڏسان ٿو.

(تاجل بيوس)

مان پنهنجو هيءُ پيار پريو پورهيو، محترم عطا محمد ڀنڀرو جي نالي منسوب ڪيان ٿو، جيڪو مظلوم قوم ۽ هن ڌرتيءَ جو حقيقي ۽ بي لوث محقق، تاريخدان، مترجم ۽ فلاسافر آهي.

اسان آزادي ٻڌي آهي پر آزاد معاشرو ڏٺو ئي ناهي.
ڪيس نانءَ نهال، پسڻ تان پري ٿيو.
(شاهہ)

عاشق منگي

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(196)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ڏوري ڏٺم ڏيهه“** محترم استاد **عاشق منگي** صاحب جي يادگيرين، تاثراتن، ساروڻين ۽ سفري روئيداد تي مشتمل آهي.

ساروڻيون به خوشبودار ساهه جيان هونديون آهن، وجود منجهه اچن ۽ وڃن، ۽ جيءَ کي هٻڪاري ڇڏن. ايئن جيڪي ساروڻيون وجود منجهه اچي، جهٽجي ويون، يعني لکجي ويون، تن جي ڇا ڳالهه ڪجي! انهن جي ڪهڙِي ۽ ڪنهن سان ڀيٽ ڪجي!
اسان جي مانائتي استاد، سائين عاشق منگيءَ به پنهنجي زندگيءَ جي ساروڻين کي ماضيءَ جي ڪهڪشائن مان ڇهتي ورتو آهي ۽ قلمبند ڪري، هڪ نئين حياتي ڏئي ڇڏي آهي.

هي ڪتاب ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو پاران 2012ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون سان انجنيئر عبد الوهاب سهتي جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي عنايت ڪئي.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| پنهنجو ڏيهہ، پنهنجا ڏيهي | رياضت برڙو | 07 |
| عشق جي اسرار ۾ ٻڏل عاشق | عنايت ميمڻ | 08 |
| ڏوري ڏنائين ڏيهہُ | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 11 |
| اندر جو آواز | عاشق منگي | 15 |

| | |
|---|---|
| ٽر سيمينار | 18 |
| جهوڪ ڏانهن پنڌ | 26 |
| سنڌي ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي سوچ | 34 |
| ڦتل واهہ، واهڙ ۽ واهيون | 48 |
| نئون ديرو: نئون جوش ۽ جذبو ڏيندڙ شهر | 58 |
| محمد عيسيٰ کنڌر: جهانديدہ شخص | 72 |
| غلام اڪبر سومرو: روايتن جو پاسدار استاد | 83 |
| غلام نبي شاهاڻي: تعليمي آفيسر | 93 |
| سنڌي ٻولي ۽ سماج جو تجزيو | 96 |
| ٻُري هن پنيور ۾ | 108 |

# پنهنجو ڏيهه, پنهنجا ڏيهي

چيو ويندو آهي تہ ساروڻين ڪي دل ۾ جاءِ آهي.
دل، جيڪڏهن سجو بدن ۽ مَن آهي، تہ پوءِ اها ڳالهہ سچِي، چو تہ ساروڻين ڪي سجي وجود ۾ سمائجي وڃڻ جي اتم سگهہ هوندي آهي، جا جڏهن پاڻ پَسائيندي آهي تہ لونءُ لونءُ ۾ محسوس ٿيڻ ۽ دل جي دهڪي وانگر ڌڙڪڻ لڳندي آهي.
ساروڻيون بہ خوشبودار ساهن جيان هونديون آهن، وجود منجهہ اچن ۽ وڃن، ۽ جيءَ کي هٻڪاري ڇڏن.
ايئن جيڪي ساروڻيون وجود منجهہ اچي، جهنجي ويون، يعني لکجي ويون، تن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! انهن جي کهڙِي ۽ ڪنهن سان ڀيٽ ڪجي!
اسان جي مانائتي استاد، سائين عاشق منگيءَ بہ پنهنجي زندگيءَ جي ساروڻين کي ماضيءَ جي ڪهڪشائن مان جَهتي ورتو آهي ۽ قلمبند ڪري، هڪ نئين حياتي ڏئي ڇڏي آهي.
عاشق منگيءَ جي ساروڻين جو پهريون مجموعو **"نئون ديرو: دل وارن جو ديرو"** مئي 2012ع ۾ ڇپيو، ۽ هي ٻيو مجموعو **"ڏوري ڏنم ڏيهہ"** اوهان جي هٿن ۾ آهي. پهرئين ڪتاب جون ساروڻيون سندس جنم-ڳوٺ مسوديري ۽ نئين ديري کي ويڙهيون وينيون هيون، جڏهن تہ هِنَ، نئين ڪتاب ۾ سنڌ جي ٻين سهڻن هنڌن کي بہ ڀاڪر منجهہ ڀريو اٿائين، تہ سياسي ۽ سماجي سوچن کي اظهارڻ سميت، ڪجهہ شخصيتن کي بہ ساريو اٿائين ۽ پنهنجي شهر نئين ديري ڏانهن يادگيرين جي موٽ بہ ڪئي اٿائين.
منگي صاحب جي لکڻي سادگيءَ ڀري ۽ سهنجي تہ آهي، پر هن ڪيترين ئي جڳهين تي وٽندڙ شعرن جو نهڪندڙ استعمال بہ ڪيو آهي، جنهن سان سندس لکڻين ۾ ادبي رنگ بہ ڀرجي پيو آهي.
عاشق منگي صاحب جي جذبن مان سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سندس محبت جو اظهار ٿئي ٿو.
هي ڪتاب **"ڏوري ڏنم ڏيهہ"** ان محبت جو ئي هڪ سندر روپ آهي.

**رياضت برڙو**
25 آڪٽوبر 2012ع، لاڙڪاڻو
موبائيل نمبر: 03337533011

# عشق جي اسرار ۾ ٻڏل عاشق

عاشق منگي ادبي دنيا ۾ پنهنجي پهرئين يادگيرين واري ڪتاب ”نئون ديرو: دل وارن جو ديرو“ سان شامل ٿيو. بنيادي طور تي پاڻ استاد آهي ۽ فخريه انداز سان چوندو آهي ته ”مرڻ گهڙيءَ تائين استاد ئي رهندس.“ سچ چيو اٿن ته استاد رٽائرڊ نه ٿيندا آهن.
عاشق منگي تڏهن جو استاد آهي، جڏهن سنڌي علمي دنيا ۾ ويزا ڪلچر نه هيو، نه يونين بازي هئي ۽ نه اسڪول جي هيڊماستر جي پوسٽ، سياسي هوندي هئي. بس استاد، استاد هيو، جنهن جي دل سان عزت ڪبي هئي. اسان جو استاد، اسان جو مسيحا هيو. هن سان نِوڙي ملبو هيو. عقيدت جي اظهار جو اهو روحاني طريقو آهي، جيڪو سنڌي سماج جي خمير ۾ شامل آهي.
ان جي ابتڙ هاڻي جي استاد جو اصول آهي ته ڪيس پڙهائڻو ناهي، نه ڪاليج وڃڻو آهي، نه اسڪول جي چانئٺ ٽپڻي آهي، پر حق سيئي ونڻا آهن ۽ پاڻ ڪي استاد ۽ پروفيسر به سڏرائڻو آهي. پر اڄ ڪلهه اهو معيار ڪٿي؟
عاشق منگيءَ جي سڄي زندگي، عشق جي اسرار سان پريل آهي. هو پنهنجي اردگرد جي ماحول، ماڻهن، ماڳن ۽ سنڌ سان والهانه عشق ڪري ٿو. ائين هڪ حوالي سان هو پنهنجي نالي جو پرمر رکندو اچي ٿو.
عاشق منگيءَ جي پهرئين ڪتاب جون يادگيريون نئين ديري جي تاريخ ڪي اجاگر ڪن ٿيون. هن جو هيءُ ٻيو ڪتاب آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ماڳن، مڪانن ۽ ماڻهن جو ذڪر آهي. ٽر جو ۽ ٽر واسين جو ذڪر آهي. اوترو ئي محبت ۽ عشق سان هن ”جهوڪ ڏانهن پنڌ“ ۾ پنهنجي اندر جي وارتا ڪي اجاگر ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جو درد محسوس ڪري سگهجي ٿو. هو جڏهن ٽر سيمينار جو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن جڻ سندس قلم مان سموري سنڌ جو درد، ڪنهن سور سان ڦيٽون ڪائيندڙ ماءُ جيان ايري اچي ٿو.
عاشق منگي سنجيدگيءَ سان محسوس ڪري ٿو ته: سنڌ اندروني توڙي ٻاهرئين عذاب ۾ وڪوڙيل آهي. سنڌ جي ٻهراڙي توڙي شهرَ رهزنن جي ور چڙهيل آهن ۽ سنڌي ماڻهو نِڌڪو ٿيندو وڃي ٿو. سنڌ گدڙ ڪائيندا وڃن ٿا ۽ اسان خاموش تماشائي بڻجي، اهو تماشو ڏسندا رهون ٿا.
عاشق منگي جڏهن سائين غلام اڪبر سومري تي قلم ڪٽي ٿو ته جڻ اڄ جي استاد تي ڪاوڙ اچي ٿي، جيڪو پنهنجي حقن جي ڳالهه ته رودن ۽ رستن تي ڪنهن سياسي

تنظيم جيان ڪري ٿو پر پنهنجا فرض وساري ويهي ٿو ۽ ويزا وٺي پنهنجي ئي ديس ۾ پرديسي بڻجي پوي ٿو.

سائين جي ايم سيد، سنڌ جي تاريخ تي دائمي احسان ڪيو جو هن مذهبي ۽ درباري دانشور ڪان سنڌ جي تاريخ ڪسي نج قومي انداز سان سنڌ جي تاريخ کي اجاگر ڪيو ۽ سنڌ کي مذهبي جنونيت کان آجو ڪيو، سنڌ ۾ ترقي پسند احساس کي جنم ڏنو، جنهن ۾ هندو اسان جا دشمن نه، پر اسان جا ڀائر آهن. هن ڌرتيءَ جا اصلي وارث آهن.

عاشق منگيءَ جي عشق جي دعويٰ به، سنڌ سان ايئن آهي جيئن جي ايم سيد سوچيندو هيو. اها سنڌ سان عشق جي ابتدا هئي، جنهن تحت عاشق منگيءَ لکڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي جذبن کي اظهاريو آهي. هونئن تيندو ايئن آهي ته رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، ماڻهو ڪا کنڊ وٺي، گوشه نشيني اختيار ڪندو آهي. پر عاشق منگي گوشه نشينيءَ کي ڇڏي نروار ٿي، ڪَنڊن جي سفر تي پنهنجو پنڌ جاري رکيو آهي.

سٺ ٻاهٺ سالن جو هيءُ ارڏو انسان، اڃا دلي طرح نوجوان آهي ۽ عمر جي هن حصي ۾ به ٿڪو ناهي. هو پنهنجي مڪمل جوهر ۾ جاڪوڙي آهي. هن سان رهي ڪري، ٿورڙي عرصي ۾ مون اهو سنجيدگيءَ سان محسوس ڪيو آهي ته: ”عاشق منگي، انتهائي محبت ڪندڙ ۽ پنهنجي لکڻين سان سچو آهي. عام ليکڪن وانگي حالتن مطابق ۽ شخصيتن آهر ڳالهه نه ڪندو آهي. سندس دل ۾ جيڪي هوندو آهي، سو ئي سندس زبان تي محسوس ڪيو اٿم.“

هو خوشنصيب آهي جو سنڌ جي ڀهراڙيءَ ۾ رهي ٿو. سنڌ جي ڪچي ۾ هن ننڍپڻ ۽ جواني گذاري آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو سندس لکڻين ۾ مٽيءَ جي مهڪ محسوس ٿئي ٿي.

عاشق منگيءَ سان منهنجي ملاقات ڪا پراڻي ڪونهي. اسان سينيءَ سان ملاقات جو مرڪز حقيقت ۾ پروفيسر نذير سومرو هيو. وهاب سهتو جڏهن جيڪب آباد مان موڪل واري ڏينهن ايندو هيو ته اسان جي ملاقات هن سان ٿيندي هئي. باقي پنجن ڇهه ڏينهن، مان پروفيسر سان اڪثر شام جو ملندو هيس. سندس ملڻ جو مرڪز هيو مهراڻ هوٽل، ممتاز هوٽل يا فيض چڄڙي وارو رابيل ڪتاب گهر. لاڙڪاڻي جي سينيءَ اديبن سان هن جي ويجهڙائپ هئي. هو سيني اديبن سان ملي، منهن ڏيڪاري، رات جو نائين ڏهين کان پوءِ نئون ديرو ويندو هيو. ادب جي هر موضوع تي ڳالهائڻ وارو ماڻهو هيو، ان ڪري تنقيدي ادب ۾ هن جي اهميت وڌڻ لڳي.

اردو ادب جي حوالي سان ڪيس سني جاڻ هئي، جنهن تي به تنقيد ڪندو هيو، ان جي پراءِ ۾ ڪتابن جا رفرنس ڏيندو هيو. ڪيس ڪتابن جا حوالا صفحن پيري ياد هوندا هيا.

ساڻس ملاقاتن ۾ مننار، رشيد ڪٽپر ۽ عاشق منگيءَ جو ذڪر نڪرندو هيو. ڪچهريءَ جا ٻه ٽي ڪلاڪ ڪيئن گذري ويندا هيا، خبر ئي ڪا نه پوندي هئي.
هو وهاب سهتي تي تنقيد ڪرڻ کان پوءِ، سندس دوست ٻڻيو. محمد علي پناڻ ۽ رزاق مهر سان ويجهڙائپ جي ڪري جيڪي منهنجا دوست بڻيا، تن ۾ وهاب سهتو ۽ پروفيسر شامل هيا. جڏهن ته عاشق منگيءَ سان نيازمنديءَ جي واٽ به وهاب سهتي جي معرفت ٿي. بهرحال اهو زندگيءَ جو سفر آهي، جنهن ۾ ماڻهو هليا ويندا آهن پر انهن جا ڪردار اسان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن.
پروفيسر نذير سومرو بي مهلو گذاري ويو. اڄ اهي ٻئي هوٽل آهن پَر پروفيسر نذير اسان ۾ موجود ناهي! جڏهن ته اسان پروفيسر سان محبت ڪرڻ وارا دوست، رب جي مهربانيءَ سان اڃا موجود آهيون.
پروفيسر جي حوالي سان گڏيل تعزيتي ميڙاڪي جو پروگرام ڪيو هيوسين، جنهن ۾ عاشق منگيءَ سان به ملاقات ٿي. اهڙيءَ طرح نئين ديري سان اسان جو ناتو ٻيهر جڙيو ۽ برقرار ٿيو، ڇو جو عاشق منگي اسان جي محبت جو مرڪز بڻيو. اهو نئين ديري جي مٽيءَ جو اثر آهي يا اڃا ٻيو ڪو سبب آهي! نئون ديرو هر وقت، دل جي ديري ۾ آباد رهي ٿو. مننار سولنگي هجي، پروفيسر نذير هجي يا عاشق منگي، اسان جي عشق جو محور ساڳيو آهي ”قلم جو قبيلو.“
اهو ئي قلم جو قبيلو آهي، جيڪو گڏجي محبت ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. اسان جي محبت جو محور هوڻئن به هيءَ مٽي آهي، جنهن جي خمير مان اسان جڙي راس ٿيا آهيون. اسان جي شاعري ۽ ادب جي ٻين صنفن مان جيسيتائين اها مٽيءَ جي مهڪ نٿي اچي، تيسيتائين اسان جي وجود جو قرض نٿو لهي. اهو احساس عاشق منگيءَ جي لکڻين مان يقينًا ملي ٿو.
عاشق منگيءَ جي هن لکڻ جي جنون پويان به عشق آهي، جيڪو ڪيس لکرائي ٿو. هو لکي ٿو ۽ پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياري ٿو. هن جي هٿ ۾ قلم آهي ۽ اهڙو لکڻ جو هنر سيني کي اچي، اهو ممڪن ناهي.
مون جمعي فقير کان هڪ دفعي پڇيو هيو: ”جمعا فقير ڪڏهن عشق ڪيئي؟“
جمعي فقير کلندي چيو هيو: ”پيارا! اهو عشق ئي ته آهي، جيڪو پنائي ٿو. نه ته هي لٽ ۽ لوٽو تون ته ڪٽي ڏيکار!“

**عنايت ميمڻ**
لاهوري محلا لاڙڪاڻو
۰۸ آگسٽ ۲۰۱۲ع

# ڏوري ڏنائين ڏيهه

ربِ ڪائنات، چئن عناصر مان جوڙيل جنهن پرٿويءَ تي هيءُ مانداڻ جوڙيو آهي، تنهن جا بہ عجيب رنگَ ۽ بوءِ آهن. مٽيءَ ۽ منجهائنس خليقل شين کي ڏسو تہ عقل حيران آهي. باھ جي ڪارنامن ڏي نظر ڪر تہ چا ڪرشماتي منظر آهن! پاڻيءَ جي وجود تي نظر ڦير تہ عقل چرخ تي تو وجي. هوا جنهن کي فقط محسوس ڪري سگھجي ٿو، ان جي هجڻ ۽ نہ هجڻ سان ڪيڏا نہ تغير ۽ ڦيرا آهن!

ڌرتيءَ تي انهن چئن عنصرن جي ميلاپ سان جيڪي مانداڻ متل آهن، تن جي ڪهڙي بات ڪجي! نہ زبان کي بيان ڪرڻ جي طاقت آهي ۽ نہ عقل کي عنصرن جي احاطي جي استعداد آهي. نہ ذهن انهن زواين کي پرکي سگهي ٿو ۽ نہ ئي وري ڪا ٻولي انهن کي بيان ڪرڻ لاءِ ٻکُ وجهي سگهي ٿي.

انسان ڌرتيءَ جي جنهن خطي تي ڄائو آهي، تنهن سان ڪيس اڻ-لکي محبت ٿئي ٿي. ان محبت جي صدقي ڪيس انهن رندن ۽ پنڌن، پڊن ۽ پٽن، جهنگن ۽ ٻنين، واهڙن ۽ ويءَ سان پڻ انس پيدا ٿئي ٿو، جيڪي سندس آس پاس ۽ ارد گرد ۾ هجن ٿا. ان وستيءَ کي وسئن بخشيندڙ هر مادي جيوت: حيوانات، جمادات، نباتات سان ڪيس محبت ٿئي ٿي. انهن کي ڪولڻ ۽ ڄاڃڻ، سمجھڻ ۽ پرکڻ لاءِ منجهس اڻ تڻ پيدا ٿئي ٿي. مٿن سوچ ويچار، غور فڪر ڪري ٿو. انهن جو منڍ-پڇ ڄاڃي ٿو. منجهائن ملندڙ منافعن نقصانن تي ويچار وندي ورڇي ٿو.

جنهن گهر ۾ ڄائو آهي ۽ اور پوريل اٿس، تنهن لاءِ تہ ڪيس دل ۾ ڪشش آهي پر جنهن گهٽيءَ ۾ ٻانڀڙا پائي پليو آهي ۽ منجهس پاڻ جيترن جيتامڙن سان راند روند ڪري مٽيءَ ۾ ليٽڙيون پاتيون اٿائين، تنهن گهٽيءَ جي مٽيءَ جي مهڪ ۽ خوشبوءِ ڪيس ساري عمر مقيد ڪندي رهي آهي. جن سان ننڍو تي وڏو ٿيو آهي، تن کي سمجهڻ لاءِ بي پناھ جستجو رهيس ٿي. جن اوطاقن جي اندر، ٿيل ڪچهرين کي ٻڌو اٿائين، تن اوطاقن جي کٽن ۽ منجن، چنن ۽ ڪونن، دلي ۽ مٽ ڪان ونڻي گاھ ۽ ڪتر مشين ٿائين، هڙئي سندس دل ۾ واسو ڪيل آهن. اوطاقي مڙسن جي ڪچهرين ۽ ڳالهين مان جيڪو حِس ۽ حِظ حاصل ٿيس، تن هڙني کي بہ هڙ ۽ هنج ۾ ورتو اٿائين. نہ هنن کي هٿان ڇڏڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ هنن مان ٻک ڪيڻ لاءِ.

جلباڻي سردارن جي ڳوٺ مسوديري اندر، حجمن جي ٻارن وانگر، رلي پني پليو آهي ۽ اتي جون يادگيريون بہ ڪيس پاڻ ورجائڻ تي مجبور ڪيون بيٺيون آهن تہ نئين ديري اندر جوين ۽ جواني ڏيڻ سبب، اتان جا واهڙ ۽ گهٽيون، ڪيس پاڻَ تي لکڻ لاءِ ستائي

رهيا آهن. ٻنهي وستين ۾ وڃايل، عمر جي موڙيءَ سان، جيڪا حاصلات تي اٽس سا ڪيس لکڻ لاءِ اتساهي پئي. هڪ جندڙي، هزار حوال. لکي ته ڇا تي لکي، ڇڏي ته ڇا ڪي ڇڏي! حجمن جا حوال ڏکيا، ڪتابن جا پيٽ ننڍا. نه حوال هُنن جي پيٽ ۾ ٿا ٽڪن، نه حوال هِنن جو پيٽ ٿا پرين. هر هنڌ اڃا اڃا جي اڄ ۽ اساٽ آهي. لکي ٿو مسوديرو تي ته نئون ڏيرو رنو ٿو وڃي. لکي ٿو نئون ڏيرو تي، ته مسوديرو ڪاوڙيو ٿو وڃي. وڃي ته وڃي ڪيڏانهن، ڪري ته ڪري ڪوهه؟

ٻنهي هنڌن تي ڳالهيون ڳول ته ڳالهين جا ڳوٺ، ماڻهو ميڙ ته ماڻهن جا ڏنب ۽ انبوهه، واٽون وڙول ته واٽون ويهه. واهڙ ويچار ته انهن جو به نه اٽو نه مٽو. ڪري ٿو فتوئل واهه جو ذڪر ته وچ ۾ گهاڙ واهه ۽ سڪر واهه ٿا ٽپيو پون. ڪري ٿو تذڪرو گهاڙ واهه جو ته وچ ۾ فورڊ واهه ٽنبڪو ڏيو بيٺو آهي. حالات به اهڙا آهن جو وائڙو ڪري ٿا ڇڏين. هٽين متي پر ته بيٺا آهن پيرن پر، هٽين پير پر ته بيٺا آهن متي پر. رڳو بيهي رهن ته به ڇڱو. هتائين بيهي، چيلهه تي هٿ رکي، نڪ کي موڙو ڏئي، چپن کي چبو ڪري پيا چيڀارا ڪڍن ۽ ڪلون ٺٺوليون ڪن. جڏهن تاريخ جي ڄاڻن ڪان، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جون ڳتيل ڳوپيل ڳنديون، هڪ دفعو جاگرافيائي پڊن ڦٽي وڃڻ پڄاڻان، ڪڏهن نه سلجهي سگهيون آهن. اهي به ٿاڦوڙن هٿڻ ۾ پورا آهن. ان جڳهه تي، ماستريءَ جي خول ۾ بند رهڻ وارو، محدود وسائل سان ڇا چيني نبيري ۽ نکيڙ ڪندو. جتي جاگرافيءَ جي ڄاڻو جڳادرين بيهي، پاڻيءَ ۾ لنيون هنيون آهن، تتي اگر هڪ ماستر پري کان بيهي ڦوڙهه اڇليو ته اهو ان جي اندر جو اڌمو هيو. اهو پيندڙ تاريخ يا جاگرافيءَ ۾ ڪو اضافو ته ڪو نه ڪندو پر ڪکر ۾ ڪڙو ضرور ثابت ٿيندو. ڇو جو گهاڙ ۽ سڪر، فتوئل ۽ فورڊ واهه ڇا، بلڪ سموري سنڌ جا سمورا واهه، جيڪي ١٩٣٢ع جي زرعي اصلاحات کان اڳ، قدرتي ڦاٽن مان اُڙها پئي، تن سمورن جا پيٽ والارجي، سڌا سنوان تي ويا آهن. انساني عقل ۽ انجنيئرنگ جي مدد سان جوڙيل سسٽم جو هڪ محدود دائره ڪار هوندو آهي. قدرتي وهڪرن ۽ لاهين جا پنهنجا رند ڪنڌ هوندا آهن. انجنيئر، ڊزائين ڏيڻ وقت، قدرتي وسيلن ۽ وهڪرن کي نظر ۾ رکندي، ڊزائين ڏيندا آهن ۽ ساڻن هٿ-چراند جو پاڻ ۾ ساهس به نه پائيندا آهن. اهي انهن گهٽن گهيڙن کي انهيءَ رنگ ڍنگ ۾ ضرور ڇڏيندا آهن. متان قدرت وارو، ڪڏهن پنهنجي وهڪرن کي وري بحال ڪري وجهي. صدين پڄاڻان ائين ٿيندو به آهي. زمينن کي آباد ڪرڻ وارا واهه ۽ شهرن منجهه جڙيل گندي پاڻيءَ جون ناليون، قدرتي وهڪرن ۽ لاهين کي نظر انداز ڪري، جڏهن به ڊزائين ٿيا آهن، يا متن حدخليون ٿيون آهن، تڏهن تباهيون ضرور آيون آهن. ٢٠١٠ع واري مها ٻوڏ ان جو ادنيٰ مثال آهي.

هيءُ جيڪو چرين وانگر ٻاڪاريندو نظر ٿو اچي ۽ چوي ٿو: فتوئل ڦٽي ويو، گهاڙ واهہ گهٽجي پورجي ويو. سکر واهہ سڪي ۽ سارين جي پوک لائق ٿي ويو. فورڊ واهہ جو پيٽ پرجي، زيتونن جا باغ ٿي ويا. اهي اڄ پلي اجايون ڳاليهون نظر اچن. پر سياڻي جڏهن، قدرتي نعمتن جو رنگ ڦرندو ۽ آفتن جو روپ اختيار ڪنديون، تڏهن مجبور ٿي پراڻن وهڪرن کي بحال ڪرڻ لاءِ سوچڻو پوندو. انهن جي جيڪڏهن اڄ نشاندهي ٿيل هوندي تہ سياڻي ڪين ڪوٺي بحال ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. جيڪڏهن انهن جا نشان، سندن نقش و نگار، اڄ وانگر ڦٽي ٽٽي ويا تہ پوءِ، سياڻي ايندڙ نسل کي سواءِ ويرانيءَ جي ٻيو ڪجھ بہ پلئہ نہ پوندو.

ڦٽل گهاڙ واهہ جي پيٽ ۾ مٽي پري، ٽلها ناهي، چنون ۽ لانڍيون هٽي، گهرڙا ناهي، ٻچا ٽانيڪا ڪري، شهر اندر روزگار کي جنبي وجڻ ۽ پنهنجي عمر، منجهس ڳاري ڇڏڻ جون بہ پنهنجيون يادگيريون آهن. انهن کي سارڻ بہ انهن جو حق آهي. انهن جي بہ هڪ تاريخ آهي. اهي بہ وقت جي وهڪرن ۾ وهي، معرضِ وجود ۾ آيون آهن. گهٽين ۽ اوطاقن، مسجدن ۽ مدرسن، دڪانن ۽ گهرن جو ذڪر پڻ، پاڻُ ورجائڻ تي ستائيندو رهندو آهي. جن دوستن سان چوياريءَ ۾ اٿجي ويهجي ٿو، ساٿن گڏ راند روند ڪجي ٿي، علم پرائڻ لاءِ تعليم و تربيت حاصل ڪجي ٿي، تن جا احوال نند نہ ڪرڻ نہ ٿا ڏين. ڪچيءَ نند مان ڏونڌاري اٿاري ڇڏين ٿا. پاڻ تي لکڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. انهن بابت تاثرات بيان ڪرڻ، انهن جو بار لاهڻ برابر تہ آهي، پر پنهنجي پاڻ کي قرار ۾ رکڻ جو هڪڙو نسخو پڻ.

انسان هن ڌرتيءَ تي، ڪمن ڪارين کان علاوه، وندر ورونهن خاطر پڻ هلي چلي ٿو، ڏسي پسي ٿو. اها گهمڻ گهتڻ واري سفري رواداد ڪيس قلمبند ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. چپ رهڻ ۽ سک سان سمهڻ، اها بہ نہ ٿي ڏئي. شاهہ عنايت جو ميلو هجي يا عمرڪوٽ ۾ ٿر سيمينار هجي. پٽ شاهہ تي دنيا جي عظيم ڏاهي ۽ وليءَ، شاهہ لطيف جي جمڻ جو جشن هجي. گهمڻ لاءِ دل گهري ۽ ڏسڻ لاءِ اک گهري، تہ پوءِ لکڻ لاءِ هٿ ۽ قلم بہ چرڻ گهرن ٿا.

يادگيريون، تاثرات ۽ سفري رواداد، جڏهن ستائيندا ۽ من ۾ مانڌاڻ مچائيندا آهن تڏهن سواءِ لکي جان ڇڏائڻ جي ٻيو چارو نہ هوندو آهي. هڪ اکرن جو عالم ۽ استاد هجي، مٿان مشاهد ماڻڻ جا موقعا بہ ملنس. لکڻ جو بہ ڏانءُ هجيس ۽ سنگت بہ هُشي ۽ همت افزائي ڪرائيس تہ پوءِ ويني ڪيس ڪٿان قرار ايندو. دهل وڄي ۽ دوسو نہ نچي! اڻ ٿيڻي ڳالهہ!

جيڪي جنهن ماحول ۾ پلبا آهن، تن تي تنهن ماحول جا اثرات ضرور مرتب ٿيل هوندا آهن. جن جي زبان ۽ قينچي، ساڳي رفتار سان هلندي هجي، تن کي ڏسڻ وارن تي پڻ

ساڳيا اثرات پوندا آهن. پر هتي اثر ابتو تو نظر اچي. هن جي زبان ۽ قئنچيءَ کان، چڳ ۽ پڳ وڍجندي بچيل آهن. لکڻ وارو لکڻ ۾ ايترو محتاط آهي، جيئن مچي کائڻ وارو، مچي کائڻ وقت، چبي چتي ڪاڏي تي ڏند ڏيندو آهي. سچتائيءَ سان چُپَ چوريندو آهي، احتياط سان زبان ڦيريندو آهي ۽ ڏيان ذري نڙيءَ مان ڳيت ڏيندو آهي، چو جو کيس خبر آهي تہ هڪ دفعو نڙيءَ کان هيٺ لٿل ڪندو، معديءَ ۽ آندن ۾ ڪهڙا ڪلم ڪندو آهي.

ائين هن ڪتاب جي ليکڪ جي لکيت مان اندازو ٿئي ٿو تہ کيس خبر آهي تہ: ”چٽل تير، ڏڌل ڪير، نڪتل گفتو، ڪڏهن بہ موٽي ماڳ نہ پهتو.“ پوءِ جي ابول ڪرڻ کان، اڳ ئي سوچي سمجهي، قدم ڪٽجي ۽ وک وڌائجي. قلم ڪي قلم سمجهي وهائجي ۽ تلوار سمجهي، بہ-هٽڙيو، اکيون پوري، نہ پيڙجي. انهيءَ اپرانڌ، منگي محتاط ٿو نظرجي. جنهن تي بہ قلم ڪنيو اٿائين، احتياط سان ڪنيو اٿائين. چندن کان پنهنجو دامن تہ بچايو اٿائين، پر اڳلي ڪي بہ عزت افزائي ڏني اٿائين. پوءِ يلي ميجر مجاهد ميراڻيءَ جي شهادت جو حوال هجي يا اڪبر سومري جي زندگيءَ جو فسانو، غلام نبي شاهاڻيءَ جو تذڪرو هجي يا محمد عيسيٰ ڪنڌر جو مذاڪرو. مڙني ۾ پاڻ نباهي چڙهيو آهي. اميد تہ اڳتي بہ عاشق، اهڙي انهماڪ سان اکر اوڳاڇيندو. تنهن هوندي بہ دعا آهي تہ رب پاڪ، کيس پنهنجي حفظ و امان ۾ رکندو ۽ سندس قلم کي اوڙي پاڙي جي ننگ ۽ ناموس جو محافظ بڻائيندو.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

٨٩- پروفيسر ڪالوني لاڙڪاڻو

٢٤ آڪٽوبر ٢٠١٢ع

# اندر جو آواز

سچ تہ اهو آهي تہ لکڻ وڏو جهنجهٽ آهي، پوءِ بہ لکان ٿو، ان جا ڪيترا ئي سبب آهن:
۱.جيڪو پڙهيو اٿم، سو پنهنجي انداز ۾ لکان.
۲.جيڪو ٻين جي لکڻ کان رهجي ويو آهي، سو محفوظ ڪري ڇڏيان.
۳.پنهنجي اندر جي بوجهہ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.
۴.غلاميءَ کان جيڪا نفرت، منهنجي اندر ۾ آهي، سا ٻين تائين پهچي وڃي.
۵.سنڌ جي ساٿ سان وفا جو ثبوت بہ ٿي وڃي.
اڄا منهنجون لکيتون ڇپجڻ ئي شروع مس ٿيون هيون، جو سنگت ساٿ مان مٿن ڇؤڇڇؤ ۽ سُرٻات شروع ٿي ويا، جيڪي تو مان جي واتان ٻاهور جي صورت ۾ ڪنين پُرندا رهيا.
”نئون ديرو، موهن جو دڙو ناهي، جو ان تي لکجي!“
منهنجي طبيعت ۽ قابليت تي الائي ڇا ڇا چيو ويو، پوءِ بہ ”نئون ديرو: دل وارن جو ديرو“ ڇپجي ويو. هيءُ ٻيو ڪتاب وري اوهان جي هٿن ۾ آهي. سڄي عمر سليبس جا ڪتاب پڙهيا ۽ پڙهايا آهن. مُروج طريقن کان هٽي ڪري، نئون اسلوب ان ڪري اختيار ڪيم تہ جيئن پڙهندڙن جي چاهت برقرار رهي. لکندي مون کان لکڻ جا ضابطا وسريو وڃن. هڪ ڏُن ۾، جيئن من ۾ آيو، تيئن لکندو ويس.
اِهو اعتراف ٿو ڪريان تہ مون کان سخت محنت نہ ٿي ٿئي. ڏاڍو روڳي ۽ سست آهيان. دوست، نوڪريءَ وارا ۽ مصروف آهن. گهر ۾ ياءُ ۽ پُٽ ٻانهن ٻيلي آهن. سيني جي صلاح سان اِئين ئي لکڻ منهنجي وس آهي.
اندر جو عذاب ڪڏهن وڏي وڃي ٿو. ننڊ ۽ آرام ڦٽي وڃي ٿو. پر آخر ۾ اهو احساس جنم وٺي ٿو تہ: ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري رهيو آهيان.
تنهن جا نيڻ بہ ٻوٽيا، اُپ ڪروڙين نيڻ،
متان واتان ويڻ، مرندي ڏئين هوت کي. (تاجل)
مون کي پنهنجي وڏڙن ”بهتر سنڌ“ ڏني هئي. مان پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ، بکن ۽ بيروزگاريءَ، ڏکن ۽ ڏولاون، خوف ۽ بدحاليءَ واري سنڌ ڇڏي ويندس. اندر جي انهيءَ احساس کي گهٽائڻ ۽ پاڻ کي اٺ-پکي سڌرائڻ کان بچڻ لاءِ، ڪوشش ڪيان ٿو.
ڪانيءَ جهڙي ڪولهٽي، ڇيهاڙيون چولي،
ٻُڌم جو ٻولي، وسري چنگ رباب ويا. (تاجل)

سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن کي سياست تباھ ڪري ڇڏيو آھي. سنڌ جي پڙھيل لکيل نوجوانن جو ڪو مستقبل نہ رھيو آھي. رشوت ۽ سفارش ڪٿان اچي؟ نوڪرين جي آسري، جوانن جا وار اڇا ٿي ويا آھن. ڏنڌي لاءِ ھمت ۽ ھنر، پئسا ۽ جفاڪشي گھرجي.

تنھن جو ٿڌي ڇانو ۾، جُھري پيو جوين،

منھنجو ھي جيون، ٿرن ۾ تڪجي نہ ٿو. (تاجل)

سنڌ جي معصوميت ۽ مُرڪ، داءَ تي لڳي چُڪي آھي. رڳو مڪاري ۽ مونجھارا، اسان جو مقدر بڻجي ويا آھن.

پير ۽ مير، وزير ۽ مشير تہ ھميشہ ائين رھيا آھن، جيئن ھاڻي آھن. بدليو آھي تہ پڙھيل لکيل ۽ غريب جو ٻار بدليو آھي، جيڪو نوڪري ڪري، پنھنجو پيٽ ۽ سڄو ڪڙم پالي ٿو. انٽليڪچوئل ڪلاس، پنھنجا قدر ۽ رھڻي ڪھڻي بدلائي آھي. تڏھن سنڌ جا ھھڙا حال ٿيا آھن. اسان چڱاين کي ڇڏي، براين کي پاڪرين پئي، پنھنجن پيرن تي ڪھاڙو ھنيو آھي.

جيڪو ڪجھ مون لکيو آھي، اُھو منھنجي احساس، جذبي ۽ سوچ جو نمونو آھي. اختلاف ۽ ھم آھنگي، نفرت ۽ محبت، اوھان جي وس آھي. مان لاچار ۽ بيوس ٿي، لکان ٿو.

سائين ڪرايا سنڌ کي، سورنھن ئي سينگار،

”بيوس“ بي اختيار، عالمُ سڀ آباد ٿيو. (تاجل)

ھي ڪھڙو ڪلور آ! پاڻيءَ ھوندي سوندي، اسان لاءِ ناھي. ڊيم ڀريا پيا آھن. اتر سنڌ ۾ آبادي لاءِ پاڻي ناھي. لاڙ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ ماڻھو تڙپن ٿا. جيڪڏھن ٻوڏ ٿي اچي تہ سنڌن گھر، سامان سميت لڙھيو وڃن. سنڌن عزتون ۽ غيرتون، ننڌ ۽ آرام، راحت ۽ سُڪون داءَ تي لڳيو وڃن. شاعر ڪيڏو نہ، خوبصورت خيال چٽيو آھي:

توڙي پاڻي تار آ، پوءِ بہ اڌورا،

آھيون اڻ پورا، جاني ھن جھان ۾. (تاجل)

محترم عبدالقادر منگي صاحب جا وڙ وسارڻ جھڙا نہ آھن. ھن جي ڪڏي مَنِي گھميم ۽ تر سيمينار ڏنم. ھُن جو قرب منھنجي اندر جي زخمن لاءِ ملم ۽ ڦَھا بڻجي پوندو آھي.

ھِن جي ڪچھريءَ مان مزو ونندو آھيان. الله جي ھُن کي سٺي صحت ڏني. ڪتابن خريد ڪرڻ، گڏ ڪرڻ ۽ پڙھڻ جو شوق نوجوانيءَ کان رکندو اچي. ڪوڪا ڪتابن جا ڏيکاريندو آھي ۽ چوندو آھي: ”ھي ڪٿ، ھُو ڪٿ...“

منگي صاحب ۽ منھنجي عمر، سوشل اسٽيٽس ۽ طرز زندگيءَ ۾ زمين آسمان جيترو فرق آھي، پوءِ بہ حسن ۽ ان جي ادائن وغيرھ تي آزاديءَ سان گفتگو ڪندا آھيون.

ڪتابن، ٻڌ سُڌ، ذاتي تجربا ۽ مشاهدا هڪ-ٻئي سان ونديندا ورهائيندا آهيون. هو ڪاڻ مثل آهي ۽ مان مختصر ميڙا-چونديءَ وارو. ان ڪچهريءَ مان جيڪا خوشبوءِ ۽ هُڳاءُ جڙندو آهي، ان لاءِ ئي تہ چيو ويو آهي:

تنهنجي زلف بند ڪمند وڏا،

حيران هزارين مان نہ رڳو. (مفتون همايوني)

هن ڪتاب لکن لاءِ سيني گهر وارن، يارن دوستن سان گڏ، ”هريش هردم سراءِ“ ۾ گڏ ٽيندڙن جا ٿورا. هريش هردم سراءِ ڊاڪٽر خليل الله شيخ جو تخليق ڪيل محاورو آهي. لاڙڪاڻي شهر اندر موجود هڪ محلي ”قافلا سراءِ“ جي نالي جي تتبع تي، پنهنجي اوطاق لاءِ اهو تخليق ڪيل محاورو استعمال ڪندو آهي.

مون کي احساس آهي تہ منهنجو هيءُ پورهيو، سيني کي ڪو نہ وڻندو هوندو، چو جو پاڻ ڪنهن کي ڪو نہ وڻون، تہ پوءِ ٻين کان ٻير گهرڻ اجايا آهن. هيءُ ڪچاين سان گڏ سچايون، منهنجي ڪشڪول ۾ اوهان آڏو آهن.

هجي ڪا ڪاڻ خوبين جي، خاميءَ کان بنهہ آجي،

نہ پنهنجي زندگي اهڙي، نہ پنهنجي شاعري اهڙي. (نارائڻ شيام)

خوشين ۽ راحتن مان تہ سڀ سرور ماڻين ٿا، پر ڪجهہ وقت درد کي ولوڙي، دلين جي دوا ناهي، ڪنهن نقطي تي گڏ ٿي، دل ٻڌي، همت ڪري لوڪ کي ٻڌائجي:

مون کي ڪهڙي خبر ائين ٿيندو آ،

سجو ساهہ سجڻ ۾ هوندو آ،

غم ايندو آ، لهي ويندو آ،

پر هت تہ رڳو ٻاهہ تي ٻري. (نامعلوم)

هن دونهين دکائڻ ۾، منهنجي مددگارن ۾، ٻن ڄڻن: منظور ڪوهيار ۽ سليم ڪورائي صاحبان جو واڌارو ٿيو آهي. قاضي مقصود گل ۽ ياسر قاضيءَ جا بہ احسان. رشيد احمد ڪٽپر صاحب صلاحون ۽ مشورا ڏنا. عنايت ميمڻ مصروفيتن جي باوجود وقت اندر پنهنجا تاثرات لکي ڏنا. محمد رفيق شيخ هيءُ مواد ڪمپوز ڪيو. الله ﷻ سيني کي پنهنجي امانَ ۾ رکي. (آمين). منهنجي اتساهہ جو سهارو، وري بہ هيءَ سٽ رهي آهي:

”جي قيام مڙن، تہ بہ اوڏو پانئج سپرين.“ (شاهہ)

**عاشق منگي**

نئون ديرو

پهرين آگسٽ ٢٠١٢ع

# ترسيمينار

## عمر ڪوٽ (١٦-١٧ ۽ ١٨ فيبروري ٢٠٠٧ع)

تاريخ ١۴ فيبروري تي، ھاءِ اسڪول ماھوٽا جو ھيڊماستر رٽائر ٿي رھيو ھو. اسٽاف ميمبرن سان گڏ ويھارو کن مھمانن جي ماني وغيره جو بندوبست ڪرڻو ھو. گڏجي پلاننگ ڪري، گلن جا ھار، اجرڪ، ٽوپي ۽ تحفا، عبدالحميد ڪوريجي صاحب کي ڏناسين. تعليم کاتي ۾ صرف پگھار تي گذر ڪرڻ وارو ھيو ۽ ھٿ سنئوءَ وانگر پاڪ پوتر ھئس. فوٽوگرافي، وڊيو ۽ اسڪول اندر گلاب جي گلن ۽ ڏسڻ جھڙي ساوڪ، سيني آيل مھمانن کي خوش ڪري ڇڏيو. زيتونن جي باغن جي وچ ۾ روڊ کان سڏ پنڌ تي، مان اھڙو اسڪول، ٣۵ سالن جي سروس دوارن، اڳي ڪڏھن نہ ڏٺو آھي.

گھر پھتس تہ ڪجھ ٽائيم آھلي پيس. چانھ پي، ٽيلھو ناھڻ شروع ڪيم. نائين بجي گھر ڇڏي نئين ديري اسٽيشن تي پھتس. وڃڻ وارن ۾ ٻہ ٽي مسافر ھئاسون. ويرانيءَ ۾ ڪجھ تڏ محسوس ٿي رھي ھئي. بولان ميل ھڪ ڪلاڪ ليٽ يعني ڏھين وڳي آئي. برٿ جي بڪنگ ڪرائي، ٽيلھو مٿن کان ڏئي، لوئي پائي سمھي پيس. ننڊ ۽ جاڳ سان وقت ۽ سفر گذرندو رھيو. پيٽارو پھچي، اونداھيءَ ۾ ڳوٺ ۽ شھرن جون ٻرندڙ روشنيون ڏسندو رھيس ۽ پنھنجي ديس جي روشن ۽ تاريڪ پھلوئن تي سوچيندو رھيس.

فلسفي ۾ ”اونداھي“ ظلم جي نشاني آھي ۽ روشنائي ”منزل“ ۽ ”جشن بھاران“ وانگر آھي. اسان سنڌين جي اندر ۾ رڳو اونداھيون وڃي بچيون آھن. ٻاھريون خوشيون اسان جي اجتمائي ڏکن کي گھٽائي نہ سگھيون آھن. ايندڙ نسل ۽ اولاد جي فڪر سان گڏ، سنڌ جي امن، معيشت ۽ غيرت جي سوال، اسان کي وقت کان اڳ پوڙھو ۽ چيڙاڪ ڪري ڇڏيو آھي. غور فڪر ۽ سنجيدگيءَ لاءِ، ڪو وقت نہ ٿو ملي. ڪو رھبر، ڪو فڪر نہ آھي، جو زندگيءَ کي صحيح دڳ ڏانھن ھلڻ لاءِ سائي ٻتي ڏيکاري.

جيئڻ جو سھارو صرف مالڪ الملڪ وٽ وڃي بچيو آھي. دنيوي ساٿ سڀ سڀ بيڪار ٿيا آھن. ھن ڌرتيءَ تان منجھ جو سڀ سامان اسان ناھي ڇڏيو آھي. مولانا عبدالوھاب سھتي کي چيو ھيم: ”ڇا اسان جو شمار دنيا جي زنده قومن ۾ ڪري سگھجي ٿو يا اھو صرف اسان جو ضد يا محبت آھي؟ منھنجي خيال ۾ اسان قوم جي حيثيت سان متجي چڪا آھيون.“

هن جواب ڏنو هو: ”پوءِ چا ٿي پيو، هن ڌرتيءَ تي ڪيترين قومن کي، الله تعالیٰ بداخلاق ٿيڻ تي مٽائي ڇڏيو. پاڻ مٽجي وياسون تہ ٻيا اچي جاءِ والاريندا.“

هن منهنجي زخم تي، مرهم رکڻ جي بجاءِ نشتر رکي هئي. مان صرف ايترو چئي سگهيو هيس تہ: ”جيڪي اسان جي جاءِ تي اچن ٿا، اُهي اسان کان وڏا ظالم ۽ بداخلاق نہ آهن، هنن جي سنائي صرف اها آهي جو هو منظم آهن.“

”الله کان ڪير پڇڻ وارو آهي؟“ هن جواب ڏنو هو.

آهستي آهستي سهتي صاحب جو جملو سهي رهيو آهيان ۽ سچ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان.

جامشوري لهي، سيلون تي گرم پاڻيءَ سان غسل ڪري، تيار ٿي، رند هوٽل تي آيس. امڙ جي ڪٽايل ماني ڪولي کاڌم. پٽاٽا، تريل مڇي، ڪوفتا ۽ ڪٽڪ جي مانيءَ سان گڏ چانورن جي ماني بہ هئي. ڪجھ کاڌم ۽ ڪجھ بچائي رکيم. هوٽل جي ماني مون کي بيمار ڪري وجهندي آهي. سني پستن واري چانهہ پي، ٽيلهو ڪٽي ”المنظر“ ڏانهن نڪتس. درياھ جي پل تي تازي هوا آجيان ڪئي. فوٽوگرافي ڪيم. بلڪل ٿورا جوڙا، هڪ ٻئي سان سُسُ پُس ڪري رهيا هئا. جيڪو موقعو اسان کي ويران گهٽين ۾ ملندو هو، اهو هو سر عام، انجواءِ ڪري رهيا هئا. ڪين ڏسي مان جوان ٿيجي ويس. پنهنجو ظاهري روپ وساري وينس. شل! الله هنن جي محبتن جو محافظ ٿيجي. نوجوان، ناجائز کي جائز ٿڻائڻ ۽ ٻين جي عزتن ۽ سنڌي ڪلچر کي داغدار ٿيڻ کان بچائين.

گهر، ٻئي هنڌ ۽ دوستن کي فونيون ڪري وري چانهہ پي اچي ڪراچيءَ جي ڪوچ تي چڙهيس.

ڪراچيءَ پهچي، پنهنجي پٽ سان مليس. هن جي اوسيئڙي ۽ ادب، محبت ۽ خدمتن وري من کي پوڙهو ڪري ڇڏيو. روڊ ۽ رستا، هوٽلون ۽ بازارون، فليٽون ۽ بنگلا سڀ غيرن جا، انهن جي وچ ۾ اسان پيءُ پٽ گهمڻ وارا ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارا اجنبي ماحول ۾ ”عجوبا“ لڳي رهيا هئاسون.

پليجي صاحب جا نعرا: ”هي شهر ڪنهن جا؟ هي روڊ رستا ڪنهن جا؟“ صدين جون صدائون ۽ پڙاڏو ٿيجي ويا، جنهن جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪو نہ هو. منهنجو اندر وارو انسان چئي رهيو هو: ”تنهنجو وجود پيلن ۽ باگڙين وانگر آهي.“

منجهند ڌاري ڪراچيءَ پهتو هئس. پنهنجي پٽ وٽ پڄي، سفر جا ٿڪ لاٿا هيم. ڪچهريون ڪري، رات جو آرام ڪيو هيم. صبح جو سوير تيار ٿي، سهراب ڳوٺ مان ڪلفٽن جي بس پڪڙي، ڪلاڪ سفر ڪري ان ماڻهوءَ وٽ پهتس، جيڪو مون کي پنهنجو عاشق سڏيندو آهي. هو مون کي پرينءَ جي پيار وانگر پيارو آهي. هن سان هڪ

عقيدت ۽ احترام آهي. اسين ۴۰ سالن کان هڪ ٻئي کي سڃاڻون ۽ ٻئي پوڙها آهيون. دل ۾ چوندو آهيان: ”اجايو ايڏو اعتبار تو ڪري.“

ناشتي ۽ چانهه سان گڏ مختصر احوال ٿيو. وري الڳ ٿياسين ۽ پوءِ فونن تي رابطو رهيو. سندس صلاح سان، عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پهتس. سفر آرامده رهيو. سي ڊيز، آڊيو، ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪچهري.

قلعي جي اندر داخلا جي وڏي اُپ-ڪپري چاڙهي چڙهڻ سان صفائي، چٽڪار ۽ ٻيو بندوبست ڏسي، احساس ٿيو ته هر شيءِ تيار آهي. ڪافي ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا. گاڏيءَ مان لهندي مون کي شاهه جي شعر جي سٽ ياد آئي هئي:

”اِيءُ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون تي.“

”سيڻ“ چئبو آهي زال ۽ مڙس جي پيئرن کي، گهوٽ ۽ ڪنوار جا والدين پاڻ ۾ سيڻ ٿين. زال يا مڙس مٽائبو ته سيڻ متجي ويندا. اها اسان مسڪينن، غريبن، مارن، سانگيئڙن، پنهوارن، ڏنارن ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ريت ئي نه آهي جو سيڻ مٽايون. ”اهو اسان جو ڪلچر آهي.“

هي ميڙو ”ڪلچرل ڊپارٽمينٽ“ وارن مچايو آهي. وڏي پوسٽر تي نظر پئي: ريگستان، اٺ ۽ اوٺي ڪلچر. تصويرون منهنجي ڪمزوري آهن. مان پاڻ کي اُٺ، اوٺي ۽ رڻ ۾ تحليل ڪري ڇڏيو. لطيف سائينءَ جو شعر ياد آيو:

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساڄن وسري،
مَرُ لڳـي لُـوهَ، ته تـر ٻـاٻيهـو ٿـي مران. (شاهه)

ايتري محبت ۽ وابستگي، لطيف سرڪار جو شان آهي. ايڏي خود احتسابي ۽ سزا، منهنجي سوچن ۽ وجود کي جلائڻ لاءِ ڪافي آهي. مون محسوس ڪيو: رڻ مان اٿيل واريءَ جي ذري وانگر، سڄي عمر ڀٽڪندو رهيو آهيان.

ٿورو وقت، سرڪٽ هائوس جي هال ۾ وڃي وينس. عمرڪوٽ ضلعي جو ناظم، مگهن فقير مگريو، ڊي سي او صاحب شمس جعفراڻي، پوليس عملدار (سول ڊريس ۾)، سيڪريٽري ثقافت عبدالقادر منگي ڪچهري ڪري رهيا هئا. موضوع سيمينار ئي هيو. سڀ خوش هئا ۽ متفق ٿيا ته هر سال هتي ٿر سيمينار ٿيڻ گهرجي. ناظم صاحب سنجيده، بردبار ۽ مڙس ماڻهو لڳو. منگي صاحب پراڻو ”ميڙن“ مچائڻ جو شوقين رهيو آهي. هو ”سورج مکيءَ“ جي گل وانگر لڳي رهيو هو. سيني سان پنهنجائپ واري لهجي سان ڳالهائي رهيو هو. ڪنهن ڪنهن وقت ٺهڪ ۽ مرڪون ٻه هلن پيون. بلڪل بي تڪلفانه ماحول هيو. شمس جعفراڻي صاحب مون کي ڏاڍو وڻيو. جيتوڻيڪ ڪيس، مون اڳي روبرو نه ڏٺو هيو. اخبارن ۾ نالو پڙهيو هيومان. ڏاڍي مڻ وارو انسان لڳو.

اتي ويٺي، ڪنهن اچي ٻڌايو تہ ”ملهہ جو ميدان“ تيار آهي. سڀ اوڏانهن اُسهيا. دهل وڄي رهيو هو. ماڻهن جو چڱو خاصو ميڙ هيو. سنڌ جي روايتي لباس: سٿڻ ۽ سندري ۾ ملهہ موجود هئا. ملهہ جو مزو، سامهون ڏسڻ ۾ آهي. فلم رپورٽ ۾ ان جو لطف اڌورو رهجيو وڃي. ملهن جي هڪ جوڙي زور آزمائي ڪئي. پاڪرين پئجي، فن جا داءَ پيچ، هڪ ٻئي تي آزمائڻ لڳا. هڪ حملہ آور پيو ٿئي تہ ٻيو پنهنجو بچاءُ پيو ڪري. هڪڙي ملهہ، ٻئي کي ڪٽي ڦيرائڻ شروع ڪيو. متي ڪچيل ملهہ پنهنجا پيرَ مقابلي واري ملهہ جي سٿرن تي رکي چڙهيا. هن ڦيراٽيون ڪائينڊڙ کي هيٺ ڌرتيءَ تي سٽيو تہ ڦڙتائيءَ سان هو پير زمين تي ڪوڙي، پنهنجا داءَ آزمائڻ لڳو. نوجوانيءَ ۾ پاڻ بہ هڪ جيڏا ڪوڏي ڪوڏي ۽ ملهہ کيڏندا هئاسين، پر اهڙو ملهن جو رقص ڏسندي ڏينهن ٿيا هئا. تاڙيون وڳيون. داد مليو پر ملهہ جو فيصلو نہ ٿيو. ٻنهي ملهن، هڪ ٻئي جي سندرن مان هٿ ڪڍيا ۽ پاڻيءَ لاءِ پڪاريو.

هاءِ ڙي پاڻي! انسان سان جمڻ کان وٺي، مرڻ تائين تنهنجو رشتو آهي. شل! سنڌ ۾ ڪو سٽائو واءُ گهلي تہ ايريگيشن سيڪريٽري، ڄامشوري کان ٽرين جي جهوپڙين تائين پاڻيءَ جون ٽونٽيون ائين پهچائي جيئن اسان نئون ديري وارا سئي گئس جون ٽونٽيون هلايون ٿا. اسان جا سيڪريٽري، سچائي ڪن تہ هر ڪاتو تبديل ٿي سگهي ٿو. سياسي پارٽيون جيئن ڌرتيءَ کي پنهنجي ماءُ ۽ عوام کي پنهنجي حاڪميت جو سمبل چون ٿيون، سچائي ڪن تہ رڻ بہ باغ بڻجي سگهي ٿو. ڇا نہ آهي اسان وٽ؟

ايتري ۾ ڪنهن اچي ٻڌايو تہ: سنڌ حڪومت جو ثقافت جو وزير رئوف صديقي صاحب پهچڻ وارو آهي. سڀ اُتي سرڪٽ هائوس ڏانهن هليا ويا. هڪ وي آءِ پي ديوان ۾ مان وينا رهياسون. ڏاڍو بيباڪ، همت پريو ۽ سُريلي گفتي وارو هيو. پهريائين سرڪٽ هائوس واري نشست ۾ گفتگو ڪئي هئائين. دل چيو تہ تعارف ڪرائي، ڪچهري ڪيانس، پر پوءِ هن کي هن جي حال تي ڇڏي، اسٽال ڏانهن هليو ويس. سرڪاري سطح تي ٿيل انتظام ڏسي ۽ ماڻهن جو جوش خروش ۽ خوشي پسي، مسافريءَ جو ٿڪ لهي ويو. ڪن شين جون قيمتون پڇيم. جواب ۾ چيائون: سپاٽي قيمتن جون لسٽون هٽنداسين، اڃا افتتاح نہ ٿيو آهي. ١٠-١٥ اسٽال سينگاريل هئا، جن ۾ رلهيون، ڪپڙا، ڪٽا، چادرون، چوڙيون، جتيون، پراٺا ٿانءَ ٿپا وغيره ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ سجائي رکيل هيو. ڪجهہ فوٽو ڪڍيا. آوارگي ۽ ونڊو شاپنگ (بغير ڪنهن خريداري ڪرڻ جي ڪرڻ کان پوءِ، ملهہ واري ميدان تي اچي وينس. مون کي ياد پيو تہ سڪندر جي سڪندر اعظم ٿيڻ کان اڳ، يونان ۾ رانديون ٿينديون هيون، جن کي لائي ڪرگس يا ٻئي ڪنهن تلفظ سان سڏبو هو. يونان جا حاڪم، امراءَ، شاهوڪار ۽ خوشحال خاندان جا نوجوان ان ۾ حصو وٺڻ کي باعثِ فخر سمجهندا هئا. طاقت، خاص ڪري جنگي

حرفتون، گهوڙي سواري وغيره جا مقابلا ميدانن تي ٿيندا هئا. نتيجي ۾ يونان، دنيا تي ان تربيت ڪري ڇانئجي ويو. اٺويهين ۽ ويهين صدي، سائنس جون صديون آهن. خاص ڪري پهرين جنگ عظيم کان پوءِ، يورپ ۽ آمريڪا پنهنجي يونيورسٽين جي سائنس فئڪلٽين وارو علم، جنگي حرفتن ۾ ڪم آندو. نتيجي ۾ هو سڄي دنيا کي آڱرين تي نچائي رهيا آهن. مسلم دنيا ۽ اسان، ڏينهون ڏينهن سائنس ۽ باقي علم کي اهميت نه ڏيڻ ڪري ڪانئڻ پنتي رهيا آهيون.

مسٽر رئوف صديقي، عبدالقادر منگي، ناظم صاحب ۽ ٻيا اچي پنهنجي جاين تي ويٺا. پوليس انتظام سنڀالي رهي هئي. مون کي پوليس نه، پر ٽيچرس لڳي رهيا هئا. اتر سنڌ جي پوليس وانگر داٻو، رعب ۽ ڪڙڪو نه هيو.

ملهه شروع ٿي، هوڪريا پئجي ويا. منسٽر ۽ سيڪريٽري صاحبان ملهن جون پنيون نيپون ۽ روڪ رقم انعام ڏني. ملهه جا مقابلا ڏسي، مهندار ماڻهو وي آءِ پي اسٽالن جي افتتاح لاءِ اُٿيا. منهن انڌارو ٿي چڪو هو. روشنيون ٻريل هيون. خاص طور تي موهن جي دڙي جي اپريل کوهه وانگر وڏي نهيل گول ۽ مٿانهين پٿين تي ٻرندڙ ڊيڪوريشن وارا مرچ اڪيون هٽي رهيا هئا ۽ پنهنجي خوشين جو اظهار ڪري رهيا هئا.

مان وري اڪيلو ٿي ويس. سوچڻ لڳس: صدين کان هي ويران قلعو هن وقت ڇا پيو سوچي؟ ڇا وري سومرن حڪمرانن جا پونئير (وارث) ننڍ مان جاڳيا آهن. يا خلجين جو اولاد وري ڪنهن ”ٻاگهيءَ“ لاءِ حملو آور ٿيو آهي؟ يا سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي ۽ تفريح لاءِ اچي گڏ ٿيا آهن.

هن قلعي جا چمڙا ٻي گهر ٿي، ڏاڍو دربدر ٿيا هوندا. مان بلڪل صوفي ٿيڄي ويس. چمڙن تي رحم اچڻ لڳو. منهنجي وڏڙن پاڻ جهڙن انسانن، جيڪي ٻي گهر ۽ بدحال هئا، جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون. بعد ۾ انهن احسانن جي بدلي ۾ اسان جي پيٽن ۽ ڪنڌن تي اهڙا ڪات هنيا ويا آهن جو هاڻي، جانورن ۽ پکين تي رحم ڪري سگهجي ٿو، ڪنهن انسان تي اعتبار نه ٿو ڪري سگهجي.

مون کي بک جو احساس ٿيڻ لڳو. بسڪيٽ، جوس ۽ پاڻي وٺي توانو ٿي ويس. اهو سڀ ڪجهه ٿيلهيءَ ۾ مون وٽ موجود هيو. سرڪاري سطح تي سنڌي ماڻهن جي تفريح جو سامان ڏسي وري مان مالڪ کان دعائون پنڻ شروع ڪيون: يا الله، سيني ڪاتن کي ساجاهه ڏي. جيئڻ جهنگن ۽ برن ۾ منهنجي ماڻهن کي خوشيون ڏين، اهو هنن جو حق آهي. اسان کي فقيرن واري خيرات نه گهرجي. عزت ۽ وقار سان اسان ۾ پنهنجائپ جو احساس پيدا ڪر. ڌرتي، ڪلچر، معيشت ۽ سڀ ڪجهه اسان جي نسلن جي اسان وٽ امانت آهي.

اتي خبر پئي تہ: شِوَ جو بہ اڄ ميلو آهي. ڪلچر ڊپارٽمينٽ وارن الائي ڇو اهو ڏينهن چونڊيو. خلق خدا تہ ورهائجي وئي، نہ تہ اڃا وڌيڪ ماڻهو مزو ماڻين ها. اسٽالن ڏانهن نظر ڦيرايم. خلق ۾ پيهہ ڏسي، مٿانهينءَ تي بيهي لقاءُ ڏسڻ لڳس پر ماڻهن جي نعرن ڪان سواءِ ڪجهہ ڪو نہ ڏسڻ ۾ پيو اچي.

وڏي راڳ جي اسٽيج تي ڪم هلي رهيو هو، اوڏانهن هليو ويس. ساڄي ۽ ڪاٻي ڏهہ ڏهہ لائوڊ رکيل هئا. ڪليل پنڊال وڏو ۽ ويڪرو هيو. ڪافي ڪرسيون ويهڻ لاءِ رکيون ويون هيون. ماني، پاڻي ۽ انگ ڍڪڻ جيتري ڪپڙي کان پوءِ ”راڳ“ اسان جي جيءَ جو جياپو آهي.

منسٽر، بنگلي تي هليو ويو. ناظر ۽ منگي صاحب، پنهنجي ساٿ وارن سان وري سرڪٽ هائوس جي هال ۾ اچي ويٺا. تقريباً نائين وڳي کان، اسٽيج تي تعليم کاتي طرفان تيار ڪرايل ٽيبلوز شروع ٿيا. ٻارن محنت ۽ محبت سان پنهنجي اداڪاري ڏيکاري. سڀ عام ماڻهو وندري پيا هئا. سائونڊ وڏو ۽ بهتر هيو. ٻارڙا ۽ ٻارڙيون گيت بہ ڳائي رهيون هيون. ڪي ٽري لباس ۾ تہ ڪي تنگ ڪپڙن ۾ جهومي رهيا هئا. مون کي ٻارن کي ڊڌل پٽڪا، اڇي ڏاڙهي ۽ اڇيون مڇُون ڏسي لطف اچي رهيو هو. سڀ تاڙيون وڄائي، کين داد ڏئي رهيا هئا.

آخر ڏهين وڳي منسٽر صاحب پنهنجي ساٿ سان پنڊال ۾ آيو. آخري بہ ٽيبلوز دل ۾ لهي ويا. نج ٽري ڪلچر هيو: هڪ ڊگهي ڇوڪري، ٽري لباس ۾ ويڙهيل سيڙهيل، باقي ٻيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪليل منهن سان هيون. هو ڳائي ۽ اداڪاري ڪري رهيا هئا. ويڙهيل ڇوڪري پنهنجي ڪلچر ۾ جهمريون ۽ ڦيراتيون ڪائي رهي هئي ۽ ٻيا ان جو ساٿ ڏئي رهيا هئا. هن نينگريءَ جو جوش ۽ جذبو ڏسي سڀ ميڊيا وارا متحرڪ ٿي ويا ۽ تيزيءَ سان فلم بندي ڪرڻ لڳا. انهن ۾ اڪثريت اردوءَ وارن جي هئي جن سنڌ جي روح کي، ان جي لطافتن کي اڃا محسوس نہ ڪيو آهي. وٽندڙ ٽڏڙي هير ۾ ننڊ اڏامي چڪي هئي. مرشد لطيف رح جو شعر آهي:

”الست بِربڪم“ جڏهن ڪن پـيـوم،

”قالو بلىٰ“ قلب سين، تڏهن تت چيوم،

اُنهيءَ وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين. (شاهہ)

هن شعر ۾ منهنجو سڄو توجهہ ”ويڙهيچن“ لفظ تي هيو. ”ويڙهو“ جي مُروج مفهوم ۽ اصلاحي معنىٰ مون وٽ هينئين ريت آهي:

”هڪ وڏي لنگهہ يا دروازي جي اندر هڪ ذات وارا، پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ جدا جدا اڱڻن سان گڏجي حياتي گذاريندا آهن. هو رت جي رشتن، نانڻڪ يا ڏاڏنڪ طرفان ڪو نہ ڪو رشتو هڪٻئي سان رکندا آهن. سنڌن ٻولي، ريتون ۽ رسمون، اٿڻ ۽ ويهڻ، تاريخ ۽

معيشت سڀ گڏيل هوندا آهن. سندن گهرن جي چوڌاري، ڍينگهرن جو وڏو لوڙهو ڏنل هوندو آهي، جيڪو اڳتي هلي ڪنڌين ۽ پٽين ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.“
ائين مختلف ذاتين جا ويڙها گڏجي، هڪ ڳوٺڙو يا ڳوٺ ناهيندا هئا. ڳوٺ جا سڀ رهواسي ڏک سک ۾ سڀ گڏ هوندا هئا. ڳوٺ جي ان ويڙهي کي، سنڌ جي ڪلچر جو ”ٻڻ ٻٽياد“ سڏي سگهجي ٿو.
مٿي ذڪر ڪيل شعر ۾ الله جو پڇيل سوال جو جواب ٻه، اڳي چڪو. پر مرشد لطيف رح ان کي ”ويڙهيچن سان وچن“ ڪري شعر مڪمل ڪيو ۽ اسان سينې کي قيامت تائين پابند ڪري ڇڏيائين تہ انهن جو هميشہ خيال رکڻو آهي. ان جي ايڏي اهميت آهي جيتري آفاقي قدرن جي آهي. لطيف سائينءَ جي ان ڪمٽمينٽ هميشه حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ بالغ ٿيڻ سان ان جي سحر ۾ وڪوڙيل آهيان.
اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي،
پئي ڍوڙائي دليل، پنهونءَ ماٺهو موڪليو. (شاهہ)
محبت ۾ ملڪ الموت کي محبوب جو پيغام آٽيندڙ سمجهڻ، لطيف سائينءَ جو ڪمال آهي. محبت ۾ هڪ ڪمزور عورت، پنهنجي مڙس تان پنهنجو وجود گهوري ڇڏي ٿي.
”سنڌ“ سان تہ اسان جي روح جو اڻ ٽٽ رشتو آهي. تنهنڪري عقل جي ليول تي سنڌ، صاف ستري ۽ خوشحال رهڻ گهرجي. اها اسان جي ڪلچر جي تقاضا آهي ۽ آسمان تي لکيل صحيفو آهي.
جنهن ويڙهي ۾ اسان جوان ٿياسين، اُهي ويڙها اُجڙي ويا آهن. ياد ٿو پوي تہ اسان ڇوڪرن تي پوڙها نظر رکندا هئا ۽ وڏيون عورتون نينگرين تي عقاب واريون نگاهون رکنديون هيون. نتيجي ۾ ڪا خجالت تہ پري ٿي، پر ننڍي حرڪت ڪرڻ جو بہ موقعو نہ ملندو هو. اهڙو ڪلچر، نہ ڪنهن رائيٽر لکيو آهي، نہ وري سيٽلائيٽ سنڌي ميڊيا وارن فوڪس ڪيو آهي. هنن بولي، سنڌين ۽ ڪلچر جي نالي تي، ڇوڪري جي سيند تي پينٽ شرٽ سان ڇوڪري ائين ڊڪندي ڏيکارڻ شروع ڪئي آهي جيئن بربلي ڪارڪ تي ايندي آهي. باقي قومون دنگ رهجي ويون آهن تہ: ”سنڌي انٽرنيشنل ڪلچر“ جو حصو ٻڻجي ويا آهن. وڏا ترقي يافتہ ٻڻجي ويا آهن. سنڌ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڪو-ايجوڪيشن ئي ١٠ سيڪڙو مس ٿيندي.
شمس جعفراڻي صاحب مائيڪ سنڀالي. محسن ڀوپاليءَ سنڌي ۽ اردو مشاعري جو اعلان ڪيو. لوڪل شاعرن سان گڏ، تاج جويو ۽ پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري صاحب نمايان هئا. اردوءَ وارا نہ هئڻ جي برابر هئا. مشاعري هلندي، اعلان ٿيو تہ دعوتنامہ نہ ملڻ ڪري، لوڪل شاعرن بائيڪات ڪيو آهي. شمس جعفراڻيءَ بعد ۾ وضاحت ڪئي تہ لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ مشاعرو ٿي چڪو آهي. اتي بہ اسان لوڪل شاعرن کي مائيڪ تي

دعوت ڏني هئي. توهان به مهرباني ڪري انهن وانگر تعاون ڪريو. توهان مهرباني ڪري اچي پنهنجي ميڙي ۾ رنگ پريو. پر هو دوست نه آيا.

مشاعرو هلي رهيو هو ته ڪافي اردوءَ جا شاعر اچي اسٽيج تي ويٺا. جيڪي قلعي جي عمارت ۾ ڪٽي ترسيل هئا. شمس جعفراڻي صاحب، منسٽر ثقافت، سيڪريٽري ۽ ناظم صاحب کي اسٽيج تي سڏيو. فرشي نشست هئي ۽ سڀ گڏجي وجي ويٺا. صدارت، منسٽر صاحب ڪري رهيو هو.

اردو شاعرن جي گهٽائي تي وئي. لوڪل شاعر شريڪ ٿين ها ته بهتر لڳي ها ۽ گهٽائي سنڌي شاعرن جي ٿي وجي ها. اردوءَ وارا شاعر ڪراچيءَ کان آيا هئا. هنن کي ڪير سمجهائي ته ڄامن ۽ ڪلهوڙن جو دور نه آهي.

مُون ماڙيءَ جو، سُومَرا! ٻنهين پارين ڏُکُ!
هِتِ عُمرَ جو آهُکُ، هُتِ مارو ڏِيِنمِ مِنهِٽان! (شاهه)

ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ کي چيو ويو هو ته، سنڌ وارا ڪجهه ڪري ئي نٿا سگهو. ڊپارٽمينٽ ان چئليج کي قبول ڪيو ته پنهنجن پڙ ڪڍيو. هنن کي ٻيو ته ڪجهه نه ته چئي سگهجي پر ”رقص زنجير پهن کر ڀهي ڪيا جا سڪتا هي“ يا ”بول ڪه لب آزاد هين تيري“ وانگر ڪجهه اچي ٻڌائين ها ته چڱو لڳي ها. مشاعري جي پوري ٽيڻ کان پوءِ، راڳ رنگ شروع ٿيو. لوڪل فنڪار، ٻارڙا فنڪار، منو فقير ۽ ديبا سحر ته ڇهه ڪلام ڳايا. ٽڏ وڏي وئي هئي. شڪر جو مون کي ڪوٽ هيو. نوجوان ڪمپيئرنگ ڏاڍي سني نموني ڪري رهيو هو. صادق فقير اسٽيج تي آيو ته ضبط ڪري نه سگهيس. اُتي ڪيس پئسا ڏنم ۽ ٻانهون ٻه ٻڌم. هن ڳائيندي ٻه شڪريو ادا ڪيو. شفيع فقير اسٽيج تي ئي هيو جو اسان قلعو ڇڏيو. ٿي ٿي چڪا هئا. آرام ڪيم. ساڍي پنجين وڳي اٿيس. لڇ پڇ کان پوءِ اُتي تيار ٿي، اٺين وڳي ٻاهر اچي اُس جو مزو ورتم.

نيرن ڪئي. سنگت کان موڪلائي، يارهين وڳي عمرڪوٽ ڇڏي، لاڙڪاڻي لاءِ اڪيلو ئي ڪوچ تي نڪتس. ساڳيو ماحول: ٻٻر، ليون، ڪانديرا ۽ فصل ڏسندو حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ گهر پهچي، امڙ جي پيرن تي هٿ رکيم. هن ٻانهون کوليون. ائين مون کي سنڌ جي ڪک ۾ پناهه ملي وئي ۽ سفر جو ٿڪ لهي ويو.

# جهوڪ ڏانهن پنڌ

هر بهار جي موسم، منهنجي وجود کي نوان جذبا، امنگون، آسرا ۽ ولولا بخشيندي آئي آهي. ڪنهن فوجيءَ جو مورچو، جنگ ۾ تباهه ٿيندو آهي ته هو پنهنجي ذات کي ۽ مقصدن کي بچائڻ خاطر، جلد کان جلد، نئين پناهه گاهه ڳولي لهندو آهي.
منهنجو سال پهرين فيبروريءَ کان شروع ٿيندو آهي ۽ ۳۱ جنوريءَ تي ختم ٿيندو آهي.
ائين شاخن ۽ ڏارن تي نوان ګوئنچ ڦٽندو ڏسي، پنهنجا ڏک وساري ڦڪا، ڳاڙها، سفيد ۽ واڱڻائي رنگن جا گُل ڏسي، منهنجي اندر وارو انسان، سرنهن جي ڦولار وانگر رقص ڪندو، جهومندو ۽ ڳائيندو آهي. ائين اينديڙ گرم ۽ سرد موسم سهڻ لاءِ منصوبه بندي ڪري وٺندو آهيان. قدرت واري ائين پور پور ٿيڻ کان مون کي بچائي ورتو آهي.
۲۴ فيبروريءَ تي، سنگت سان صلاح ڪيم ته: مرشد لطيفؒ جو ميڙو پورو ٿيڻ تي آهي ۽ سنڌ جي سرويچ صوفي شاهه عنايتؒ جو عرس شروع ٿيڻ وارو آهي. هلو ته هلي اُتي مالڪ ڪائنات کي باڏايون، فاتحه پڙهون ۽ صوفياڻي ڪلام جو لطف ماڻيون.
ائين تياري ٿي وئي.
هن عشق جي انداز کي سمجهڻ ته ڏکيو آ......
۲۰۰۸-۰۲-۲۵ تي ٽين بجي، لاڙڪاڻو ڇڏيوسين. ثناءُ الله آگاڻي صاحب، پنهنجي گاڏي هلائي رهيو هو. خدا بخش کي آڏو سيٽ تي ويهاريوسين. مان، عبدالخالق ۽ جان محمد صاحب پنيان ويناسين. بي تڪلف ماحول ۾ ڪچهري ٿيندي رهي. چرچا ۽ ٽوٽڪا، شاعري ۽ اسان جا ٽهڪ. ائين منزل ڏانهن وڌي رهيا هئاسين. ماٺ پئي ٿئي ته مان سوچي پيو وٺان.
الله خير ڪري، منهنجي حساب سان نائين بجي ڄامشوري هوٽل تي رسٽو هيو. هڪ ڪلاڪ جي وقفي کان پوءِ، ٻارهين بجي ٽائين، جهوڪ شريف پهچڻو هيو.
روڊ ڏاڍو خراب آهي. ڪلهوڙن جا قبا ۽ خدا آباد جي مسجد ڏٺيسين، ته سنڌ جي تاريخ مون سان سرگوشي ڪرڻ لڳي. مان ۴۷-۱۷۳۰ع ۾، آزاد سنڌ جي اڏيل هيءَ مسجد گهمي ڏٺي هئي. پيٽي صاحب مرحوم هن جي مرمت ڪرائي هئي. متي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ ڍهي وئي هئي. نوجوان ۽ ٻهراڙيءَ جو هٺ ڪري، ڏاڍي تڪليف سان مسجد جي گنبذن جي اندر ڇت تي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو هيس. گنبذن جي اندران ئي اندران گيلري هئي. ڪبوترن جي وٺين جي بدبوءِ هئڻ باوجود اتر-اولهه کان شروع ٿي ڏکڻ-اوپر کان اتي

اڃي پهتو هيس، جتان شروعات ڪئي هيم. نئين هوا ۾ ساهه ڪڍي، اوپر کان اولهه ۽ اولهه کان اوپر، ٽنهي گنبذن جي وچ ۾ ٻن گئلرين کي ڪراس ڪيو هيم.

مون کي ياد آهي: هيٺ لهي نه پيو سگهان. اتي وينل نيڪ مرد، مدد ڪئي هئي. منهنجي مسجد ۾ دلچسپي ڏسي، ڪلهوڙن جي ڳوٺن جو ڏس ڏنائين. مان ٽانگو ڪري اوڏانهن ويو هيس. مقبرا ۽ مقام گهميا هيم. ائين آزاد سنڌ جو روح مون ۾ سمائجي ويو هو.

خدا آباد جي مسجد جون صرف ٽي پٽيون وڃي بچيون آهن. گنبذ ۽ گيلريون شهيد ٿي چڪيون آهن. سنڌ جو سابق وزيراعلىٰ ارباب غلام رحيم سدائين عُمرن تي ويندو هو. هن مسجد، خانهٔ خدا جي بدل تي، الائي ڇو نظر نه پيس؟

الله اسان سڀني کي عقل ڏئي. شل! هن خدا جي گهر جي عظمت بحال ڪريون. اسلامي جمهوريه پاڪستان گورنمينٽ آف سنڌ، صاحبِ حيثيت، شاهوڪار ۽ پڙهيل لکيل نوڪرين وارا همت ڪن ته ڇا نه ٿو ٿي سگهي.

رستي جي هوٽل تي چانهن پيتيسين ۽ ٿڪ سبب ڪري ليٽ ٿي. ڏهين بجي ڄامشوري رند هوٽل تي پهتاسين. ماني وغيره کائي، اڳتي جو سفر شروع ڪيوسين. المنظر ۽ ٻئراج جي روشنين کي حسرتن سان ڏسندي، حيدرآباد ڏانهن وڌياسين.

مان اڳين سيٽ تي مزي سان وينو هئس. سڀ سنجيده ۽ پرسڪون هياسين. حيدر چوڪ ۽ ريلوي پل ڪراس ڪري، ٽنڊو محمد خان وارو روڊ ورتوسين. هر طرف رات ۽ اونده هئي. مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو: ڇا سنڌين جو مستقبل هن اونده وانگر اونداهو آهي. مان ڊڄي ويو هئس. مون کي خوف وڪوڙي ويو هو.

مان ڪائي پي موٽيو آهيان. چار نوجوان گڏ هئا. مون کي الله جَلَّ جَلالُهُ ۾ آسرو هيو ته هو سولائي ۽ سٺائي ڪندو. دل ۾ اِها به پڪ هئي ته: هتي اتر سنڌ وارو انڌير نه آهي. دير مدار، خير سان، ماگ پهچي ويندا سين.

ثناءُ الله آهستي ۽ خبرداريءَ سان ڪار هلائي رهيو هو. رستو بهتر پيو اچي ته اسپيڊ وڌائي پيو. هيڪڙ ٻيڪڙ، گاڏيون اسان کي ڪراس ڪري رهيون هيون. آخر مون ضبط ٽوڙيو. يار! ڪافي ڊرائيو ٿي آهي. ٽنڊو محمد خان اچڻ گهرجي. ڪٿي اونده ۾ پلجي ته نه پيا آهيون. ائين رستي تي بيٺل هڪ گاڏي نظر آئي. فئمليءَ سان هئا. ٿورو اڳتي بيهي ڪانئن احوال ورتوسين. ٻه ڄڻا سُري آيا. چيائون: ٽائر پنڪچر ٿي پيو آهي، اسپيئر ٽائر به نه آهي. ڪين آفر ڏنيسين ته اسان سان هلي پنچر ڳنڍرائي پوءِ واپس اچو. اسان کي اجنبي ڏسي، مهرباني مڃيائون. هنن ٻڌايو ته: ٽنڊو اڳيان اٿوَ.

ٺٺبي محمد خان جو شهر بند هيو. هڪ هنڌ هوٽل وارو ٿانوَ ڏوئي رهيو هو. هُن کان چانهه جو پڇيوسين. هُن ها ڪئي. اسان جي عيد ٿي وئي. گاڏي پارڪ ڪري. خالي کٽن تي پاڻ اڇلائي رليڪس ٿياسين. ڏاڍي سٺي چانهه ملي ۽ پئسا بہ سنا پريا.
سنڌ جي تاريخ، جيڪا منهنجي پنهنجي تاريخ آهي، سا منهنجي ڪمزوري رهي آهي. هزارين سالن کان، اسان وڙهندي وڙهندي ٿڪجي پيا آهيون. مانسرور ڍنڍ کان وٺي، ڪُلاچيءَ جي ڪُن تائين، جيڪا سُسندي سُسندي موجوده شڪل ۾ برقرار آهي. ”ياڳا ٿيندي سُهٽي، مڙندا مَڇَ هزار.“ الله سيني کي پناهه ۾ رکندو. نيچر جا قاعدا ۽ قانون اٽل آهن. منهنجي ذهن ۾ گذريل ٻن سالن کان خلفشار آهي. اندر وارو ٻولي پيو: اسان پنهنجو وجود وڃائي چڪا آهيون. محبت ۽ نفرت مون ۾ ائين پريل آهي، جيئن منڇر ۾ پاڻي. منهنجي ذات، سوچيندي وسامي رهي آهي. سنڌ ۾ اوڏ، جوڳي، ڀيل، باگڙي، ڪولهي ۽ ٻيون شيڊولڊ ذاتيون بہ هن ڌرتيءَ جا اصل واڳ ڌڻي آهن. بي رحم ظالمن ۽ جانورن کانئن سڀ ڪجهہ کسي ورتو پر ڌرتيءَ تان بي دخل ڪري نہ سگهيا آهن. سنڌن افعالن کين هتي پهچايو آهي. تباهہ ۽ برباد ٿيل قومن تي، لئبرريون پريون پيون آهن. سڀ کان وڏيڪ اعتبار وارو آفاقي ڪتاب، قرآن شريف پڙهڻ لاءِ ۽ نتيجا ڪڍڻ لاءِ ڪافي ٿيندو. قرآن شريف ۾ قومن جا قصا، مون کي ڏاڍو متاثر ڪندا آهن.
سنگت چيو تہ شاهہ عنايت شهيد جي باري ۾ بنيادي معلومات ڏيو. مون پنهنجو پاڻ مان جند ڇڏائي، کين ٽافيون ۽ سوپاريون ڏئي، ڳالهائڻ شروع ڪيو.
دنيا جي تصوف جي تاريخ ۾، صوفي صاف سچا آهن. دنيا جي لذتن، عيش ۽ آرام کان پري رهڻ هن عقيدي جو بنياد آهي. هر انسان، ڪهڙي بہ ڌرم ۽ عقيدي جو هجي، ان جي عزت ڪريو. منهنجي مطالعي موجب: دنيا جي هر مذهب ۾ ٿوري گهٽي فرق باوجود، هي عقيدو عام رهيو آهي. ”الله، الله الله هُو، الله هُو“ دل سان بار بار چوڻ بنيادي سبق آهي. شريعت محمديءَ تي هلڻ، گهٽ کائڻ ۽ ڳالهائڻ، تن کي تڪليفون ڏيڻ، عرب، ايران، هند ۽ سنڌ ۾ اهڙن ماڻهن خوب نالو ڪڍيو آهي. دنيا جي ڪنهن بہ صوفي مسلڪ ۾، مون جنگ ۽ ويڙهہ نہ پڙهي آهي.
سواءِ جهوڪ جي سانحي جي. بزرگ جو پورو نالو عنايت الله ولد مخدوم فضل الله لانگاهہ آهي. پاڻ ١٠٦٥هہ ۾ ڄاوا ۽ ١٧ صفر ١١٣٠هہ تي شهيد ٿيا. جهوڪ شريف جو پراڻو نالو، ميرانپور آهي. جيڪو ان وقت ٻنوري پرڳڻي ۾ هيو. تختگاهہ ٺٽو هيو ۽ حڪمراني دهليءَ جي هئي.
شروعات عمر کان وٺي، حق جي ڳولا ۾ هلندو رهيو. علم ۽ رياضت ورثي ۾ ملي هيس. ساٿين سان گڏ، ڳوٺ ۽ گهر ڇڏي، دکن جي بيجاپور شهر جي بزرگ عبدالمالڪ

شاهه قادريءَ وٽ پهچي، چلا ڪڍڻ شروع ڪيائين. ظاهري علم لاءِ دهليءَ، جهان آباد جي شاهه غلام محمد وٽ پهتو.

سالن جا سال سير سفر، ظاهري علم ۽ مخفي علم جي حاصلات کان پوءِ مرشد عبدالمالڪ جي حڪم تي سنڌ موٽي جهوڪ ۾ دونهين دکايائين. ظلم، ڏاڍ ۽ اوندهه کان تنگ ٿيل مظلوم ۽ پيڙيل عوام، ان روشنيءَ تي آهستي آهستي اچي گڏ ٿيڻ شروع ٿيا. سک ۽ شانتي سان، الله جل جلاله جي عبادت ڪرڻ لڳا. وحدة الوجودي، شاهه عنايت شهيد، هنن جي دلين کي روشن ڪرڻ لڳو.

سر جو سانگو لاهه، پل پوءِ عشق کي هٿڙو لاءِ،
عـشـق، عـشـق، دولـت، حُـسن، جاهه و جلال....

سڀ فاني صورتون ۽ سوچون آهن. غالب جي چوڻ موجب: اهي دماغي خلل آهن. قوم، وطن، ڌرتي، شرافت ۽ انسانيت کان پوءِ عشق جو دائمي ۽ حقيقي مرڪز الله جل جلاله جي ذات آهي. جاڏي ڏس، تاڏي صورت سبحان. خوشي ۽ ڏک، حاڪم ۽ محڪوم، حيات ۽ موت، ڌرتي ۽ آسمان، سڀ اصل صورت وٺي جڏهن انسان جي سامهون ايندا آهن تڏهن اهي، خدا جو نائب بڻجي پوندا آهن ۽ وحدة الوجود ۽ وحدة الشهود جو فرق به غرق ٿي ويندو آهي. انساني ڪيفيتن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جڳ جهان کي سمجهڻ اڃا به وڌيڪ ڏکيو آهي. اسرار الاهيءَ کي مان سمجهڻ کان قاصر آهيان.

ڪارل مرڪس، لينن ۽ مائوازم کان سوين سال اڳ، آفاقي اقتصاديات جو اعلان شاهه عنايت شهيد جي واتان ٿيو. هُن چيو: ”الارض لله، جيڪو کيڙي سو کائي.“ ظالم زميندارن جي ظلم کان ڀڄي، هاري اچي جهوڪ ۾ آباد ٿيڻ لڳا. اڃا هزارين سالن جو ٿڪ ۽ پيڙا به نه لٿي هين ته نور محمد پليجو، حمل جت، فقير منش شاهه ڪريم جي اولاد مان سيد عبدالواسع ۽ ٻيا سازشون ڪرڻ لڳا. هُو سڀ ٺٽي جي حاڪم مير لطف علي وٽ دانهين ٿيا. ڪوڙ، مڪاريون ۽ بيهودگيون ٻُڌي وقت جي حاڪم هنن جون پنيون نپيون ۽ هنن موٽ ۾، اچي مسڪين هارين سان ڪلور ڪيا. ڪيترا فقير، شهيد ٿي ويا. دانهون دهليءَ تائين پهتيون. خون بها ۾ ظالمن جون زمينون، شهيدن جي وارثن کي مليون. ان وقت مغل شهنشاهه ”فرخ شير“ ١١٢٤هه - ١١٣٢هه هيو.

”همه او ست“ جا نعرا اڳي کان وڌي آواز ۾ گونجڻ لڳا. حق ۽ باطل تي هلندڙن جا ويچا وڌندا رهيا. ٺٽي جو حاڪم معزول ٿيو ۽ ان جي جاءِ تي نواب اعظم خان مقرر ٿيو. آخر قصو ڪٺائڻو، ڊل جو بهانو بڻائي، دهليءَ جي حڪمرانن کي اهو اطلاع ڏنائون ته، شاهه عنايت باغي آهي، پنهنجي حڪمراني چاهي ٿو. ويڙهه شروع ٿي. فقيرن جي الله جل جلاله مدد ڪندو آهي آيو ۽ دنوي شهنشاهه نقصان ۾ اچي ويا. ڇاپا مار جنگ جو تصور به مون لاءِ

عجيب آهي. آخر ڪلهوڙن جون فوجون آيون، پوءِ بہ فقير فاتح رهيا. آخر ڪلهوڙن، قرآن شريف وچ ۾ ضامن ڏئي، شاهه عنايت کي صلح لاءِ راضي ڪيو.

قضا پنهنجو ڪم ڪري وئي. لعنتي انسانن شاهه عنايت سان دوکو ڪري ڪيس جلاد جي آڏو آندو.

روايت آهي تہ: جڏهن جلاد درويش جي ڪنڌ تي وار ڪيو تہ ”فقير“ کي ڪجهہ ڪو نہ ٿيو. ”شاهه“ جلاد کي سمجهايو. پنهنجي مرشد کان مليل تلوار گهرايائين، جلاد کي ڪجهہ رقم ڏئي چيائين تہ، ڪنڌ ڪپڻ جي تنهنجي مزوري آهي. پاڻ حافظ جو هيٺيون شعر پڙهيائين:

”مون کي هن قيد کان آجو ڪيئي،

شل! الله تعالىٰ ٻنهي جهانن ۾ تنهنجو ڀلو ڪري.“ (حافظ شيرازي)

مرشد لطيف، ان وقت عمر ۾ اناويهن ورهين جو هيو.

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،

آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،

جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا. (شاهه)

شاهه عنايت شهيد جي واقعي ڏانهن منسوب آهي. شاهه شهيد جو ڪلام اڻ لڀ آهي. ڪلهوڙن جي دعا ۽ ٻين موضوعن تي ڪجهہ فارسي شعر پڙهڻ وٽان آهن. هڪ جو ترجمو آهي:

”جيڪي عشق سين زنده آهن، انهن جي دل ڪڏهن بہ مرندي نہ آهي. اسان جي امرتا، دنيا جي اخبار ۾ لکيل آهي.“

واقعي! جيڪي اللهﷻ جي راهه ۾ انسانن جي سهنج خاطر، جان ڏيندا آهن، انهن کي ماريندڙ متجي ويندا آهن. يزيدن، فرعونن ۽ ابوجهلن جي لسٽ وڏي آهي. مون کي هيٺيون شعر ڏاڍو وڻندو آهي:

وڻي جنم هر هر وربو، منا مهراڻ ۾ ملبو.

منصور، مخدوم بلاول، سرمد ۽ شاهه عنايت وغيره شهيدن جو ڪٽنب ايڏو وڏو آهي جو ڪنهن جا نالا وڻي ڪنهن جا وٺان.

سرمد ۽ قاضي عبدالقويءَ وٽ ٿيل گفتگوءَ دوران فارسي شعر، اعظم خان ۽ مولوين جي سوالن جي جواب ۾ شاهه عنايت جا فارسي شعر بہ پڙهڻ وٽان آهن. مون دوستن کي وڌيڪ ٻڌايو تہ: شهيد جي فڪر جو سلسلو سڄي سنڌ کان سواءِ بلوچستان جي فتحپور

۾ وڏي گادي رکيل شاهه ۽ چيزل شاهه جي آهي. ذڪر ۽ فڪر سان گڏ، راڳ رنگ آهي، پر اصل اعلان جنگ نه آهي.[1]
جهوڪ شريف ڏانهن هلندي، شاهه ڪريم جي روضي تي پري کان ستارن جي جهرمر ۽ ڊيڪوريشن وارا بلب ڏسندي، اڳتي وڌياسين. تقريبن ٢ بجي، جهوڪ شريف شهر ۾، شهيد جي ميڙي جي حدن ۾ پهتاسين.
اوچتو نئون ديري جي غلام الرسول سيال تي نظر پئي. مون کي خبر آهي؛ سيال صاحب پراڻو پانڌيئڙو آهي. نئون ديرو ٽيڪنيڪل ڪاليج جو پرنسپل آهي. ساٽس مليس. روايتي سنڌي تهذيب موجب آذرياءُ ڪيائين. جيتوڻيڪ نئون ديرو ۾ رهندي، اسان هڪٻئي جي ويجهو نه آهيون. ننگر وغيره جي صلاح پڻ ڪيائين.
ڪافي دير ٿي وئي هئي. ڪٿي ڪٿي راڳ رنگ هلي رهيو هو، نه ته هر هڪ آرامي هيو. ڪڪائين اوطاق کي ٻاري سڏين. ٻاهران فاتحه پڙهي، راڳ وارين ٻارين تي آياسون. فقرائي ڪلام سڪون ڏنو. ڪلاڪ سوا ائين گذاريوسين. سيال صاحب هڪ ٻاريءَ تي آٽي، سوڙيون وغيره ڏنيون. قبلي جو طرف پڇي، پير ڊگهيري سمهي رهياسون. ڌرتيءَ تي سمهڻ جو به عجيب تجربو آهي. مان ننڊي هوندي کان به وهاڻا مٿن کان رکندو آهيان. هت ته هڪ به ڪو نه هو، تنهنڪري بيچينيءَ منجهان ڪڏهن مٿي کي ٻانهن پيو ڏيان ته ڪڏهن اُتي پيو ويهان. هڪ فقير پانڌيئڙي کي رحم اچي ويو. هُن پرت پريل وهاڻو مون کي ڏنو. مان اکين ئي اکين ۾ هُن جو ٿورو مڃيو. ننڊ ڪو نه آئي. آذانن کان پوءِ اُٿي، جهنگ جي خيال سان ٻنين ڏانهن هليو ويس. اُتي پاڻي به هيو. واپس اچي سنگت کي اٿاريم ۽ کين به، نهيل موريزن استعمال ڪرڻ بجاءِ، ٻاهر جهنگ وڃڻ لاءِ ڏس ڏنم. انين بجي تائين تيار ٿي، بزرگن جي روضي تي وڃي دُعائون گهريوسين. ڪن دوستن ڪلام الله جي تلاوت ڪئي. الله ﷻ کان سنڌ ۽ پنهنجي وجود جي بقا لاءِ دُعائون گهريوسين.
ٻاهر نڪتاسين ته شوخ رنگن ۾ ملبوس فئملي نظر آئي. عورتون ۽ ٻار هئا. لڳي پيو؛ اُهي اتي جا ئي هيا. وڻ وڻ جي ڪائين ۽ فقيرن کي ڏسندا، ساڳئي ماڳ تي پهتاسون. سيال صاحب لاءِ نياپو ڇڏي، واپس ٿياسين.
مان ۽ عبدالخالق اڳ ۾ به پيرين پنڌ آيا آهيون. چند فقيرن کان سواءِ، ويراني هُئي. هڪ فقير ته اسان سان ڏاڍي بي مروت نموني سان پيش آيو هو. پر صبر ڪري هر شيءِ سهي ويا هئاسين. هاڻي بَرَ ۾ بازاريون ڏسي، الله ﷻ جي ڪاريگري ۽ حڪمت کي ساراهڻ

[1] نوٽ: ڪجهه سال ۽ شعر وغيره ڪتابن تان ڏسي لکيا آهن. وڌيڪ پڙهندڙ تحفة الڪرام، نئين زندگي، مهراڻ ۽ شهيد تي جامع ڪتاب جيڪو حسين بادشاهه سهيڙيو آهي، اهو مطالعو ڪن.

ڪان سواءِ رهي نہ سگهيس. سؤ ڪن رهائشي ٻاريون، هنڌ هنڌ راڳ رنگ، بازارون ۾ رونقون ڏسڻ وٽان هيون. وڏيڪ ڪُليل اظهار، منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي.
لاڙڪاڻو ڇڏيندي، مون سوچيو هو تہ: واپس سڄاول ڪان ٿيندو ٺٽي اچبو ۽ اتان واپس حيدرآباد ۽ پٽ شاهہ پهچبو. دوستن چيو تہ: شاهہ ڪريم جي روضي تي فاتحہ پڙهبي. سو اُتي پهچي دعائون گهريوسين.
مظلومن جا نسل بہ مظلوم ٿيندا آهن. اڳئين دفعي عبدالخالق ۽ مون ڪي هڪ اجنبيءَ زور پري چانهہ پياري هئي. ڪانئين ۽ پترن مان شيدين جي گهرن جا ٻار ۽ عورتون، اسان ڪي ڏسي رهيا هيا. ٻارن ۽ مردن سان، مان ائين ڳالهائي رهيو هيس جڻ منهنجا مائٽ هجن. مان هنن لاءِ اجنبي هئس پر هو منهنجا سائين هئا.
هنن جا وڏا آفريقا مان ائين قيدي ۽ غلام بڻجي آيا هوندا، جيئن هتان يوناني، عرب، ايراني ۽ افغاني وغيره سنڌين ڪي قيد ڪري ويا هوندا. عالمِ عرب ۾ تہ غلام سنڌين، فقہ ۽ حديث ۾ نالو ڪييو. زط يعني جتن جو ذڪر بہ عام ملي ٿو.
شيدي صدين گذرڻ ڪان پوءِ بہ پورهيت آهن. مون هنن مان ڪو زميندار يا رئيس نہ ڏٺو آهي. جيڪي ڌاريا اسان لاءِ آقا بڻيا آهن، انهن لاءِ مون وٽ نفرت آهي. مان هنن ڪي وڏي سڌ، ٻُڌائڻ ٿو چاهيان تہ، مان توهان ڪي لٽيرن ۽ وحشين جي ستن پيڙهين ڪان سُڃاڻان. جيڪي پنهنجي ثقافت، زمين، تاريخ ۽ ادب سان دغا ڪندا آهن، اُهي ڪنهن سان بہ وفا نہ ڪندا آهن. هو انسانيت جا رت پيئاڪ آهن. هو ڪلم ڪلا، رب جا نافرمان ۽ ظالم آهن.
شاهہ ڪريم جي روضي تي پهچي، فاتحہ پڙهيسين. فوٽو ڪڍيا ۽ واپس ٿياسين. دوستن ڪي شاهہ ڪريم جي سوانح ٻڌايم. سنڌ جي تصوف جي بزرگن ۾، سندس مقام تمام وڏو آهي. ١٥٣٥ع ۾ مٽيارن ۾ ڄائو. پنهنجي پاءُ سان لڏي اچي، بلڙيءَ ۾ وينو. ٻني ٻارو ڪندو هو. صابرين، محنتي ۽ الله لوڪ هيو. مخدوم نوحؒ جو صحبتي هيو. سندن وڏا، شريعت جا صاحب، سماع ۽ وجد جي طريقي سان، ايراني صوفين وانگر هئا. ٨٦ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون. شاهہ عبداللطيف، مٿن مقبرو جوڙايو. ڪجهہ شعر، سندن شاعريءَ مان لکان ٿو:

مون ٻئا دَر گهڻا نهارئا، آهين تون هي تون.....

*

نيهہ نياپي نہ ٿئي، سَڏين سيڻ نہ هُوَن،
ڪارين راتين رَت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُون.

*

پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي لهہ،
ٿُها ڌار نہ سپرين، مُهہ منجهين پاءِ.

*

صورت ليکي هت، معنىٰ ليکي مارئين،
عمر مون جي چت، اوطاقون تـرن ۾.

*

ٽنڊو محمد خان پهچي ناشتو ڪيوسين. حيدرآباد ۾، سنگت ڪي سنڌ ميوزم گهمايو. عبدالخالق کي چيم ته: لساني هنگامن ۾ حيدرآباد جو قلعو گهمڻ آيا هئاسين. اُتي سنڌ ميوزم کي شر پسندن باهه ڏني هئي. سڄي قلعي ۾ شهيد هوش محمد جي قبر ڳولي هئيسين، پر اُها نه ملڻي هئي سا نه ملي. اتان مايوس ٿي موٽي آيا هئاسين. عبدالخالق کي سڀ ڪجهه ياد اچي ويو. آهُن ۽ دانهن کي، سمجهي نه سگهيو ڪو ئي.
سا قوم ٿي زنده رهي، جا ياد ماضيءَ کي حال سان گڏي، تاريخ سازي ٿي ڪري.
غلام شاهه ڪلهوڙي جي حيدرآباد کي الوداع چئي، ڀٽ شاهه تي پهتاسين. تازو ميلو ختم ٿيو هو. جلدي وضوع ڪري دُعا گهري، راڳ ۾ اچي شريڪ ٿياسين.
ڪراڙ ڍنڍ ۽ اياز جي ٻُنيءَ بابت، دوستن کي ٻڌائيندي اچي نيشنل هاءِ وي تي رسياسين. هالا مان ڪجهه نه ڪجهه خريد ڪرڻو هو، پر گهٽو وقت گذرڻ ڪري سفر جاري رکيوسين. اتر سنڌ ۾ انين بجي ڪان پوءِ، جهنگ وارن جو قانون آهي. پوليس ۽ رينجرس، ڏينهن جي روشنيءَ ۾ عام ماڻهن لاءِ آهن. هندستان تي اشوڪ اعظم جي دور حڪومت ۾ هت هڪ يوناني سياح آيو هو. هُن سنڌ لاءِ لکيو آهي ته ”هتي ڏوهه ٿيندا آهن.“ سواءِ پلاند ۾ خون وغيره جي. اهو (ق. م) جو قصو آهي.
٣ بجي، مورو باءِ پاس جي هوٽل تي، مزي واري ماني ڪاڌيسين. پُرسڪون هوٽل ۽ سهڻ جوڳو بل آيو.
مورو-دادو پل تي پهتاسين ته منهنجو خيال سکر جي پلين ڏانهن هليو ويو. ياد پيو ته هيمون ڪالاڻي، يعقوب بسڪيٽ فيڪٽريءَ جي پرسان ريلوي پٽڙي اکيڙي هئي. ڪيس سکر جيل ۾ ڦاهي ڏني وئي هئي. هُن جو اسٽيچو/بت، دهليءَ جي پارليامينٽ ۾ لڳل آهي. مان سوچيو ته: ڪو موقعو ملي ته دهليءَ ويندس، اُتي آزادي پسندن جو يادگار ڏسندس. منهنجي اندر واري انسان چيو: اسلام ۾ بت پرستي حرام آهي. مان چپ ٿي ويس. دير سان ياد پيو: ڇا خدا آباد واري مسجد، شهيد ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ ۽ لال مسجد تي حملو ڪرڻ، عين اسلام آهي؟ مان دهليءَ ضرور ويندس.
انين بجي لاڙڪاڻي چانڊڪا پُل ٽپي، المنصور هوٽل تي آياسين. هٿ منهن ڌوئي، چانهه وغيره وني، تازا توانا ٿياسين. نائين بجي گهر پهچي، خير وعافيت بابت فونون ڪيم ۽ ٽيپ هلائي ٻڌان ٿو:

الله هو، الله هو، الله هو، الله هو.....

# سنڌي ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي سوچ

ڌرتيءَ تي جبل ۽ نديون، جهنگل ۽ بيابان، سمنڊ ۽ آبشار، وري آسمان اندر سج ۽ چنڊ، تارا ۽ نکٽ، ڪتيون ۽ ڪهڪشائون، سڀ انسان لاءِ قدرت جي عطا ۽ اڪرام آهن.
دنيوي مسئلن جي ڪري، طاقتور ۽ منظم ڌرين زمين تي ليڪا ڪڍي، تنهنجي، منهنجي ۽ پنهنجي روپن ۾، زمين جي ٽُڪرن/خِطن تي جدا جدا ملڪن جا نالا ڏئي، ڏاڍ-مڙسيءَ جي زور تي مستقل نقشا ٺاهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ عمل ايستائين جاري رهندو، جيستائين ”حضرت انسان“ مهذب نٿو بڻجي يا مختصر لفظن ۾:
”ٻين جي حقن جو احترام نٿو ڪري ۽ انساني رت وهائڻ کان باز نٿو اچي.“
هن ڌرتيءَ تي سچائيءَ سان امن قائم ڪري سگهجي ٿو. بندوق ۽ ڏاڍ-مڙسي، آخر ڪيستائين؟ ڇا انگلينڊ وارا انگريز، آئرلينڊ وارن ”آئرش“ تي سوين سال ظلم ڪرڻ، بندوقن جي نڪائن ۽ رت وهائڻ سان ڪين مطيع ڪري سگهيا؟ ڇا سٺ سالن کان اسرائيل، فلسطيني ويڙهاڪن کي زير ڪري سگهيو آهي؟ توڙي جو پورو يورپ ۽ آمريڪا، اسرائيل جي پنيرائي ڪري پيو.
پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين ظالمن جون ڇيلهيون ڇڀيون ڪري ڇڏيون ۽ مظلوم قومن کي آزاد ٿيڻ جو موقعو ملي ويو. ائين آهستي آهستي ١٩٢ ملڪ خود-مختيار بڻجي چڪا آهن. انهن ملڪن جي حدن ۾ وري مظلوم قومون آزاد ٿيڻ لاءِ، مرڻ مارڻ واري جدوجهد ۾ ڪوشان آهن؟ تامل، تبتي، ڪشميري، چيچن، ڪُرد ۽ فلسطيني وغيره منجهائن بلڪل تورا نالا آهن. ڪن جون دانهون ڪُوڪون ۽ ظلم جا داستان، اسان جي ڪنن تائين پهتا آهن ته ڪن کان ناآشنا آهيون. اڄ جيڪي غلاميءَ جي ننڊ سُتل آهن، اُهي صبحاڻي اُٿي، آزادي آزادي پڪاريندا.
منهنجو ايمان آهي ته هڪ ڏينهن ڪو به آقا يا غلام نه رهندو، پر وتائي فقير چواڻي:
”سڀ ڪجهه ڪنگهڻ ڪڙڪڻ سان ٿيندو.“ جيڪڏهن ايشيا ۽ آفريڪا ۾ جَبر جهڪو نه ٿيو ۽ تيزيءَ سان استحصال ٿيندو رهيو ته هتان جون مظلوم قومون، بک، بيروزگاري، بدحاليءَ ۽ بدامنيءَ کان تنگ تي پڙُ ڪنديون.
مائوزي تنگ چيو آهي: ”طاقت، بندوق جي ناليءَ مان جنم وٺندي آهي.“ هٿيارن جو نه دين آهي ۽ نه ڌرم. هٿيار هٿ ۾ کڻڻ سان صرف انساني رت رائيگان ٿيندو آهي. جنگ ۾ اخلاق پاسيرا ٿي ويندا آهن، ۽ ٻيو سڀ ڪجهه جائز سڏيو ويندو آهي.

ظالمُ پنھنجا نت نانگر برقرار رکڻ لاءِ سجاڳ ذھنن ۽ ان جي پوئلڳن کي رتورت ڪندو آھي ۽ مظلوم ماڻھو پنھنجي ايندڙ نسلن جي عزت، غيرت ۽ ڳيي لاءِ پنھنجي جان ڏيڻ کي مزيدار راند سمجھندا آھن. مجبور، لاچار ۽ بيوس قومون ٻيو ڪري بہ ڇا ٿيون سگھن. جڏھن آفاقي مذھب، ھن ڌرتيءَ تي امن ۽ انصاف قائم ڪرڻ ۾ ناڪام رھن. يونائيٽيڊ نيشنس آرگنائيزيشن صرف ٽاڪنگ سينٽر ٻڻجي، سٺ سالن کان ڪشمير ۽ فلسطين جي قراردادن تي عمل ڪرائي نہ سگھن تہ باقي ٻيو ڪھڙو دڳ ٿو بچي. ان رستي وسيلي ئي ھر مظلوم قوم پنھنجي تقدير پاڻ ناھي سگھي ٿي.

ڪڏھن حضرت ابراھيمؑ خدا جي راضپي ۽ پنھنجي قوم جي آجپي لاءِ باھ جي اوڙاھ ۾ ٽپي پيو ھو. ڪڏھن چي گويرا، ڪيوبا جي وزارت، عيش ۽ آرام ڇڏي رڻ جو راھي ٻڻجي سميت موت سان ملڻ لاءِ نڪري پيو ھو. اھڙن جذبن ۽ قربانين سان قومن جا ڪتاب پريا پيا آھن.

مصر جو جمال ناصر، ويتنام جو ھوچي منھ، فلسطين جو ياسر عرفات، مون کي ڏاڍو وڻندا آھن. ڊاڪٽر مصدق ايران وارو، عدنان مينڊرس ترڪيءَ وارو، انڊونيشيا جو سوئيڪارنو ۽ ٻيا اھڙا، منھنجا ھيروز آھن. ايران جي خمينيءَ شھنشاھيت خلاف ڪامياب ھلچل ھلائي دنيا جون اکيون کولي ڇڏيون. آسمان اھڙا انقلاب ويجھي ماضيءَ ۾ تمام گھڻ ڏٺا آھن. اسان سيني جو حق آھي تہ يورپ ۽ آمريڪا جي رھاڪن وانگر، پنھنجي ڌرتيءَ تي امن، سڪون ۽ آسائش سان رھون. غاصب قوتن کي پنھنجون ترجيحات تبديل ڪرڻيون پونديون. انشاءَ الله انگريز سرڪار، گڏيل ھندوستان جي جدا جدا ملڪن، قومن ۽ رياستن کي فتح ڪري جيڪا پنھنجي سلطنت قائم ڪئي ھئي، ان کي بغير سوچ ۽ سمجھ جي، عقل ۽ حقيقت جي برعڪس، پنھنجي مذموم عزائم خاطر، ننڍي کنڊ کي مسلم ۽ ھندوءَ جي بنياد تي ورھائي پنھنجا ھٿ پٺي ويو. نتيجي ۾ ٻئي ملڪ وڙھڻ لڳا ۽ ٽي دفعا ٻي نتيجا جنگيون وڙھيون ويون. اوير پاڪستان بنگلاديش ٻڻجي ويو پر ڪشمير جو مسئلو اتي جو اتي رھيو.

اڄ بہ ٻئي ملڪ، بارود جا ڍير گڏ ڪري رھيا آھن ۽ ٻنھي ملڪن جو عوام، تعليم ۽ صحت سان گڏ ٻين بنيادي سھولتن کان محروم آھن. ٽينڪن ۽ جھازن، بندوقن ۽ ائٽم بمن ناھڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو ڪو بہ جواز نہ آھي. مسئلا ٽيبل تي بہ حل ٿي سگھن ٿا پر حق ۽ سچ جي وات ونڻ لاءِ، ٻئي ملڪ اڃا تيار نہ آھن.

۱۹۴۷ع ۾ گڏيل ھندوستان جو ورھاڱو ٿيو. آقا انگريز جو زور ٽٽو تہ غلام ھندو ۽ مسلمان ھڪٻئي تي ٽٽي پيا. ايڏو انساني رت وھيو جو غيرتمند انسانن جو ڪنڌ شرم کان جُھڪي ويو. گانڌيءَ کي ھڪ ڪٽر ھندوءَ ان ڪري گولي ھڻي قتل ڪيو ھو، جو ھو مسلمانن کي مارڻ کان منع ڪري رھيو ھو.

سنڌ ۾ اياڻن ماڻهن، اڳ ۾ الله بخش سومري کي ان ڪري ماري وڌو هو جو هو ڪانگريسي هيو. مون کي عمر جي آخري حصي ۾ اهو احساس ٿيو آهي تہ: شهيد سومرو، سائين جي ايم سيد کان بہ وڌيڪ ذهين هيو. هُن جي سوچ، سنڌ جي فائدي ۾ هئي. سڀ ڪجهہ تہ چڏيو، هن وقت تائين ١٩٤٠ع واري قرارداد پاڪستان تي بہ عمل درآمد تي نہ سگهي آهي. سومري صاحب جا قاتل بہ سنڌي، پلاننگ ڪندڙ بہ سنڌي. ڪتاب پريا پيا آهن، پڙهڻ سان نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري ٽالپر حڪمرانن کي ٽڪيٽ ونرائي. ١٩٠٦ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ٺهي، جنهن جي ناهڻ ۾ ميجر رول بنگالين جو هيو. قائداعظمؒ ۽ ٻيا سنڌي، بعد ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيا. خلافت تحريڪ کان پوءِ جان محمد جوڻيجو، سائين جي ايم سيد، ميران محمد شاهہ، عبدالمجيد سنڌي، عبدالله هارون، عبدالستار پيرزادو، محمد ايوب کهڙو ۽ سر شاهنواز ڀٽو وغيره نمايان مسلم ليڊر هئا. هندو اڳواڻ، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا، هو ڪانگريسي هئا.[1]

١٩٣٦ع واري سنڌ اسيمبلي، ٻي عالمي جنگ جي ڪري ١٩٤٥ع تائين ڪم ڪندي رهي. سائين جي ايم سيد سنڌ جون حڪومتون ناهڻ ۽ ڊاهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو. سنڌ اسيمبليءَ جي نئين چونڊ کان اڳ سائين جي ايم سيد ۽ قائد اعظم محمد علي جناح جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ آخر ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي "Two Nation Theory" جي بنياد تي پاڪستان وجود ۾ اچي ويو.

آزاد ملڪ، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ١٩٤٨ع ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي ڏکوئيندڙ وفات، لياقت علي خان جو راولپنڊيءَ ۾ قتل، ون يونٽ جو ٺهڻ، ١٩٥٦ع جو آئين ٺهڻ، آئين ختم ڪرڻ ۽ جنرل ايوب جي مارشل-لا، ڀٽي صاحب جو وزير خارجہ ٿيڻ، ١٩٦٢ع جو آئين، ايوب خان ۽ محترمہ فاطمہ جناح جي اليڪشن، ١٩٦٥ع واري پاڪ-ڀارت جنگ، معاهدہ تاشقند، ايوب خان ۽ ڀٽي صاحب وچ ۾ اختلاف، سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ، پاڪستان پيپلز پارٽي جو ٺهڻ، ڪميونسٽ لبرل ۽ ڪابي ڏر (سنڌ ۽ پنجاب صرف) جي ڀٽي صاحب جي حمايت جي ۽ پ جي شرڪت ۽ ڪن جي پارٽي کان ٻاهر رهي حمايت ڪرڻ، ايوب خان جي حڪومت، سول سوسائٽي جي احتجاجن ڪري ختم ٿيڻ، آئين ختم ڪري جنرل يحيٰ جو اقتدار ۾ اچڻ، پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو فيئر اليڪشن ٿيڻ، نتيجي ۾ "مجيب ۽ ڀٽو" فيڪٽر اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيا. سگهارين ڌرين[2] مجيب کي اقتدار کان پري رکيو. ١٩٧١ع واري پاڪ-ڀارت جنگ، بنگلاديش جو ٺهڻ، ڀٽي صاحب جو مغربي پاڪستان واري پاڪستان ۾ اقتدار سنڀالڻ،

---

[1] ڏسو جنب گذاريم جن سين-سائين جي ايم سيد

[2] بيورو ڪريسي، فوج ۽ سياسي اڳواڻ

هن ملڪ جا تمام وڏا سياسي واقعا آهن. ڀُٽي صاحب، چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر طور حلف کنيو. مارشل-لا ختم ڪيائين، ١٩٧٣ع جو آئين ڏنائين. روٽي، ڪپڙا اور مڪان جي انتخابي منشور تي عمل ڪرائڻ شروع ڪيائين، صنعتون قومي تحويل ۾ ورتائين، شملہ معاهدو ڪري، انڊيا کان جنگي قيدي ۽ علائقا آزاد ڪرايائين. ڀُٽي صاحب جو وڏو ڪارنامو اسلامي سبراهي ڪانفرنس ڪوٺرائڻ چيو وڃي ٿو. حزب اختلاف وارن تي سختي ٿي. حيدرآباد ڪيس ۾، ولي خان کان وٺي بلوچ رهنما ۽ سنڌي دانشور وغيره قيد ٿيا. قومپرست ۽ کاٻي ڌر وارن سوشلسٽ کان سواءِ مذهبي جماعتن ۽ مسلم ليگ وارن ”نو جماعتي“ اتحاد جوڙي پ پ وارن جي خلاف ڌماچوڪڙي مچائي ڏني. جماعت اسلامي ۽ مولانا مفتي محمود جي منظم ڪارڪنن سان گڏ ليگي اڳواٽن، آمريڪا جا مليل ڊالر پاٽيءَ وانگر وهايا.

ڀُٽي صاحب جو اقتدار ۾ اچڻ، مان ائين سمجهندو آهيان جڻ ١٨٤٣ع کان پوءِ پهريون دفعو ڪنهن سنڌي ماٺهوءَ کي اقتدار جي مسند ۽ طاقت هٿ آئي هجي. پاڪستان گورنمينٽ جي نالي، راءِ گهراٽي واري سنڌ، ڀٽي صاحب جي حدن ۾ اچي چُڪي هئي، پر جيئن بهار جي موسم مختصر ٿيندي آهي، تيئن اسان جا خواب بہ ساپيان تي نہ سگهيا هئا.

ترِ جي گُٽي سؤ چوٽون کائي. هاڻي تہ ظلم ۽ فتني جي انتها تي چُڪي آهي. گهر ۾ بہ محفوظ ڪو نہ آهيون. جڏهن مسيحا متجي وڃن، ڪوڙ ۽ دولاب جو بول بالا هجي تہ انسان جي سوچ جواب ڏئي تي چڏي، ڪري ۽ ڪوٽي جي تميز نڪريو وڃي. جانورن وانگر صرف پيٽ پالڻ، سڀ ڪجهه بڻجيو وڃي. عزت، غيرت ۽ وقار جي ڳالهہ، تماشو بڻجي وڃي تہ پوءِ چا ڪجي؟

ڀُٽي صاحب جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ، زرعي ۽ اقتصادي اصلاحات جو اعلان ٿيو. سنڌ ۾ زرعي اصلاحات بلڪل ناڪام ٿيا. ائين ئي ايوب خان جي دور ۾ پڻ هتي عمل در آمد نہ ٿيو هو. چوڻ وارا چون ٿا تہ پنجاب ۾ زرعي اصلاحات تي عمل ٿيو، جنهنڪري اتي جي هارين کي زمينون مليون پر سنڌ ۾ صرف ڪاتن جي مَٽ ٿي. فيملي ميمبرن سان گڏ، ڪمدارن، نوهن ۽ هارين جي نالن تي ڪاتا راتورات نهي ويا. غريب هارين لاءِ جهڙا زرعي اصلاحات آيا تهڙا نہ. پنجاب ۾ زرعي اصلاحات دوران، اتان جي هارين کي گهڻو فائدو مليو. وڏيرن، جاگيردارن جون زمينون گهٽجي ويون ۽ هر-هاري زمينن جا مالڪ بڻجي ويا. چوڌري پنهنجا نٺ نانگر برقرار رکڻ خاطر، صنعتي يونٽ ۽ فروٽ فارم لڳائڻ لڳا، جنهن لاءِ حڪومت سهولتون ۽ قرض ڏئي رهي هئي. ان جي برعڪس سنڌ ۾ زرعي زمين گهٽي پر پيداوار بلڪل گهٽ. وڏي مصيبت اها تي تہ بئراجن جون

سرڪاري زمينون، مقامي سنڌي هارين جي بجاءِ غيرحاضر غير سنڌي زميندارن کي ڏنيون ويون.

پاڻيءَ جي ڪوٽ، موسمي ڦيرين گهيرين ۽ برساتن ۾ طوفانن جي ڪري سنڌ جي زرعي پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ڪچي جو جهنگ ۽ ٻيلا تباهه ٿي ويا. پيداوار مهانگي ٿي وئي. سرڪار جي عدم توجهيءَ ڪري ڌوهه وڌڻ لڳا ۽ آٽوميٽڪ هٿيار ۽ نشي آور شيون، سرعام وڪرو ٿيڻ لڳيون. لاڙ ته ساموندي طوفانن ۽ برساتن ڪري پنهنجي جيئڻ جي سگهه وڃائي وينو هو.

آهستي آهستي، ڀٽو مخالف قوتون گڏ ٿيون. ڀٽو صاحب پريشر ۾ اچي، سوشلزم تان هٽي، مذهبي جماعتن جي مطالبن کي مڃڻ لڳو. مثلاً جمع موڪل ڪرڻ، شراب تي پابندي ۽ صنعتون واپس مالڪن جي حوالي ڪرڻ. پر ملا ۽ مولوي بضد رهيا ته: پ پ پ، حڪومت کان الڳ ٿئي. اليڪشن ۾ ڌانڌليءَ جي بهاني هنگاما وڌي ويا. پوليس ۽ ريجنرز بيوس بڻجي وئي. آخر فوج اقتدار تي قبضو ڪيو. جنرل ضياءُ الحق ۽ ڀٽي صاحب وچ ۾ مريءَ ۾ ڳالهيون ڪامياب ڪو نه ٿيون. آخر ڀٽي صاحب کي خون جي ڪيس ۾ ججن جي بنياد تي ڦاسيءَ جي ڦندي تي پهچائي ڪيس شهيد ڪيو ويو.

سڄي سنڌ تي هڪ وڏو پهاڙ ڪري پيو هو. سڄي معاشري کي ڄڻ نانگ سُنگهي ويو هو. ايڏي مانار ۽ خاموشي ڇانئجي وئي هئي جو ڇا چئجي. ڪنهن کي ڄڻ يقين ڪو نه پيو اچي ته هي ڇا ٿي ويو. آخر اهو لاوو تڏهن ڦاٽو، جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ هلي ۽ سنڌ پنهنجو قرض ۽ فرض پورو ڪري پاڻ ملهايو هو. سنڌي وڏيرا هتان جي ماڻهن جو ايڏو جوش ڏسي ڊڄي ويا هئا، جنهنڪري Objective حاصل ڪو نه ٿيو هو.

ملڪ جي اندروني حالتن کي ڏسندي ۽ ٻاهرئين دٻاءَ تي جنرل ضياءُ الحق اليڪشن جو شيڊول ڏنو. پ پ پ اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو. بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو ڪافي تڪليفون سٺيون. جيل ۽ نظربنديءَ سان گڏ بيگم صاحبه تي لاهور ۾ ايٽريون لٺيون وسايون ويون جو بيگم صاحبه سڄي رتورت ٿي وئي هئي. محمد عرس جوکيو به سخت زخمي ٿي پيو هو. مير مرتضیٰ، الذوالفقار تنظيم ٺاهي ضياءَ خلاف هٿياربند جدوجهد هلائي هئي. جهاز اغوا ڪرڻ سان گڏ هن جا ماڻهو ٻيون ڪارروايون پڻ ڪندا رهيا. جن جو اعلان حڪومت ڪندي رهندي هئي. اليڪشن جي نتيجي ۾ جوڻيجو حڪومت اقتدار ۾ آئي. بعد ۾ جوڻيجي صاحب کي گهر اماڻيو ويو. افغان جنگ جي ڪري جنرل ضياءَ من مانيون ڪندو رهيو. آخر جهاز حادثي ۾ هو ۽ سندس دور پورو ٿيو.

اسحاق خان، سينيٽ جو چيئرمين، صدر بڻيو. اليڪشن ٿي، محترمه اقتدار ۾ آئي پر اهو اقتدار مشروط چون ٿا. هتان جي ماڻهن تي ڪجهه مرهم پيو، ڏک ڏور ٿيا.

نوڪريون مليون، روزگار وڌيو پر بدامنيءَ تي ڪنٽرول ڪو نہ ٿي سگهيو. گهڻو ڪجهہ اقتصادي طور فائدو مليو پر سنڌ جا بنيادي مسئلا حل نہ ٿي سگهيا. وقت ڪان اڳ، پ پ پ جي حڪومت ختم ٿي. نواز شريف اقتدار ۾ آيو جيڪو جنرل ضياءَ جي دور ۾ پنجاب مان ابري آيو هو. بعد ۾ اليڪشن ۾ محترمہ وري اقتدار ۾ آئي. مولانا فضل الرحمان سندن پارٽنر بڻيو. مير مرتضيٰ جي شهادت ڪي جواز بڻائي. محترمہ جي حڪومت ختم ڪئي وئي. وري ٻيو دفعو نواز ليگ اقتدار ماڻيو، جنهن کي جنرل مشرف ١٩٩٩ع ۾ هٽائي ڇڏيو.
نواز شريف ٿورو عرصو جيل ۾ رهڻ کان پوءِ، ڳجهي معاهدي هيٺ سعودي هليو ويو. محترمہ ٨ سال جلاوطن رهي. آصف صاحب جيل ۾ رهيو.
محترمہ صاحبہ برطانيہ ۽ آمريڪين جي ٺاهڪڙيءَ ڪري N.R.O تحت پاڪستان آئي تہ نواز شريف سعودين جي معرف N.R.O مان فائدو وٺندي پاڪستان آيو. اهڙيءَ طرح ايم ڪيو ايم ۽ ٻين بہ وهندڙ گنگا مان اشنان ڪيا.
محترمہ جيئن ئي ڪراچي ايئرپورٽ کان مزار قائد اعظم ڏانهن جلوس ۾ اچي رهي هئي تہ بم بلاسٽ ٿيو. محترمہ بچي وئي، پر ١٥٠ ڪارڪن موت جي غار ۾ هليا ويا ۽ ڪيترا ئي زخمي ٿيا. روڊن تي ماڻهن جو سمنڊ پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽي ويو. اهو ڏينهن خميس ٢٠٠٧-١٠-١٨ هو.
بعد ۾ محترمہ جا ميرپورخاص، نوابشاهہ ۽ لاڙڪاڻي وغيره جا دورا ڏاڍا ڪامياب ٿيا. محترمہ جي بيباڪ لهجي سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. وڪيلن جي تحريڪ اڳ ۾ ئي مشرف خلاف ڪاميابيءَ سان هلي رهي هئي. ججن جي بحاليءَ لاءِ ان تحريڪ ۾ محترمہ وڏيڪ جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو. فطري ڳالهہ آهي تہ مشرف پاڻ ۽ هن جي حڪومت پريشان ٿي ويا. مشرف طرفان ۽ ٻين وزيرن واتان، معاهدي N.R.O جي پ پ پ طرفان ڀڃڪڙيءَ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون.
جيئن تہ ڪراچي واقعي جو سختيءَ سان نوٽيس نہ ورتو ويو ۽ سازشن کي محترمہ سمجهندي بہ محتاط ٿي نہ سگهي. آخر راولپنڊي سانحو ٿيو ۽ محترمہ اوڏانهن اڏامي وئي، جتي هر ڪو ويندو آهي. محترمہ جي شهادت تي پٽي صاحب ۽ مرتضيٰ جي سانحن جي برعڪس سڄي سنڌ ۾ باهيون ٻري ويون. سنڌين ڪڏهن بہ اهڙو احتجاج ائين رڪارڊ نہ ڪرايو آهي. ڀڃريون دفعو سنڌي ماڻهن قانون هٿ ۾ کڻي، مشتعل ٿي، حڪومت کي لِڪڻ تي مجبور ڪيو. سمجهدار ۽ سنجيده ماڻهن جو خيال آهي تہ: حڪومت جي اها پاليسي هئي تہ پل سرڪاري ۽ عوامي نقصان ٿئي. ورنہ تہ پوليس ۽ رينجرز جي مدد سان نقصان گهٽائي سگهجي پيو. ٽي ڏينهن، لڳي پيو تہ سنڌ اندر حڪومت نالي ڪا شيءِ نہ هئي. پ پ پ وارن تي حڪومتي ڪارندن الزام هنيو تہ: هي

ڪم انهن جي ئي ڪارڪنن جو آهي پر هنن مدلل جواب ڏنو ته اسان کي هوش ئي ڪٿي هيو. اسين ته سوڳ ۾ ورتل هئاسون. اهو ڪم يا ته حڪومت وارن پاڻ ڪيو آهي يا ڏوهاري ماڻهن جو آهي.

اليڪشن هڪ دفعو ملتوي ڪري ١٨ فيبروري جي تاريخ ڏني وئي. سنڌ ۾ پ پ پ اڪثريت سان ڪٽي آئي. مرڪز ۾ پ پ پ کي اڪثريت ملي پر پنجاب مان پ پ پ نمبر ٽو بڻي. پهرين پوزيشن مسلم ليگ (ن) حاصل ڪئي.

سرحد ۾ عوامي نيشنل پارٽي پهرئين نمبر تي ۽ بلوچستان ۾ مسلم ليگ (ق) سوڀاري ٿي، جيڪي بعد ۾ سڀ جو سڀ، سواءِ هڪ ٻن جي، پ پ پ ۾ شريڪ ٿيا. آزاد اميدوارن جي اڪثريت ڪٽيو، جيڪي حڪمران جماعت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اليڪشن وڙهندا آهن.

آل پارٽيز ڊيموڪريٽڪ موومينٽ APDM مان، جماعت اسلاميءَ ۽ تحريڪ انصاف وغيره اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو. بهرحال، صدر صاحب لاءِ اليڪشن بهتر نتيجا نه آندا ۽ هو اڄ تائين پريشان آهي. پ پ پ، مشرف جي مبهم مخالفت ڪري رهي آهي. جڏهن ته نواز ليگ وارا صاف اعلان ڪري رهيا آهن ته صدر صاحب سان اسان جو گذارو نه ٿيندو.

محترمه جي شهادت ڏاڍي ظالمانه ۽ بي رحمانه نموني ٿي. اجا به وڏيڪ ڏکوئيندڙ عمل اهو آهي ته هن جي ايف آءِ آر انهن نالن تي ٿيل نه آهي، جن لاءِ محترمه پنهنجي زندگي ۾ خدشو ڏيکاريو هو. انٽرنيشنل ميڊيا ۽ اخبارن وغيره ۾ اُهي نالا اچي چڪا آهن، جيڪي هڪ آمريڪي سينيٽر وغيره جو حوالو ڏين ٿا. شل! اقوام متحده جي مستقبل واري جاچ ٽيم، حق ۽ سچ جي واٽ وٺي. عوام تائين اها راز جي ڳالهه پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿئي. حق ۽ سچ منظر عام تي اچڻ گهرجي. ناحق نه ٿيڻ گهرجي. هونءَ ته ماضيءَ ۾ هاءِ پروفائيل ڪيس وقت جي دز ۾ لٽجي ختم ٿي ويندا آهن. عوام، جيڪو طاقت جو سرچشمو آهي، اُن کان هر ڳالهه اوجهل رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. باقي ڊرائنگ رومن ۽ وڏين گاڏين وارن کي سڀ خبر هوندي آهي. مون کي اميد آهي ته پ پ پ، ظالم ڌر کي نروار ڪندي. اهو ئي هڪ طريقو آهي، جنهن سان سنڌي ماڻهن جي ڦٽن تي مرهم رکي سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن پ پ پ وارن ٿوري به پرده داري ڪئي ته سنڌ جو مستقبل ڏاڍو پوائتو لڳي ٿو. ڪو ڪنهن تي اعتبار نه ڪندو. صرف لالچي، دغاباز ۽ نڳن جا جاوا ٿيندا.

انهيءَ تناظر ۾ پاڪستان جي صوبن جو مختصر سياسي جائزو وٺون ٿا.

## صوبو سرحد (هاڻي خيبر پختون خواه)

باچا خان فيملي ۾ ولي خان ۽ بيگم نسيم ولي خان جو ڪردار، سرحد جي عوام جي ترجماني ڪندڙ رهيو آهي. هو ائين مقبول رهيا آهن، جيئن سنڌ ۾ شهيد ڀٽو. جيئن بيگم نصرت ڀٽو، ڀٽي صاحب جي جيل وڃڻ ڪان پوءِ پ پ پ جي قيادت سنڀالي، ائين ولي خان جي اسي واري ڍاڪي ۾ بغاوت ڪيسن جي ڪري بيگم نسيم ولي خان پنهنجي پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي. ولي خان ڏاڍو ذهين سياستدان هيو. ڀٽي صاحب ۽ ضياءُ الحق لاءِ هڪ دفعو چيو هئائين: ”ايڪ قبر هي، ديڪتي هين ڀٽو اور جنرل مين سي ڪون اُس مين جاتا هي.“

پناڻن، بلوچن ۽ سنڌ مان عبدالحميد جتوئي ١٩٧٣ع جي آئين تي اختلاف رڪارڊ ڪرايو هو.

مولانا مفتي محمود جو تعلق بہ سرحد صوبي سان رهيو آهي. جمعيت علماءِ اسلام جو سربراهہ سادگي پسند ۽ پاڪستان جي سياست ۾ نيڪ ماڻهو هيو. پر ضياءُ الحق کي هو بہ ڀٽي صاحب وانگر سمجهي نہ سگهيو هو.

مسلم ليگ (قيوم گروپ) قيوم خان جي مرڻ ڪان پوءِ ختم ٿي وئي. هن وقت اسفنديار ولي، مولانا فضل الرحمان، شير پائو، مسلم ليگ (ق)، پ پ پ ۽ آزاد اميدوار اسيمبلي جا ميمبر آهن. اي اين پي، پ پ پ ۽ آزاد اميدوارن گڏجي حڪومت ناهي آهي. جماعت اسلاميءَ جا گڏيل حڪومت ۾ وزير ۽ ميمبر هئا پر هن دفعي هنن اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو هو.

مختصراً چئي سگهجي ٿو تہ مذهبي سوشلسٽ، قومپرست، ليگي، پ پ پ ۽ آزاد اميدوار پنهنجي عوام جي نمائندگي ڪن ٿا.

## صوبو بلوچستان

پاڪستان ٺهڻ وقت، بلوچستان کي صوبي جو درجو مليل ڪو نہ هو. بلوچ خطي ۾، قلات خودمختيار رياست هئي، جيئن سنڌ ۾ خيرپور ميرس رياست هئي. ائين خان آف قلات جو بہ معاهدو ٿيل هو. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي بلوچن جو ڏاڍو رت وهيو آهي. هنن جي قبائلي اڳواڻن کي قيد ڪيو ويو. ايوب خان جي دور ۾ قومپرستن جي حڪومت ختم ڪري، مري ۽ مينگل قبيلن تي فوج ڪشي ڪئي وئي. اوريانہ فلاسيءَ لکيو آهي تہ: ”جبلن ۾ اسان هڪ آواره گڏهه ڏٺو. ان تي بار جو لاش پيو هيو، جنهن ۾ جيت چُري رهيا هئا.“ هوائي جهازن جي بمباريءَ ۾ اهو گڏهہ، پنهنجي مالڪن ڪان وڇڙي ويو هوندو ۽ ائين بار جي حالت خراب ٿي وئي هوندي. نواب خيربخش مري، سردار عطاءُ

الله مينگل، مرحوم غوث بخش بزنجو، جنرل شيروف عرف شيرمحمد مري قومپرست ۽ سوشلسٽ ڌڙي جي نمائندگي ڪندا هئا. پٽي صاحب جي دور ۾ نواب اڪبر بگٽي، بلوچستان جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻيو. جيڪو جنرل مشرف جي دور ۾ پراڻي دور واري سياست ڇڏي بلوچن جي روايتي سياست ڪرڻ لڳو. آخر لاچار تي ايڏي وڏي عمر ۾ هٿيار کڻي قبيلي جي ماڻهن سان جبلن تي هليو ويو ۽ فوجي ايڪشن جو جواب ڏيڻ لڳو. ائين بلوچستان جي جبلن تان پنهنجو رت قربان ڪري، ايندڙ نسل لاءِ مثال ڇڏي ويو.

بلوچستان علائقي ۾، پناڻ علائقا بہ شامل آهن، جتي پختونن جي اڪثريت آهي. هنن جي سياست بہ قومپرستي ۽ ڪابي ڌر سان وابستہ رهي آهي. هنن جو ماضي بہ فخر جوڳو رهيو آهي. هن وقت محمود خان اڇڪزئي، انهن جي نمائندگي ڪري ٿو. مرڪز ۽ صوبي ۾ هنن جا پنهنجا ماڻهو نمائندگي ڪن ٿا.

مذهبي جماعتن سان گڏ، مسلم ليگ (ق)، پ پ پ ۽ آزاد اميدوار اليڪشن ڪٽندا آيا آهن. هن وقت (ق) ليگ وارا، پ پ پ ۾ شامل ٿي چڪا آهن. قومپرستن، بگٽي سانحي ڪري، اليڪشن ۾ حصو نہ ورتو. مذهبي جماعتن بہ بائيڪاٽ ڪيو هو. هاڻي پ پ پ، اڪثريتي جماعت طور، اپري حڪومت هلائي رهي آهي. هيءَ حڪومت قيدين کي آزاد ڪري رهي آهي ۽ فوجي آپريشن کي بند ڪرڻ جا اعلان ڪري رهي آهي. هن خطي ۾ هڪ مفاهمتي عمل شروع ٿي چڪو آهي. پر ان سان گڏ بلوچستان لبريشن آرمي اڃا خاموشي اختيار نہ ڪئي آهي. بلوچستان جو موجوده گورنر بہ بلوچ هئڻ سان گڏ بلوچ روايتن جي پاسداري ڪري ٿو. جيڪڏهن اسلام آباد وارن مداخلت نہ ڪئي تہ حالتون اڳي کان بهتر ٿي وينديون.

## صوبو پنجاب

پاڪستان نهڻ کان وٺي، هيءُ حڪمران صوبو رهيو آهي. هتي صنعتي ۽ زرعي ترقي، ٻين صوبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهي. فوج ۾ هتان جي ماڻهن جي اڪثريت هئڻ ڪري تعليم، صحت ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ سڀ کان اڳيرا رهيا آهن. فوج جي حڪومت هجي، پ پ پ يا ليگي حڪومتون هجن، هن صوبي جي عوام جي خدمت مختلف نموني ٿئي ٿي. سڀ حڪمران هنن جي خواهش جو احترام ڪندا آيا آهن. هنن جي سياسي ۽ ٿنڪ ٽئنڪ صرف ڪالاباغ ناهڻ ۾ ناڪام رهي آهي. اڳ ۾ هنن وٽ مرڪزي قيادت نہ هئڻ جي برابر رهي آهي پر نواز شريف اها کوٽ بہ پوري ڪري ڇڏي آهي. مذهبي ڪابي ڌر ۽ ٻيا چوندجي آيل اسيمبليءَ ۾ اچن ٿا. هن وقت نواز ليگ ۽ پ پ پ جو

صوبي ۾ اتحاد آهي، جيئن مرڪزي اتحاد اٿن. اُتي اي اين پي ۽ فضل الرحمان گروپ به وزارتن ۾ گڏ اٿن.

## صوبو سنڌ

هيءُ صوبو، دنيا جي قديم ترين وسندين ۽ مهذب تهذيب ۽ تمدن جي تاريخي حيثيت رکي ٿو. دنيا جي قديم لکتن ۾ احرام مصر، بابل، نينوا ۽ موهن جي دڙي جون مُهرون اڃي وڃن ٿيون. سنڌ جي تهذيب جي لکت اڃا پڙهڻ ۾ ڪو نه اچي سگهي آهي. باقي ٻيا سڀ راز فاش ٿي چڪا آهن. اها، مون ڪي چار سو ويهه تي لڳي. ڪنهن ڳالهه جي دنيا پرده پوشي پئي ڪري. اسان ۾ ڪو افعال ڪو نه رهيو آهي، چو ته ڪو ڏٽي سائين نه آهي. مرشد لطيف جو شعر آهي:

جُ سي لوڙائو ٿيا، جنين پَر رَهن،
مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو.

اسان جي حڪمرانن جي، جڏهن اسان جي ٻوليءَ ۽ ثقافت، قديم عمارتن ۽ آثارن سان ڪا دلچسپي نه رهي آهي ۽ انهن ڪي متائڻ جي پويان هجن ته سترپل ملڪن واري ريسرچ ڪيئن ٿيندي. صرف محبت، اخباري بيانن ۽ جلوسن ڪڍڻ سان ڪجهه ڪو نه ٿو ٿئي. ڪم ڪرڻ لاءِ صدين جي پلاننگ ڪرڻي پوي ٿي، تڏهن ڪو نتيجو ۽ رزلٽ سامهون اچي سگهي ٿو.

ان ۾ ڪو به وڏاءُ نه آهي ته موجوده ملڪ ۾، سنڌي ٻولي سيني کان وڏيڪ شاهوڪار آهي، ڇاڪاڻ ته الف-ب صرف سنڌيءَ وٽ آهي. صدين جو ادب منجهس محفوظ آهي. باقي صوبا فارسي يا اردوءَ جي سهاري جيئن ٿا. وٽن بنيادي شين جي به گهٽي کوٽ آهي. عربن جو فتح نامہ سنڌ، هتان جو قديم تاريخي ڪتاب آهي. هندن جي ويدن وغيره ۾ به سنڌ جو ذڪر ملي ٿو. دنيا جي قديم سياحن، هند ۽ سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي. چيني ۽ يوناني سياحن جي ڊائرين ۾ Sind جو ذڪر بهتر ۽ خوشحال ملڪ طور ٿيل آهي. هن ڪنڊ جي موريا شهنشاهيت واري دور ۾ سنڌ بابت يوناني سياح لکيو آهي ته: ”هيءُ پُر امن خطو آهي.“ جبل، نديون، سمنڊ، جهنگل، ٻيلا، آباد زمينون، مال متاع وغيره سڀ ڪجهه هتي آهي. باقي ڇا گهرجي؟ جيئڻ جي بنيادي ضرورتن کان پوءِ محبت ۽ عقيدو به دنيا جهان جيترو رهيو آهي. هندوستان ۽ پنجابين کان اڳ، اسان توحيد پرست آهيون. غلام سنڌين، عربن کي حديث ۽ فقهه جون تشريحون ٻڌائي، پنهنجي عزت وڌائي هئي. وقت وقت جي ڳالهه آهي. هاڻي ٻيا اسان کي اسلام ٿا سيکارين. ڪا ته خرابي اسان کي خوار ڪري رهي آهي.

انگريزن، سنڌين جي مظلوميت ۽ شرافت، بيوسي ۽ سادگي ڏسي، هن خطي کي ڏکن جي وادي سڏيو. ائين يوناني ۽ عرب، ايراني ۽ هندوستاني حملي آورن، هتان جو رت ۽ سَتُ پي، ظلم جا ليکا لتاڙي ڇڏيا.

چنگيز خان ۽ هلاڪوءَ، ابدالين ۽ بابر جي اولاد، پنهنجن علائقن ۾ شڪستون ۽ موچڙا کائي، سنڌين تي سنگينون تاڻي، فاتح ۽ معتبر بڻجي، سون سالن تائين عياشيون ڪيون. ائين هيءَ مهذب قوم، جهانن سان وڙهندي وڙهندي، پنهنجو سڀ ڪجهہ تباهہ ڪيو ويٺي آهي. هاڻي تہ سائين زاري آهي. شير شاهہ جي شڪري وانگر گهر جا ڪُڪڙ ماري ڇاڻون. منافقيون، ڌاڙون ۽ لٻاڙون هٽي ڇاڻون، باقي ٻڙي. في الحال تہ ڪجهہ ڪو نہ آهي. اللهﷻ جڏهن اسان جي ٻُڌي. هو ڪو رحم ۽ ٻاجهہ ڪري. هن خطي جي تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ ڪا گهٽتائي آڻي. باقي حڪمرانن ۾ ڪا اميد نہ آهي. درياهہَ ۾ پاڻيءَ بدران، واريءَ جو اڏامڻ ان جو مثال آهي.

۱۹۷۰ع تائين سنڌ جو وڏو مسئلو صرف ون يونٽ هيو. ٻين مسئلن ۾ ٻولي، ٻئراجن جي زمينن جي مفت غير سنڌين کي بخشيش، غير سنڌين جي آبادڪاري وغيرهہ. هتي جيڪي بہ برايون هيون، سنڌ جي سنجيدهہ دانشور طبقي ۽ سياستدانن جو خيال هيو تہ ان جو بنياد ون يونٽ آهي.

ون يونٽ دوران سنڌ جي قومپرست ۽ سوشلسٽ اڳواڻن، ڪارڪنن سان گڏ قيد ۽ تڪليفون ڪاٽيون. آخر ايوب جي خلاف لهر اٿي، جنهن جو فائدو ڀٽي صاحب کي مليو ۽ هو ڪاميابي ماڻي، حڪمران بڻجي ويو.

جڏهن بنگالين آباديءَ جي بنياد تي حڪومتن ڪان حصو گهريو تہ ون يونٽ جي بنياد تي، اهو چئي سندن حق تلفي ڪئي وئي تہ: بہ ڀائر آهيون، برابريءَ جا حقدار آهيون. اُهي الڳ ٿيا تہ پنجاب کي ڀٽي صاحب، آباديءَ جي بنياد تي گهٽو ڪجهہ ڏئي ڇڏيو. سنڌي ماڻهو حڪمران، عقل ۽ سمجهہ ڪان پري ٿي، سڀ سنڌي مال ميڙڻ ۽ نوڪرين چاڪرين کي لڳي ويا. ۳۵ سالن ڪان پوءِ، هاڻي سيني کي خبر پئي آهي تہ سنڌ تہ ڀڙيانگ ٿي وئي آهي. هر شيءِ لاءِ، اسلام آباد ڏانهن نهارڻو پوي ٿو. پ پ پ جي حڪومت آهي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ٿو. ورنہ تہ ٻچن پالڻ جيترو مس ٿو وڃي ملي. پر انهن جي حڪومت نہ آهي تہ سڄي سنڌ ۾ واويلا مچي ٿي وڃي. بيروزگاري ۽ بويسي ڪَرَ ڪڍندي رهي ٿي.

مان صاف راءِ ڏيڻ ٿو چاهيان تہ: پاڪستان جي حڪمرانن مان سنڌي ماڻهن کي چونڊ ڪرڻي پوندي تہ ڀٽي صاحب ۽ محترمہ جون حڪومتون اقتصادي حساب سان پهرئين نمبر تي پسنديده حڪومتون رهنديون.

محترم پليجي صاحب، طبقاتي حساب سان سنڌ ۾ سني جاڳرتا ڏني آهي. سائين جي ايم سيد سنڌ ۾ قومپرستيءَ جو امام آهي. سيد مرحوم، جيئن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان

محبت ڪئي آهي، ائين مقدس ڪتابن ۾ نبين پنهنجي قومن سان ڪئي آهي يا ڏند ڪٿائي قصن ۾، اهڙا تفصيل بيان ڪيل آهن. هن پئسا، ڪتاب، سچائي، محبت ۽ خلوص سنڌين کي ڏنو. هٿيار کڻڻ کان منع ڪئي. موت ۾ سنڌين کان ڪجهه نه گهريائين. ڏوراپا نه ڏنائين، ڪاوڙ ۽ غصو نه ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن صرف زار و قطار روئي ڏيندو هو. انسان ديوتا پيغمبر نه هيو. ڪارڪنن سان ٻچن وانگر پيار ڪندو هو. ائين نينهن نڀائيندي تمام وڏي عمر نظربنديءَ جي حالت ۾ وفات ڪيائين.

جي ڪنهن راهه اَجل جي ورتي آ،
هـن پـونءِ ڪـئـي، ٻـي پرتي آ ....

اجا نه سنڌ اهڙو عاشق پيدا نه ڪري سگهي، اڳتي لاءِ الله ئي ڄاڻي ٿو.

سنڌين جي ووٽن تي وڏيرا، پير، مخدوم، سرمائيدار، پاٿاريدر ۽ اسمگلر ته چوندجي آيا آهن پر پليجو ۽ سيد اسيمبليءَ ۾ پهچي نه سگهيا. آريسر، جام ساقي ۽ ٻين قوم لاءِ آواز اٿاريندڙن ۾ ڪڏهن اليڪشن ۾ بيهڻ جو سوچيو به نه آهي، ڇو ته سندن نظرين جي پنيرائي سنڌيءَ وٽ نه آهي.

سنڌي قوم، منهنجي خيال ۾ سورهيه بادشاهه، شهيد الله بخش سومري، حيدر بخش جتوئي، نذير عباسي ۽ ٻين گمنام اڻ ڳڻين ڪارڪنن ۽ ليڊرن جي مقروض آهي.

يحيٰ خان واري اليڪشن ۾، ڀٽي صاحب پنجاب ۽ سنڌ منجهه تمام وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. ڀٽي صاحب، پنهنجي دور ۾ بلوچستان ۽ سرحد جون چونڊيل حڪومتون ختم ڪري، پنهنجا من پسند ماڻهو مقرر ڪيا. ائين ڀٽو صاحب، ٻنهي صوبن جي ليڊرن ۾ گنهگار ٻڌجي ويو هو.

گذريل ٻنهي مارشل-لائن[1] ۾ وڏيرن، پيرن، مخدومن ۽ جاگيردارن لوٽو ٻڌجي اقتدار جا مزا ماڻيا ۽ سنڌ جي اصل مسئلن تان ڪن لاٿار ڪئي.

موجوده اليڪشن ۾ پ پ پ اڪثريت سان ڪٽي آئي آهي. حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪين ڪنهن جي مدد جي ضرورت نه آهي. غلام مصطفيٰ جتوئي جون ٽي سيٽون، ق ليگ جون ڪجهه سيٽون ۽ پير پاڳاري جا پوئلڳ اسيمبلي ميمبر ٻڌيا آهن.

قومپرستن مان سائين جي ايم سيد جو پوٽو جلال محمود شاهه ڪڏهن ڪٽندو آهي، ته ڪڏهن هارائيندو آهي. هو هن دفعي ڪامياب ٿي نه سگهيو آهي.

سنڌ نيشنل فرنٽ مان جناب ممتازعلي ڀٽو ۽ سندس پٽ ڪڏهن ڪٽندا آهن، ته ڪڏهن هارائيندا آهن. هن دفعي هو ٻه هارائي ويا. ممتاز علي ڀٽو واحد سنڌي سياستدان آهي، جيڪو مرڪز جي حڪومت کي ڇڏي، سنڌ جي سياست ڪرڻ لڳو آهي. هن شايد ڀٽي

---

[1] ضياءُ الحق ۽ جنرل مشرف واريون.

صاحب جي شهادت مان اهو سکيو آهي ته سنڌ سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي. مفت ۾ مري ويندا سين.

پليجي صاحب جو ياءُ غلام قادر پليجو، پنهنجي پارٽي ڇڏي پ پ پ ۾ شامل ٿيو. هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بڻيو هو. هاڻي ان جي ڌيءَ سسئي پليجو وزير بڻي آهي. جڏهن ته گذريل دور ۾ ميمبر هئي. پليجو صاحب پنهنجي پٽ سان گڏجي پارٽي هلائي ٿو ۽ اليڪشن ۾ حصو ڪو نه ٿو وٺي. هن شخص جون به قربانيون آهن.

سابق جيئي سنڌ وارو گل محمد جکراڻي، سنڌ نيشنل فرنٽ ڇڏي، پ پ پ ۾ آيو آهي. جکراڻي صاحب سنڌ حڪومت ۾ صلاحڪار مقرر ٿيو آهي. نذير عباسيءَ جي شهادت کان پوءِ، جام ساقي پ پ پ ۾ شامل ٿي چڪو آهي. جيئي سنڌ الائي ڪيترن حصن ۾ ورهايل آهي. شاهه محمد شاهه جيڪو پراڻو ڪامريڊ آهي، اهو (ق) ليگ ۾ شامل آهي. حسين بخش ناريجو صاحب، ڪيترين پارٽين مٿائي ارباب رحيم سان گڏ وڃي وينو. ادريس ميراڻي صاحب خاموش آهي، پر پ پ پ جي حمايت ڪري ٿو ۽ ڪنداٺتو ڳوناڻي زندگي گذاري ٿو. ائين سڄي سنڌ ڪامريڊن ۽ ڪميونسٽن وغيره سان سٽي پئي آهي پر هر هڪ رڳو پساهن ۾ پيو آهي.

مذهبي جماعتن مان جمعيت علماءِ اسلام سنڌ ۾ منظم پارٽي آهي. هنن ڪڏهن ڪا سيٽ نه کٽي آهي. باقي گادي نشين پير ۽ بزرگ پ پ پ وارن کي ووٽ ڏياريندا آهن يا مسلم ليگ وارن کي. مذهب سان هنن جو صرف ڪلمي پڙهڻ وارو واسطو آهي. خالد محمود سومرو، اڪيلو سنڌ مان جمعيت علماءِ اسلام جو سينيٽر آهي، پر جيڪڏهن اليڪشن ۾ حصو وٺي ته اهو به کٽي ڪو نه سگهندو.

مولانا عبيد الله ڀٽو صاحب، قومپرست مولانا آهي. اهڙيءَ طرح قادر مگسيءَ جي به پنهنجي پارٽي آهي. اهي سڀ پريشر گروپ آهن. سنڌ جي ڪنهن اشوءَ تي گڏ ٿيندا آهن ۽ ٻارن وانگر ڪاوڙجي اتحاد ٽوڙي ڇڏيندا آهن. مرحوم بشير قريشي جي به پنهنجي جدوجهد رهي. ڪارڪنن ۾ سندس مڃتا هئي، پر ووٽ ٻئنڪ ۽ حلقو ان وٽ به نه هيو.

سنڌ ۾ غير سنڌين جون به پارٽيون هن دفعي اليڪشن کٽي آيون آهن: ايم ڪيو ايم ڪُل ۵۱ سيٽون حاصل ڪيون آهن. جڏهن ته هنن صرف ڪراچيءَ ۾ ۳۸-۴۰ سيٽون کٽيون آهن. جڏهن ته اي اين پي به صوبائي سيٽون کٽيون آهن. ڪراچيءَ ۾ جيڪي سنڌين جا ووٽ آهن، انهن جو ڪو ڪارج ڪو نه آهي. باقي اردو زبان وارن ۽ لياري جي بلوچن مان، پ پ پ سيٽون کٽيون آهن.

مٿئين سڄي احوال مان ڄاڻ پوي ٿي ته: سنڌين جي سوچ بلوچن ۽ پٺاڻن کان بلڪل مختلف آهي. قومپرستن، سوشلسٽ ۽ مذهبي جماعتن سان هنن جي ڪو نه پوي. سڀ ووٽ جاگيردار ڪلاس ڏانهن وڃن ٿا، جن مان اڪثريت پ پ پ سان تعلق رکي ٿي.

اسان سڀ مخدومن، پيرن ۽ وڏيرن کي ووٽ ڏيندي خوشي ۽ عافيت محسوس ڪريون ٿا، پوءِ بہ الائي ڇو رسول بخش پليجو صاحب چوندو آهي تہ: ”سنڌي ماڻهو سيني صوبن کان وڌيڪ سياسي سوچ رکندڙ آهي.“

سائين جي ايم سيد چوندو هو تہ: ”سنڌي قوم ايتري مهذب ۽ بااخلاق آهي جو دنيا ۾ هتان امن جو سبق ڦهليو.“

هن ملڪ ۾ پاڪستان جي آئين سان بہ وڏي ويڌن ڪئي وئي آهي. ايتريون ترميمون ڪيون ويون آهن جو هُن جو حليو ئي بگڙي ويو آهي. ٧٣ع واري آئين جو بنياد روح پارلياماني آهي. ملڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو وزيراعظم هجڻ گهرجي ۽ صدر کي صرف آئيني اختيار هئڻ گهرجن پر سترهين ترميم صدر کي مضبوط ڪري ڇڏيو آهي. ٽاڪنگ شوز ۾ وڪيلن جا دليل ٻڌي هر هڪ وائڙو ٿيو وڃي ۽ سُلجهيل ڳالهيون بہ اُلجهيو پون. آئيني ڳالهين جو خشڪ بحث، بازارن ۽ هوٽلن ۾ هلي پيو.

گذريل اليڪشن ۾ محترمہ جي رَتُ جي بدلي ۽ ظالمن جي ڪيل ظلم جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن، عورتن ۽ ٻُڍن سڏڪن، آهُن، دانهن، رڙين ۽ ڪُوڪُن سان جيڪي پ پ پ جي ميمبرن کي ووٽ ڏنا آهن، شل! انهن جي بدلي، پ پ پ وارا، اسان ماڻهن جي عذاب ۾ ڪجهہ گهٽتائي آڻين. بدامنيءَ کي ختم ڪري امن، آرام ۽ سڪون مهيا ڪن. بنيادي مسئلن صحت، تعليم ۽ روزگار وغيره لاءِ ڪوششون ونن. الله شل! هنن کي توفيق ڏئي تہ اسان کي بيو ڇا گهرجي؟

سڄو ملڪ ٻَري پيو: فاٽا، وزيرستان، بم ڌماڪا، خودڪش حملا ۽ بلوچستان مسلح جدوجهد، سيني جي آڏو آهن. پنجابي، بلوچ ۽ پناڻ پنهنجا لاش دفنائڻ ۾ پورا آهن. سنڌ ۾ پ پ پ جي قيادت ۽ ڪارڪنن جون قبرون قطارن ۾ ٺي ويون آهن، پر پوءِ بہ پ پ پ لاءِ چئي سگهجي ٿو:

لوڪ لڏڻ تي، ڇري اُڏڻ تـي ....
ويني نينهن نيائي.

ايم ڪيو ايم هميشہ پ پ پ جي اقتدار ۾ اتحاد جماعت رهي آهي. موجوده حالتن ۾ ڏسجي تہ سنڌ جو اڌ ڪُنل معاشرو ڪيئن ٿو پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي.

# قتل واهه، واهڙ ۽ واهيون

مسوديرو، جلباڻي سردارن جو ڳوٺ آهي. مسوديري جي اتر اولهه جي ڪنڊ وٽان قادو واهه وهي ٿو، جنهن جي ڪاٻي ۽ ساڄي ڪناري تي علي اڪبر شاهه ۽ مراد علي شاهه جون مزارون آهن. المطلب قادو واهه، مسوديري جي اتر ۾ ۽ ٻنهي مزارن جي وچان وهي ٿو.

ٻنهي بزرگن جون مزارون مٽيءَ سان ٻٽايل ٢٠-٢٥ فوٽ مٽي دڙي تي اڏيل آهن. ٣-۴ ايڪڙن تي ايراضي ٿيندي. اُتي لانڊي ۽ وڻ وغيره آهن. ڏاڪڻ تي مٽي چڙهي وڃبو هو. ڏاڪڻ جي شروعات وٽ، مني پاڻيءَ جو کوهه هوندو هو، جنهن تي ڊينگهر وغيره پيل هوندو هو. جڏهن اسان ننڍا هوندا هئاسين ته هر سال ڏام ڌوم سان ميلو لڳندو هو. بزرگن جي عقيدتمندن ۾ جلباڻي ذات وارن جي اڪثريت آهي.

مسوديري جي آسپاس انهن جا گهر ۽ زمينون آهن.

پراڻو سکر واهه، آڳاٽي زماني ۾ پٽ جي پرسان وهندو هو. سکر واهه جون کُوران مون به ڏٺيون ۽ اڄ به انهن جا آثار آهن.

پٽ تي ٻئي بزرگ هڪبئي جي آسپاس هئا. سينه به سينه، پوڙها ٻڌائن ٿا ته: جڏهن قادو واهه ٺئراجن وقت نڪتو ته قادو شاخ ڪي پٽ جي وچان وهايو يا ڪوٺايو ويو. ماڻهن ڪجهه احتجاج به ڪيو پر جيئن ته مزارون سلامت رهيون تنهنڪري مسئلو ختم ٿي ويو.

موجوده قادو شاخ، شڪارپور ضلعي جي حدن ۾ ڊڪڻ شاخ سڏجي ٿي. سکر واهه وارو پاڻي، رتيديري جي ناڪي تائين ته مون به ڏٺو. پراڻي زماني ۾ اهو شهر جي ڏکڻ کان وهندو هو. ڪي ته اُن کي به گهاڙ واهه سڏين ٿا.

رتيديري ناڪي وٽ گڏ تيل ۽ بينل سفيد پاڻيءَ ۾ ڪتي ڪپڙا ڌوئيندا ۽ اتي سُڪائيندا هئا. هاڻي اُهي آثار ختم ٿي ويا آهن. جڳهيون ۽ ڪارخانا وغيره ٺهي ويا آهن.

سکر واهه ۽ نئون ديري واري گهاڙ واهه ۾ فرق اهو آهي ته، نئون ديري وارو گهاڙ واهه تمام اونهو ۽ درياءَ جي ويجهو هئڻ ڪري، تازي پاڻيءَ جي وهڪري بند ٿيڻ ڪري اُهو بينل پاڻي، رنگ مَٽائي سائو ۽ بدبودار ٿي پيو. جڏهن ته گرمين ۾ اُن جي ڏپ، نڪ ۽ ناسون بند ڪرڻ تي مجبور ڪندي هئي. جيڪو قتل گهاڙ واهه اسان ڏٺو ان جو تَرُ ٢٥-٣٠ فوٽن کان به وڌيڪ ٿيندو. اسان ٻه ٻه مانجهاندڙيءَ جا لڪڙا گڏي ترُ ماپڻ جي

ڪوشش ڪئي. تڙ ۾ نرم گپ اندر ۴-۵ فوٽ لڪڙو هليو ويندو هو. جڏهن گهاڙ ۾ ٻيڙيون هلنديون هونديون تڏهن ته ان جي اونهائي ۵۰-۶۰ فوٽن ڪان گهٽ نه هوندي.

سجي سنڌ ۾ جيئن مقبرا ۽ مزارون وغيره اهميت رکن ٿيون، تيئن واهڙ، واهه ۽ ڍنڍيون ڍورا به اسان کي پنهنجي گم ٿيل تاريخ جا آثار ۽ نشان ڏسين ٿا.

سنڌ جي تاريخ ايڏي چڙوچڙ ۽ مُنجهيل لڳندي آهي، جو ماڻهو ڪم ڪندي ٿڪجيو ۽ ٻي دليو ٿي پيو.

ماڻهو سوچي سوچي، ڳولي ڳولي، آخر ڪنهن نتيجي تي پهچي ٿو. مان جيڪو نتيجو گهاڙ واهه ۽ ٻي باقيات جو ڪڍيو آهي، اُهو اوهان تائين پهچائڻ چاهيان ٿو. جيئن ٻيا بزرگ ۽ نوجوان منهنجي رهبري ڪري سگهن.

سکر واهه

سکر واهه، سنڌو درياءَ مان نڪرندو هو. مدئجيءَ جي پرسان ڳاهيجا ڳوٺ آهي، اُتي اڄ به آثار ڏسي سگهجن ٿا. گهاڙي واهه، جيڪو مرڪياڻي زميندار کٽايو، اهو اڳ ذڪر ڪيل ڪورن مان نڪتو جنهن کي گهاڙي سڏيو ويو ۽ اهو ناڙي بلوچستان تائين پهتو. اها به خاطري آهي ته ان وقت ناڙي سنڌ جي حدن ۾ هوندي، جو ته دولهه دريا خان، جام فيروز جي وقت، ترخانن ۽ ارغونن کي سبيءَ تائين سنڌ مان پچائي ڪڍيو هو.[1]

فتوئل واهه

مسوديري جي ڏکڻ ۾، جلباڻي صاحبن جي باغن ڪان پوءِ، فتوئل نالي ننڍڙي واهڙي زمينن کي پاڻي پهچائيندي هئي. فالتو پاڻي پرسان نانگي شاهه ۾ گڏ ٿيندو هو. ڪڏ جي مٿان موالين جو مڪان هوندو هو، جنهن جي امير بخش عرف ڪاڪو ميرو ڪٽي صفائي وغيره ڪندو هو. ڪيس جنڙي هوندي هئي. اسان صرف اهو ٻڌو هو. باقي نه ته ڪاڪو ميرو ڏاڍو قربائتو هوندو هو. اسان شاگردن کي استاد، مڪان ڏانهن وڃڻ ڪان روڪيندا هئا، تنهنڪري جيستائين وڏا ٿياسين اوڏانهن نه ويندا هئاسين.

سائين بُڍل شاهه فقير سيد هيو. ان جو پٽ امام شاهه ۽ ان جو اولاد اڄ به اُتي آهن.

فتوئل واهڙي، اوير ڪان وهندي ايندي هئي. لڳي ٿو ته اهو ڪڏهن فتوئل واهه هوندو جيڪو سالار پٽو ڪان وهندو هو. مسوديري جي اوير ڪان، دادو ڪئنال جيترو ڦٽل واهه هوندو هو، ان کي اسان موڙهه سڏيندا هئاسين. اهو به گمان آهي ته موڙهه ئي اصل ۾ فتوئل واهه هجي. هاڻي ان موڙهه ۾ زمينون آباد ٿي ويون آهن. پر ڪٿي ڪٿي ان جي مٿان پڪين سِرن سان گول پُليون نهيل آهن. سالار پٽو ۾ اسان جا مائٽ آهن. شاديءَ غميءَ ۾، بابو ڏاند گاڏيءَ تي اسان کي اوڏانهن وٺي ويندو هو، تنهنڪري اهو سجو آسپاس، منهنجو ڏٺل آهي.

---

[1] مرڪياڻي زميندار، گهاڙي ۽ ناڙيءَ جو ذڪر بعد ۾ ڪنداسون.

ميرپور پٽو ۽ مسوديرو وچ ۾، صرف هڪ ڪلوميٽر زمينون آهن. وارهہ تائين هنن جي واهڙن جا پنهنجا نالا آهن. ميرپور ڪان اوپر طرف، سالار پٽو تائين جيهن جا ڪافي ڳوٺ آهن.

منهنجي سامهون ذوالفقار علي ڪلهوڙو جو آرٽيڪل آهي. هي صاحب قائداعظم يونيورسٽيءَ جو پروفيسر آهي. آرٽيڪل ڇپيو آهي"Journal of Civilizations July 2009"، آرٽيڪل جو عنوان آهي: The Necropolis of Jeevan Shah in Larkana Sindh. سڄو آرٽيڪل پڙهڻ ۽ سانڍڻ جهڙو آهي. مان اڳ ۾ عرض ڪري چڪو آهيان تہ بين الاقوامي طور جيڪا ريسرچ ٿيندي آهي، اُهي معيار اسان وٽ نہ آهن، جو تہ ٦٠ سالن ۾ اسان جي ادارن معياري ڪم نہ ڪيو آهي. رڳو پڳهارون ڪائڻ، عياشيون ڪرڻ ۽ پيچ ڏاهہ ڪرائڻ جا چئمپين ٿيو، دابا ڏيو وينا جاوا ڪن. اڪيلو ذوق رکندڙ ماڻهو، ٻچن جو پيٽ پالي يا ريسرچ ڪري. ريسرچ تي ٽائيم ۽ پئسن جو خرچ ٿئي ٿو: ڪتاب وٺڻ، اچڻ وڃڻ جي تڪليف ۽ ڀاڙا خرچ، ميل ميلاپ ڪرڻ وغيره. سنڌ جي اڳاڙيل ٽئڪسن مان اهي ڪم ٿيڻ گهرجن تہ ڌرتيءَ جي تاريخ نروار ٿئي ۽ ايندڙ نسل لاءِ ڪا آساني ٿئي. مقصد اهو آهي تہ مون جهڙا ريسرچ ڪري ئي نہ ٿا سگهن. حڪومت سنڌ، عالمن ۽ دانشورن ڪان سنجيدگيءَ ڪان ڪجهہ ڪم ڪرائي تہ چڱو آهي، ٻي صورت ۾، هر شيءِ تيزيءَ سان متجي رهي آهي.

1. The Tomb of Qado Dhamraho.

2. The Tomb of Fatuhal or Fatuwal.

هنن ٻنهي سب ٽاپڪس کي جيئن جو تيئن لکان ٿو (فوٽو اسٽيٽ).

هنن مان ڪلهوڙن جو دور نمايان ٿئي ٿو. شروع ۾ لکيل منيءَ واري مقام جي بہ وضاحت ٿئي ٿي[1]. مِنو بہ قادو ڏامراهي دور جو آهي. مان ڪوشش ڪندس تہ نئون ديري ۾ رهندي مولابخش کي ڳوليان. ذات لکيل ڪو نہ آهي، پر پوءِ بہ ڪلهوڙي صاحب سان رابطو ڪري پڇي سگهجي ٿو. ڪلهوڙي صاحب کي ٻين بہ معلومات ڏني آهي. بدر ڏامراهي صاحب جو چوڻ آهي تہ ڏامراها پنهورن جي شاخ آهي.

لاڙڪاڻو-دادو روڊ تي ڏامراهو واهہ تاريخي حيثيت رکي ٿو. ماضيءَ ۾ محترم جا استقبال هجن يا سن وڃڻ جا قافلا، ڏامراها واهہ وسارڻ جهڙو نہ آهي. قدرت جا ڪرشما آهن. ڏامراهو واهہ تہ آهي پر زمينون ڪيٽڙ ۽ آباد ڪرڻ وارا ڏامراها ذات وارا نہ آهن. الله ڪُل شيءِ قدير آهي. حيرت ۽ ڏکٽي تي وني وڃي. اي انسان! ڌرتيءَ تي آڪڙجي

[1] ڏسو انگريزيءَ ۾ فوٽ نوٽ.

نہ هل! (قرآن مجيد) ڏاريا اسان کي مٿائڻ تا چاهين پر پنهنجي وڏڙن جي تاريخ تي توجهه ڏين.

**The Tomb of Qado Damraho (Qadir Bux)**

To the north of Jeevan Shah's tomb is situated the dilapidated tomb of Qado Damraho. He served Mian Din Muhammad, Yar Muhammad Kalhoro, and Mian Yar Muhammad Kalhoro. These days he is considered to be a patron saint of the Damraho tribe. Like Meeran Shah, his tomb hustles with his tribesmen who bring their male babies for head-shaving. Qado Damraho got a channel dug for irrigating his land which was bestowed upon him by Mian Yar Muhammad Kalhoro in return for his military services. The channel that Qado Damraho got excavated is known as Qado Wah which irrigates considerable agricultural land in Ratodero taluka. The tomb of Qado Damraho is believed to have been built by Mian Noor Muhammad Kalhoro. Presently, the tomb of Qado Dhamraho is rapidly falling to pieces. One can only find the remaining walls of the tomb that have withstood the vagaries of weather which played havoc on the original beauty.

**2. The Tomb of Fatuhal or Fatuwal:**

The tomb of Fatuhal that lies to north of Qado Damraho's structure is also in appalling condition. Only the western southern walls have survived. Fatuhal served both Mian Yar Muhammad Kalhoro and Mian Noor Muhammad Kalhoro. There had been four persons by the name of Fatuhal in the Mianwal MovementL Fatuhal Chhajro, Fatuhal Zardari, who is buried in the necropolis of Balo Faqir Zardar in Nawabshah. Fatuhal Lekhi, son of Bilawal Lekhi, who is buried in the graveyard of Shah Panjo Sultan Dahot, and Fatuhal Naich, who is buried in this necropolis belonged to the Chhajro tribe. The real name of Fatuhal was Fateh Muhammad, who, like others, got a channel excavated which is named after him as Fatuhal Wah. This channel excavated which is named after him as Fatuhal Wah. This channel originates from Ghar Wah and irrigates substantial agricultural land of many villages in Qamber taluka.

Like other tribes of Sindh, the Chhajro tribe also plays an important role in the Mianwal Movement. This tribe also produced a number of eminent generals and soldiers as well. However, Fatuhal Chhajro and Yousuf Shah Chhajro were quite prominent. There have been two persons by the name of Yousuf Shah in the annals of the Mian wall Movement. They were Yousuf Shah Lund, a disciple of Mian Ghulam Shah Kalhoro, whose tomb is located

near the village of Shadman in the Ran of Kutch just opposite the Shikhani Gahri and Rupa Mari (an ancient capital of the Soomras) in Badin and Yousaf Shah Chhajro, a disciple of Mian Deen Muhammad Kalhoro whose shrine is situated near Mitho Dero in Larkana. Popularly he is known as Yousaf Shah Jillani.

نئون ديري لڳ پنجُوديرو ڳوٺ، سکر واري روڊ تي آهي. شهر جا زميندار چڇڙا آهن. هو پڙهيل لکيل، نوڪري ڪندڙ ۽ شريف وڏيرا آهن. ڪنهن سان بہ آزار نہ اٿن. پوليس ۽ روايتي وڏيرن واري چال نہ هجڻ ڪري ۽ چورن وغيره جو ساٿاري نہ هئڻ ڪري هنن جي عزت تہ آهي پر هنن کان ڪو بہ ڳوناٽو خوفزده نہ هوندو آهي. چڇڙن وانگي اگهم بہ زميندار رهيا آهن. هنن جو ڳوٺ بنگل ديرو واري روڊ سان آهي. نئون ديري روڊ تي ڏکڻ واري باءِ پاس ديهہ شادي اگهم آهي.

عبدالوهاب سهتو صاحب، بنيادي طور تي انجنيئر ۽ سنڌي ڪهاڻيڪار آهي پر پهاڪن ۽ چوڻين، ورجيسن ۽ اصطلاحن تي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪري ٿو پيو، ڪافي ڪتاب ۽ ترجما وغيره ڏنا اٿائين. سندس خيال آهي تہ: گهاڙ لفظ، گهڙڻ مان نڪتل آهي. جيئن ڍڪڻ جو ڪاٺ مان ڪجهہ ناهڻ، ڪنير جو مٽيءَ مان ڪجهہ بنائڻ، پر سوال ٿو اٿي تہ واهہ يا ڪئنال ڪوٽبو، کوٽائبو يا ڪٽائبو آهي. سهتي صاحب جي ڳالهہ کي ائين بہ بيان ڪري سگهجي ٿو تہ درياءَ جي تيز وهڪري، بند ٽوڙي قدرتي طور گهاڙ وهايو هجي ۽ اهو ئي تيز وهڪرو گهاڙ واهہ ۾ تبديل ٿيو هجي. ائين ڪيترا برساتي نالا ۽ وهڪرا سنڌ ۾ هر هنڌ ملن ٿا.

گِهڙُ، گهيڙُ ۽ گهاڙ وغيره هڪ ڪٽنب جا لفظ لڳن ٿا. مصدر ٿيندو گِهڙڻ: پاڻيءَ ۾ لهڻ. گهَڙڻ: ناهڻ. شاهہ صاحب گهاڙي لفظ: سُر ڏهر ۾ ڪم آندو آهي، جيڪو هڪ ماڳ جو نالو چون ٿا، پر اهو ماڳ ڪٿي آهي ان جي وضاحت نہ آهي.

محترم سهتي صاحب بين واهن جو تفصيل ڊنايو، جيئن عاقل لاڙڪاڻي کان سدا واهہ، بيگاري واهہ، حڪمرانن ۽ ٽر جي زميندار بيگر هٿي کوٽرايو هو، تنهنڪري ان تي بيگاري واهہ نالو مشهور ٿيو.

مون اردوءَ جي فيروز لغات ۾، گهاڙ لفظ کي هيٺين ريت ڏٺو:

گهاڙ: مصيبت. ان سان گڏ 'ق' يعني قديم لفظ لکيل آهي، ڏسو صفحو ١١١٩ ڊڪشنريءَ ۾. هن لفظ جي پنيان لکيل آهي تہ هي لفظ عربي، پارسي، هندي يا سنسڪرت وغيره جو آهي پر گهاڙ لفظ سان قديم لکيل هجڻ خاطري ڏياري ٿو. هي لوڪل لفظ آهي، جيڪو بين بولين ۾ بہ مروج آهي.

جيئن مان مٿي ذڪر ڪيو تہ ڪنهن بوڏ وقت سنڌوءَ جي وهڪري ڪنارا ٽوڙي، آبادين ۽ زمينن تي تباهي ۽ مصيبت آندي هجي ۽ ان جي بچيل نشان کي گهاڙ يعني تباهي ۽

مصيبت سڏيو هجي. الله ﷻ بهتر علم رکندڙ آهي. پر اسين ايترو سوچي سگهون ٿا تہ هي نيٺ سنڌي لفظ آهي. سنڌ جي ڏنڌلي تاريخ منهنجي ذهن ۾ ائين اڀري ٿي، جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:

”ماري ڪوئل ني ايسي ڪوڪ، ماهيا مينون ياد آگيا،
دل ۾ اُٺي ايسي هوڪ، ماهيا مينون ياد آگيا.“

اهو بہ ممڪن آهي تہ ”گهارو“ مان گهاڙ بڻجي ويو هجي. اصل ۾ درياءُ پائي، گهارو ڪري پنهنجو گس ناهيندو آهي.

هاڻي اچو تہ ڏسون، گهاڙ واهہ بابت ڪتابن ۾ ڇا لکيل آهي.

وچ ايشيا ۽ اولهہ ايشيا سان گهاڙ واهہ ڳنڍيل رهيو. گهاڙ واهہ آبي شاهراهہ رهيو، جنهن مان مراد آهي تہ پتڻ/ بندر بہ هوندا. ٣٢٧ ق. م ۾ سڪندر اعظم ماهوٽا ضلع لاڙڪاڻي مان گذريو. سڪندر يونانيءَ جي وقت جا سنڌ ۾ صرف بہ شهر اڄ بہ آهن: ماهوٽا ۽ سيوهڻ.

موجوده ماهوٽا ڳوٺ جي ڏکڻ ۾، مقام جي پرسان، اڄ بہ قتل گهاڙ واهہ ڏسي سگهجي ٿو. مقام ۽ گهاڙ واهہ جي وچ ۾ وڏو دڙو آهي، جنهن کي ان وقت شهر جو تباهہ ٿيل قلعو سڏجي ٿو. اڄڪلهہ اتي قبرون ٿي ويون آهن. هن مان خبر پوي ٿي تہ گهاڙ واهہ ۽ ماهوٽا اڍائي کان ٽن هزارن سالن تائين قديم آهن.[1]

ساڳئي ڪتاب ۾ منڇر ڍنڍ بابت لکيل آهي تہ: منڇر ڍنڍ ڇهہ هزار قبل مسيح يعني اٺن هزارن سالن کان آهي.

نئون ديرو: نوان ۽ پراڻا ورق ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ: گهاڙ واهہ ڪلهوڙن جي دور جو آهي. ڇا هي ٻن جدا گهاڙ واهن جا تفصيل آهن؟ فيصلو اوهان پاڻ ڪريو. اسان جا اسڪالر ۽ دانشور هن کي ريسرچ سڏين ٿا. منهنجو عقل ڪم ڪو نہ ٿو ڪري. ڳالهہ سچي ڪرڻ گهرجي، جيڪا اوهان آڏو آهي.

وڌيڪ تفصيل ايندڙ صفحن تي ايندو. في الحال ٻي آيل تحقيق کي نظر مان ٽا ڪيون:

**ماڳ جو نالو:** ڏامراهي وارو دڙو

دور: ۴ ۽ ۵ عيسوي.

جڳهہ: باڍهہ ريلوي اسٽيشن پرسان. ڇهہ ميل ڏکڻ. اولهہ ۾ ضلعو لاڙڪاڻو. ڳوٺ ڏامراهو، قتل دڙي جي صورت ۾، چوڌاري دڙي جي نيڪرانو پکڙيل آهي.[2]

پراڻي لاڙڪاڻي ضلعي جي حدن ۾ ڏامراها واهہ، وگڻ-ميهڙ روڊ تي مشهور رهيو آهي. پ پ پ جا جلسا يا جيئي سنڌ وارن جا قافلا، گڏ ٿيڻ ۽ انتظار ڪرڻ جي جڳهہ ڏامراها

---

[1] سيد، حاڪم علي، شاهہ: قديم آثارن جي ڊائريڪٽري، ص ٢٥٣.
[2] سيد، حاڪم علي، شاهہ: قديم آثارن جي ڊائريڪٽري، ص ١٣٦.

واهہ رهيو آهي، پر آسپاس ڪٽي بہ ڏامراها ذات وارن جو ڳوٺ ۽ آبادي نہ آهي. آهن نہ سنڌ جي تاريخ جا رُڃ وانگر ڪيل آهن. بنگل ديرو-لاڙڪاڻو روڊ تي، ڏامراهن جو ڳوٺ، نظام الدين اولياءُ دهليءَ ۾ مدفون، رئيس المهاجرين، بيريسٽر جان محمد جوڻيجي جو ڳوٺ هئڻ جي ڪري مشهور آهي. موجوده ڏامراهن جو چڱو مڙس، بدر ڏامراهي صاحب ٻُڌايو تہ راجا خان ڏامراهو هيو جيڪو انگريز دور ۾ تي گذريو آهي.
سنڌ جي تاريخ پڙهي، سوچجي ٿو تہ ساهہ ٿو ٻوساٽجي، مغز ٿو چڪرائجي. گهاڙ واهہ وانگر، هر شيءِ منجهيل سُٽ وانگر آهي. افلاطون چيو آهي تہ: ”جڏهن ماڻهو تجربو حاصل ڪري سچ ڳولي لهندو آهي تہ هن وٽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ڪا سگهہ نہ هوندي آهي.“
اسان ماڻهن وٽ هاڻي ڪجهہ ڪو نہ بچيو آهي. پر اهو سچ آهي تہ ”اسان جو ڪو سڄڻ نہ آهي.“
ڦٽل گهاڙ واهہ، جيڪو راقم اکين سان ڏٺو
قاضين جي محلي جي وچ مان گندي پاڻيءَ جي ڪُڏ هوندي هئي، اُها اسان جي گهرن ڪان، فقير عيسیٰ مرحوم جي مسجد ڪان مٿي، ڪرتين جي محلي تائين هوندي هئي. بدبودار پاڻي، ڍونڍ جي ڏپ، خاص طور تي گرمين ۾ سڄي محلي ۾ ڦهلجي ويندي هئي. هاڻي پڪيون گهٽيون ۽ گهر ٺهي ويا آهن پر اهي يادگيريون سيني وٽ آهن.
تحفة الڪرام جو مصنف لکي ٿو تہ: لاڙڪاڻي وارو گهاڙ واهہ، شاهہ علي عرف شاهل محمد ڪوٽايو هو. هي سلسلو ميان نصير محمد ۽ ميان دين محمد جي دور ۾ بہ جاري رهيو.[1]
پير شاهل محمد اڄ بہ مشهور آهي. سندس مقبرو لاڙڪاڻو-قمبر روڊ تي آهي. اڄ بہ بيمار ۽ باسون باسيندڙ، پانڌيڙا اتي ويندا رهندا آهن. گهاڙ واهہ، هڪ ڪتاب ۾ ق.م ۽ هڪ ڪتاب ۾ ڪلهوڙا دور جو: هِن ڪي اسڪالر ريسرچ چون ٿا. ڪيڏي نہ ڏکوئيندڙ صورتحال آهي. ائين اسان دنيا جا وڏا وڏا نعرا ۽ سچايون ڏوڙ ڪري ڇڏيون آهن. مثلاً: لانگ مارچ ۽ ڌرڻا وغيره. ڪٿي رهي ماؤزي تونگ جي لانگ مارچ ۽ ڪٿي اسان جا نعرا هٽندڙ ميڙ ۽ تقريرون. ايشيا ۽ آفريڪا ۾ جمهوريت جو نالو بار بار اچي ٿو. جمهوريت ۾ ١٠٠ سيڪڙو تعليم هوندي آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ ٣٠ سيڪڙو بہ نہ آهي. ووٽن وقت مرد ۽ عورتون پولنگن تي آٽي ائين ووٽ لاءِ پيپر تي آڱوٺو هڻائيندا آهن، جيئن غلامن ڪان ڪم ونبو هو. جيڪي جرنيل آئين تحت حلف ڪٽندا آهن، اُهي ملڪ جا نوڪري ڪندڙ ملازم، حڪمران ٻڌجي ويندا آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن ڪان ڪا پڇا ٿي نہ سگهي آهي.

---

[1] مهر، غلام الرسول: تاريخ ڪلهوڙا ص ٨٤٩.

اسان جي زندگي عجيب ۽ حالتون رحم جوڳيون آهن. سوچڻ سان جيئڻ، ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي.

هاءِ اسڪول نئون ديري جي اولهہ ۾ گولي واري ڪڏ هوندي هئي. اڌ شهر جو گندو پاڻي، هتي اچي ڪڏ ٿيندو هو. هاڻي اُتي شاپنگ سينٽر ۽ شهيد محمد مراد ڪالوني ٺهي چڪي آهي. محلو غريب آباد ۽ شهر، پاڻ ۾ ملي چڪا آهن.

جيئن شروع ۾ ذڪر ڪيو اٿم تہ: گهاڙ واهہ سان ڪڏ گولي واري ڪڏ مان متي ڪٽي، گوپالي واري/نم چونڪ ڪي متي ڍڙو ڪيو ويو آهي. مون کي گمان آهي تہ هي هندن جو جوڙايل ڳوٺ آهي. ممڪن آهي پرپاسي ڪو ڳوٺ، ٻوڏ وغيره ڪري تباهہ ٿيو هجي يا ان جي ڍپ سبب، اُتان جا رهاڪو هتي اچي آباد ٿيا هجن ۽ ان سبب متس نالو ”نئون ڏنو هوندائون.

جيڪي ڳوٺ ٻڏندا آهن، اُهي متانهينءَ تي پنهنجا گهر ۽ ڪاروبار ڪندا آهن. بعد ۾ جڏهن اهو ڳوٺ، شهر ٿيڻ لاءِ وڌندو آهي تہ ٻي آبادي اچي اتي ڪڏ ٿيندي آهي. عقل جي ڳالهہ آهي ميربحر، ماڇي، قاضي ۽ ڪرتيا وغيره بعد ۾ اچي آباد ٿيا آهن. ورنہ تہ هو جهنگ ۾ ڪڏن، ڳوٻن ۽ بدبودار پاڻيءَ جي ڍوري متان گهر ڇو اڏين ها. باهران ايندڙ ماڻهن جي مجبوري هوندي آهي تہ رهڻ لاءِ ڪو ٽڪرو زمين جو مِلي پوي. تنهنڪري منهنجي پختي راءِ آهي تہ، متيون ذاتيون هن شهر جو بنياد رکندڙ نہ آهن. پٽا صاحبان تہ دير سان نئون ديري آيا آهن: يعني رسول بخش خان ۽ خانبهادر مرحوم، صرف ٻہ پيڙهيون اڳ.

سنڌ نہ بلڪ دنيا ۾ لڏپلاڻ جا هينيان ڪارڻ رهيا آهن:

- زمينن تي جهيڙو.
- عورتن جو مسئلو.
- بيماريون يا وبائون.
- ٻوڏون.
- پاڻي ۽ گاهہ جو مسئو، خشڪ سالي وغيره.
- روزگار جي تنگي.
- ڇڳ-مڙسيءَ تان برادرين ۽ قبيلن جي ويڙهہ.

موجوده قتل گهاڙ واهہ جي ڪناري تي پرائمري ۽ انگريزي اسڪول، هندن جي عورتن جو عبادتگاهہ، پير چوڏهيي جي قبر ۽ اوير ۾ راشدين جو بنگلو ڇئي سگهجي ٿو. اڄ بہ اُهي اولهہ ڪان اوير، ساڳئي رستي سان آهن.

ڪتاب نئون ديري جي آخري رنگين صفحي تي لطف الله سورتيءَ بابت لکيل آهي: هو ۱۸۳۸ ۾ هتي نئون ديري آيو ۽ ترسيو. هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي ته: ”هن ڳوٺ جو سنياليندڙ، محمد خان سيال آهي.“ اهو ميرن جو دور هيو. ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”نئون ديرو وڏو ڳوٺ آهي، جو مير محمد خان (حيدرآباد) جو آهي. اسان نئون ديري وارن کي خبر آهي ته رائيس ڪئنال مان، مير واهه نڪري ٿو. ڪوٽ ۽ ڪوريجا مٿان، وهي ٿو. گمان آهي ته بئراج (۱۹۳۳ع) کان اڳ، اهو واهه ڪوٺايل هيو. ممڪن آهي، اهو به گهاڙ واهه مان نڪرندو هجي ۽ بعد ۾ پراڻو نالو، قادي واهه وانگر ماڻهن جي دلين ۾ محفوظ رهيو هجي.

اڄو ته مختصر ذڪر سنڌوءَ جي ڪچي جو ڪيون. سال ۱۹۷۰ع کان تقريباً ۱۹۸۵ع تائين، گهمڻ ۽ تفريح لاءِ ڪچي ۽ ٻيلي ڏانهن سنگت سان وڃبو هو. سنڌوءَ جي ٻنهي بچاءُ بندن جي اندر واري زمين کي ڪچو سڏبو آهي. بندن کان ٻاهر پَڪو سڏبو آهي. پنجاب جي دريائن کي ڪچو آهي ئي ڪو نه. صرف سنڌ ۾ اهو محاورو آهي. درياءَ ۾ پاڻي گهٽو هوندو آهي ته ڪچو ٻڏندو آهي، جنهنڪري ڇٽا، مٽر ۽ تيلي ٻج وغيره ڪٽڪ سميت سنا ٿيندا آهن. سڪندر يونانيءَ جي وقت، سنڌوءَ جو پيٽ ميلن ۾ پاڻيءَ سان پرجي ويندو هو. موجوده بند ته هاڻي ناهي درياءَ کي سوڙهو ڪيو ويو آهي نه ته اڳ ۾ پراڻا بند پڪي تي هوندا هئا. سرڪار ۾ رهندڙ زميندارن جي مرضيءَ سان ڪچي واريون زمينون پڪي تي آنديون ويون آهن، جيڪي آسانيءَ سان بئراج جي واهن جي پاڻيءَ سان آباد ٿين ٿيون. ڪچي جي زمينن تي زميندارن کي ڪجهه ڇوٽ وغيره آهي يعني پڪي واري ڍل نه آهي.

ڇوڻ پئي چاهيم پئي ته ڪچي ۾ ٻُرڙن جي پتڻ کان فورٿ واهه وهندو هو. ان ۾ درياءَ مان پاڻي ايندو هو ۽ عاقل کان وري وڃي درياهه ۾ پوندو هو. هاڻي فورٿ ۾ درياءَ بجاءِ، قلپوٽن جي مٿان، دادو ڪئنال مان نڪتل چنڊڻ جو پاڻي وهي ٿو. چنڊڻ، پٽي صاحب جي وقت ۾ نهي ته دادوءَ جو فالتو پاڻي وهايو وڃي. ايئن ئي جيئن: چشما-جهلم لنڪ ڪئنال سنڌ ۾ ٻوڏ واري صورتحال ۾ وهائٹو هو. مون کي ياد آهي ته سنڌ جي قومپرستن، خاص طور تي سائين جي ايم سيد، پليجي ۽ جام ساقي وارن وڏو احتجاج رڪارڊ ڪرايو هو، پر پوءِ پ پ پ حڪومت اهو ڪئنال نهرايو هو ۽ اڄ ان جي خرابين کي سنڌ ڀوڳي پئي.

فورٿ جو ذڪر ان ڪري ڪيو اٿم ته گهاڙ واهه جي سنڌوءَ مان نڪرڻ واري جاءِ جا آثار، مون کي ڪو نه ٿا ملن. گمان آهي ته اهو ٻرڙا پتڻ، عزت جي واند، شاهاڻين يا اڃا مٿان گهاڙ واهه جي شروعات ٿيندي هوندي. هي سچو ٿيم ورڪ آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته

ايريگيشن وارن جي رڪارڊ ۾ ان جو نشان ضرور هوندو. منهنجي پهچ ايتري نہ آهي تنهنڪري ڪو ساٿي ان جي ڳولا ڪري.
لاڙڪاڻي ويگن تي آيس پئي. پر واري سيٽ تي هڪڙو ڪرڙوڏ مڙس وينو هيو. پاڻ ٻيلي ڪاتي جو جهونو ملازم هيو. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ: "گهاڙ واھ جو درياھ منجهان ڦاٽ، ٻاگڙجيءَ لڳ سنڌوءَ جي بچاءَ بند وٽان هيو. جنهن جا ڦٽل نشان، مدئجيءَ ڪان مٿان جندوديرو پرسان اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. پاڪستان کان اڳ جي فاريسٽ جي نقشن ۾ انهيءَ جا چٽا اهڃاڻ ملن ٿا. ان سان گڏ ٻيو بہ قدرتي ڦاٽ هيو، جيڪو وهي شڪارپور طرف ويندو هيو ۽ اتان جي زمينن کي آباد ڪندو هيو."
اڳ ۾ عاقل کان سدا واھ جو ذڪر ڪيو اٿم. مون کي گمان آهي تہ ساڳيو فورٽ جيڪو درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو اهو ئي عبدالوهاب سهتي وارو سدا واھ تي عاقل وٽان تہ نہ نڪرندو هو. سدا يعني هميشہ وهندڙ. فورڊ يا فورٽ لفظ بہ توجھ چڪائي ٿو پر جيئن تہ اڳ ۾ مواد ڪافي ٿي ويو آهي تنهنڪري ان جي صرف نشاندهي ڪري ڇڏي ٿو ڏيان.
اڇو تہ اندر جي ٿاڌن کي شاھ جي شعر سان وڌيڪ پڙڪايون:

جئن ڳنڍيون منجھ ڳنڍير، تئن مون من ماروئڙن جو،
ڏنيون لس لطيف چئي، هينئڙي کي همير،
وڃي منجھ ملير، سڀ چوڙيندس سومرا.

سڄي سنڌ، رهزنن ۽ جاهلن لُٽي، تاريخ تي لَٽُ وجهي ڇڏيو آهي. انفرادي طور ڪم ٿي رهيو آهي. اسڪالر ڪتاب لکي رهيا آهن. الله پاڪ کين وڌيڪ توفيق ڏئي. (آمين).

جتي ماڻڪ ماڳ، تتي چوران تڪيو،
سنئون تن سياڳ، امل جن اوباهيو. (شاھ)

جتي ماڻڪ يعني قيمتي شيون هونديون آهن، اُتي چور ۽ رهزن اڇي ڪنا ٽيندا آهن. انهن جو ياڳ پلو آهي جن پنهنجا ماڻڪ[1] لٽيرن کان محفوظ ڪيو.

يار سچل دي لڪين ڪشالي،
گهونگهٽ ڪولٺا، ٻھ ٻھ ٻولٺا،
ننگڙا نماڻي دا، جيوين تيوين پالٺا. (سچل)

شل سنڌ جي تاريخ جو گهونگهٽ کلي پوي؟

[1] قيمتي شيون، تاريخي شيون، ڪلچر ۽ روايتون، ٻولي ۽ جيئڻ جو سمورو ورثو

# نئون ديرو: نئون جوش ۽ جذبو ڏيندڙ شهر

موجوده پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت سال ٢٠٠٨ع کان اقتدار ۾ آهي. هيءُ سندس چوٿون دورِ حڪومت آهي، جيڪو سدائين جيان، سنڌي ماڻهن جي ووٽن سبب ماڻي رهي آهي. ان دوران نئون ديري کي جيڪي مليو آهي، تنهن کي مختصراً محفوظ ڪرڻ چاهيان ٿو.

- محترمہ جي شهادت کان پوءِ بحريہ ٽائون وارن، سندس روح کي ثواب پهچائڻ خاطر هتي دسترخوان اچي کوليو آهي. جتي ضرورت مند ۽ بڪايل ماڻهو قطار ناهي، عزت آب نموني، ٽيبلن ۽ ڪرسين تي ويهي ماني کائين ٿا. ڪافي عرصي کان اهو سلسلو جاري آهي ۽ اميد آهي تہ جيسين سندن حڪومت آهي تيسين هلندو رهندو.
- حڪومت نهڻ کان پوءِ محترمہ فريال ٽالپر صاحبہ هن شهر جي پرگهور لهي ٿي، جنهن سبب بوائيز هاءِ اسڪول ۽ گرلس ڪاليج جون نيون عمارتون ٺهي رهيون آهن. شادي هال مڪمل ٿي ويو آهي. بيا بہ ڪافي سنها ٿلها ڪم ٿيا آهن جهڙوڪ: سنڌ بئنڪ جي شاخ کُلي آهي. ان ۾ ۽ نيشنل بئنڪ ۾ ڪافي نوجوانن کي نوڪريون مليون آهن. ان کان علاوه ٻين کاتن ۾ پڻ، ڪافي ڪچا پڪا آرڊر ماڻهن کي ملندا رهن ٿا.
- نيڪن جي ڪمن مان، مڊل مئن ۽ ٺيڪيدار وغيره ڪمائين ٿا. دوڪاندارن سان گڏ پورهيتَ بہ، پنهنجو زندگيءَ جو لڏو آسانيءَ سان هلائين ٿا. ڪاروبار ۽ نوڪرين وغيره ملڻ جي ڪري شهرين ۾ خوشحالي اچي ٿي. هميشہ جيان پ پ پ جي هن دور بہ شرفاءَ جو نئون گروهہ پيدا ڪيو آهي. اهو اڳتي هلي، شهر جي اثر رسوخ رکندڙن ۾ ڳڻيو ويندو.

خاص طور تي نوڪرين جي آسري تي ڏاڍا اسڪينڊل سامهون آيا آهن. غريبن جا پئسا بہ کو نہ ٿا موٽن، پوءِ بہ ماڻهو سُڌرن نہ ٿا. هر هڪ سرڪاري نوڪري چاهي ٿو، توڙي جو سندس عمر يلي پنجاهہ سالن کان مٿي ٿي وئي آهي.

هڪ دفعي هڪ محفل ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسون. مان اثنا عشري لفظ استعمال ڪري ڪا ڳالهہ ڪرڻ پئي چاهي. اتي هڪ همراهہ مون کي چيو تہ ”شيعو چؤ نہ!“ مان هڪو ٻڪو ٿي ويس تہ هِن کي اوچتو مرگهي چو ٿي، پر خاموشي بهترين هٿيار آهي. سو چپ رهيس.

اهو همراهہ بہ فائدن ونڻ جي ريس ۾ آهي. رب پاڪ کان دُعا آهي تہ سڀ ڪان وڏيڪ ان ڪي ڏياري. هو جذبن ۽ عقيدن جي قرباني ڏئي رهيو آهي. وقت ڏاڍو بي رحم آهي.

هڪ ملان تقرير ڪري رهيو: ”اسلام جا بنيادي رڪن، پنج آهن“. جنهن تي وينلن مان هڪڙي مجذوب فقير رڙ ڪري چيس: ”ملان! ڇهہ ڇؤ! ڇهون پيٽ بہ تہ آهي.“

شهر اندر اهڙو ڪو پليٽ فارم جڙي سگهيو ناهي، جيڪو حقدارن ڪي نوڪريون ۽ اهل شاگردن کي اسڪالرشپون وغيره ونرائي ڏئي سگهي. ڇُڙ ڇُڙ گابڙا وانگر هر ڪو پاڇولن پنيان ڊڪندو رهي ٿو.

دلالن ۽ ايجنٽن ايترو ڪمايو آهي جو هڪ دوڪان جي پگڙي ويهہ لک رپيا تي وئي آهي. ڪو بہ حلال جي ڪمائيءَ مان نہ ڪاروبار ڪري ٿو سگهي، نہ پلاٽ وٺي ٿو سگهي. هتي پلاٽ، لاڙڪاڻي کان وڌيڪ مهانگا ٿي ويا آهن.

شهر اندر، بجليءَ جا پڻ مزا آهن. لوڊشيڊنگ نہ هئڻ جي برابر آهي. جڏهن تہ پنج ڇهہ مهينا اڳ، شهرين لاءِ عذاب هو.

هتي وياج جو ڪاروبار، عام خاص تي ويو آهي. هڪڙا گهر خالي ٿين ٿا تہ ٻيا پرجن ٿا. جن ماڻهن نوڪريءَ لاءِ پئسا وٺي ڏنا آهن، انهن کي نوڪري ڪو نہ ٿي ملي، پر وياج وڌندو رهي ٿو.

شهر ۾ ڪارُن جو تعداد تہ وڌي ويو آهي پر رتيديري ۽ لاڙڪاڻي اچڻ وڃڻ ڏاڍو تڪليفده ٿي پيو آهي. بجليءَ وانگر اگر حڪومت ٽرانسپورٽ جي سهوليت ڏئي، جيئن ڪراچي سٽيءَ وارن لاءِ آهي تہ ڏاڍو سنو ٿئي. ڪِرايا بہ تمام وڌيڪ آهن. سانجهيءَ کان پوءِ رتيديري لاءِ بس ڪو نہ ٿي هلي. اوندهہ ۾ ڦرون ٿين ٿيون. مسافر ئي ڦرجن ٿا. پوليس ڪو نہ ڪو تدارڪ ڪري. باقي نئون ديرو-لاڙڪاڻ روڊ، سلامتيءَ وارو سفر ٿي ويو آهي. هنڌ هنڌ تي پوليس بيٺي آهي.

اچو تہ هڪ ٽوٽڪو ٻُڌايانوَ:

هڪ يتيم ٻار، ڪنهن بنگلي تي ويو. ڏٺائين تہ وڏيرو ڏاڍن نٽن سان وينو آهي. آيو ويو، ڪيس جُهڪي ۽ نِوڙي سلام پيو ڪري. هن کي ڏاڍو مزو آيو ۽ ڳالهہ وٺي ويس.

گهر آيو تہ ماءُ کي چيائين: ”امان! جي وڏيرو مري وڃي تہ پوءِ وڏيرو ڪير ٿيندو؟“

ماءُ چيس: ”پٽ! وڏيري جي پٽ کي ئي ڳوٺ وارا پڳ ٻڌرائيندا.“

ماءُ کان وري پڇيائين: ”اگر اهو بہ مري وڃي تہ پوءِ؟“

”پوءِ وڏيري جو ٻيو پٽ پڳ ٻڌندو.“ ماڻس ورندي ڏنس.

ڇوڪري وري ساڳيو سوال ٻيهر ورجايو. تنهن تي ماڻس خار مان ٺڙ ٺپ جواب ڏنس: ”سڀ مري وڃن پوءِ بہ ڇورا تون وڏيرو نہ ٿيندين، آپي مان نہ نڪر. پنهنجي حيثيت نہ وسار.“

سڄي سنڌ ۾ وڏيرن جو ڪردار ايترو نمايان ٿي پيو آهي جو ڇا چئجي. اتر سنڌ جا ڌوهاري، لاڙ تائين پهتا آهن. ڪجهه سالن ۾ ڌوهن جو جيڪو تفاوت آهي اهو مٽجي ويندو. لاڙ سان منهنجو نوجواني ڪان واسطو رهيو آهي. ڏاڍو پُر امن ۽ سڀاجهو ماحول هيو. تر تائين ٿاپا ڪائي ڏنم ۽ سوچيو اٿم. سڄو سنڌي سماج ڏاڍو جنجل ۾ آهي. هر طرف رڙيون ۽ دانهون آهن. اڪثريت عذاب ۾ آهي. آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مزن ۾ آهي.

”پاڙي ناهه پروڙ، ڪاراڻ رنجائي گذري.“ (شاهه)

مرشد لطيف جي مٿين سٽ، تقريباً چار سؤ سالن ڪان هن ديس جي مظلومن جي نمائندگي ڪري ٿي. ڪا سياسي جماعت، ڪنهن ذميواريءَ جو مظاهرو نہ ٿي ڪري.

مان هڪ جيڏن ڪي چوندو هيس تہ: سنڌي پر امن ۽ صوفي لاڙي وارا آهن. اسان اتر سنڌ وارن گهلرن، ترخانن ۽ غورين جو اثر ورتو آهي. شير شاهه جي شڪري وانگر، گهر جا ڪڪڙ وينا ماريون.

جن انسانن جي اندر ۾ خلق سان اُنس ۽ خدا جو خوف آهي، اهي عوام جو درد پنهنجو سمجهندا آهن. سندن هر شعر، ٻول ۽ آلاپ، نقارهہ خدا ٻڌجي پوندو آهي.

هتي تہ، انڌير نگري ۽ چرٻٽ راجا وارو ماحول عام آهي.

مذهب نہ تسبيح جي داڻن ۾ آ، نہ مصلي ۾ آ،

مذهب صرف ماڻهن جي خدمت لاءِ هوندو آهي! (مولانا رومي)

نئون ديري جي آسپاس وارين ٻهراڙين ڏانهن اچڻ وڃڻ جو سڪ، چنگچين ذريعي عام ۽ سستو آهي. موٽر سائيڪلون بہ سستيون ٿيون آهن ۽ اُهي بہ ڏاڍو ڪم اچن ٿيون. سائيڪل جو استعمال محدود ٿيندو وڃي. تنهن هوندي بہ منهنجو هڪڙو شوقين يار، ڪوئيٽا مان ڏاڍي مهانگي سائيڪل خريد ڪري آيو آهي.

پاڪ-افغان بادر تي، مهمند ايجنسي منجهہ ملڪ جي رکوالي ڪندي، ناٽو جي جهازن جي بمباريءَ ۾ هن شهر جو نوجوان آفيسر ميجر مجاهد حسين ميراڻي ٽيهن سالن جي ننڍي عمر ۾ شهيد ٿي ويو. ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي منجهان انٽر پاس، هن نوجوان جي اڃا شادي بہ نہ ٿي هئي. سندس شهادت تي پوري ملڪ جيان پورو شهر، سراپا احتجاج ۽ سوڳوار رهيو.

٢١ جنوري ١٩٨٢ع تي نئون ديرو شهر ۾ جنم وننڌڙ هن جان نثار مجاهد جي شهادت، ٢٦ نومبر ٢٠١١ع تي جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات جو ٢ بجي ڏاري سلالہ چيڪ پوسٽ تي ٿي. ٢٧ تاريخ صبح جو سندس جنازي نماز، ٻين ٢٣ شهيدن سميت، راولپنڊيءَ منجهہ فوجي اعزاز سان ادا ڪئي وئي. سندس مڙهہ آچر ٢٧ نومبر ٢٠١١ع تي، شام جو سج لهڻ بعد، نئون ديرو ۾ سرڪاري اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس جنازي ٻيهر ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جو چيف منسٽر صاحب ۽ جنرل

آفيسر ڪمانڊنگ ميجر جنرل اصغر نواز پڻ شريڪ هيا. شهيد کي گارڊ آف آنر پڻ پيش ڪيو ويو.

شهيد کي ستارهِ جرئت سان پڻ نوازيو ويو. سندس تڏي تي مئڊم فريال ٽالپر صاحبہ، بلاول ڀٽو زرداري، پاڪستان جو اڳوڻو وزير اعظم نواز شريف، سنڌ جو اڳوڻو وزير اعليٰ ممتاز علي خان ڀٽو، سنڌ جو اڳوڻو وزير اعلي سيد غوث علي شاهہ تحريڪ انصاف واري عمران خان کان علاوه ڪيترين سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي.

سندس والد زوار علي مدد، اريگيشن کاتي ۾ داروغو تي رٽائر ڪيو هيو. سال اڳ، پٽ جون خوشيون ڏسڻ جون اميدون سيني ۾ سانديو وجي قبر پيٽڙو ٿيو. ان پڻ ڏاڍي ڪسمپرسيءَ واري حياتي گهاري. ڪيس وڏيون آسون ۽ اميدون هيون، جيڪي اڻ-پوريون ۽ اڌوريون رهجي ويون. زندگي ڪيڏي نہ بي اعتبار آ. غريب جو ڀاڳ بہ غريب. رهي نام الله جو.

نئون ديري شهر ۾ ڪافي منهنجي واسطي وارا آهن، جن تي لکٽو آهي ۽ اجا لکڻ کان رهيا پيا آهن. مان ڪوشش ڪيان ٿو تہ سيني جو حق ادا ٿي وجي.

دادو ڪئنال مان گهاڙ واهہ نڪتل هو. هن وقت ڦتل حالت ۾ آهي. ۷۵-۱۹۷۰ع تائين ٿاپ ۽ وٽراهہ هوندي هئي. محمد امين سينار بيلدار مقرر هوندو هو. وٽن مان لکڻ تہ چا ڪنهن کي ڏنڊڻ بہ ڀڃڻ نہ ڏيندو هو. بالٽيءَ سان چنڪار ڪندو هو. ٿاپ تي بگي گهوڙو ۽ ڏاند گاڏيون هلڻ نہ ڏيندو هو. سائيڪلن وارا گپ ۾ ترڪي پوندا هئا. ٻارن کي بہ راند روند ڪرڻ نہ ڏيندو هو. سڄو ڏينهن ڊيوٽي ڏيندو هو. اهڙا سچار ماڻهو ڏناسين. اهڙن ماڻهن کي ڏسڻ لاءِ، هاٽي تہ اکيون سڪن ٿيون.

هاٽي جتي خالد حسين شاهاٽيءَ جي اوطاق آهي، اِتي سندس پيءُ مرحوم غلام نبي شاهاٽيءَ جي مينهن جو واڙو هوندو هو. هڪ رات، چورن ڪاٽ هٽي، پت پڳي ۽ واڙي منجهان مينهون ڪڍيون. ڪاڪو درمحمد چنو مرحوم ۽ درمحمد سينار چوڪيدار هئا. چوڪيدارن، چورن کي هڪل ڪئي تہ چورن موٽ ۾ فائر ڪيو، جيڪو درمحمد سينار کي لڳو ۽ هو تڏي تي فوت ٿي ويو. مينهون تہ چورائجڻ کان بچي ويون پر چوڪيدار پنهنجو سِرُ وڃائي وينو. آهستي آهستي موجوده صورتحال اِتي اچي پهتي آهي تہ ماڻهو پيا اغوا ٿين پر سرڪار 'هَل!' ۽ 'هُش!' ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. اڳي چئبو هو: چور مئو، ڪتو مئو. هاٽي تا چئون: چور مئو، پاڳئي جو سِرُ ۽ گهر ويو. ڪو واهر ڪو نہ ڪندس. ڪو داد ڪرڻ وارو رهيو ئي نہ آهي. سنڌ ۾ خونن جا جرڳا، چورن ۽ ڌاڙيلن جا سردار تا ڪن.

اسان جي پاڙي جو غلام رسول ميراڻي، سياسي ورڪر رهيو آهي. جڏهن ته فقير محمد ميراڻي، پ پ پ وارن جو خاص ماڻهو آهي. منهنجي عمر جو آهي. اجا مچي ماري، ٻين جو پيٽ پالي ٿو.

نيڪ محمد ڪرٽيو سان بہ پراڻا واسطا رهيا آهن. سندس پٽ ننڍڙا هئا ته هن سان غلام حسين ڪٽپر جي ڪري واقفيت ٿي. سندس گهر ۽ اوطاق، پٽني صاحب جي بنگلي جي پرسان آهن. زمين، موجوده باڻ پاس تي، ڪرٽين جي ويڙهي پرسان هيس. جنهن ۾ فصل سان گڏ باغ بہ هيو. باغ ۾ ننڍن صوفن ۽ قارون جا ٻوٽا هئا. پير گهرگهل جي پاسي بہ زيتونن جا باغ هئس. آگاٽين ۾ بہ زيتونن ۽ ٻيرين جا باغ ٺيڪي تي ڪنيا هئائين. دادوءَ جي پاسي ٻن انبن وٽ بہ زمين ورتي هئائين، جتي باغ سان گڏ زمين تي ڪمند بہ ڪندو هو. جاين ۽ زمينن جا مالڪ پيا متجن ستجن. نيڪ محمد جا پٽ وڏا ٿيا ته اُهي بہ دوست بڻجي ويا. خاص طور، منهنجو ياءُ انعام ۽ لياقت علي ڪرٽيو، هڪٻئي جي ويجهو آهن. لياقت عليءَ جا ٻيا ڀائر بہ انعام جو خيال ڪندا آهن.

نيڪ محمد کي دل جي تڪليف آهي. ساٽس ملڻ جلڻ، گهٽ ٿئي ٿو. باقي حال حوال ملندا رهندا آهن.

مون اڳ ۾ بہ اظهار ڪيو آهي تہ هي سڀ لکڻ جو هڪ مقصد آهي: معاشرتي قدر ۽ رويا ڏاڍو تيزيءَ سان تبديل ٿين ٿا. نوجوانن لاءِ اهي ڳالهيون محفوظ ڪرڻيون آهن.

هن ڪٽنب جي منفرد حيثيت مون وٽ ان ڪري بہ آهي جو جڏهن بہ سندن اوطاق تي ڪچهري ڪبي هئي ۽ مانيءَ جو وقت ٿيندو هو تہ گهرئون جهجهي انداز ۾ ماني ايندي هئي. سڀ گڏجي کائيندا هئاسون. اهتمام جي ماني تہ سڀ ڪو جهجهي کارائيندو آهي پر اِهو اعزاز صرف لياقت عليءَ وارن ۽ سندس والد کي آهي، جيڪي بنا اطلاع ۽ اهتمام جي بہ ايڏي انداز ۾ مهمانن لاءِ ماني هڪي حاضر ڪندا هيا. سنڌي ثقافت جو اهڙو طريقو، هاڻي ڪو نہ رهيو آهي. چوندا آهن: مچي، جر مان ڪُٺندي ناهي. چڱائي ۽ مَنائي، ڪٿي نہ ڪٿي، ڳولئي لڀي پوندي آهي. پر مٿيان قدر عام نہ رهيا آهن.

اميد علي ۽ مون کان سواءِ، ڪنهن کي تہ ڪير وٽو بہ ملندو هو.

سن ٢٠٠٠ع ۾ مون کان نئون ديرو هاءِ اسڪول ڇڏرائي، ڪوٽ لال بخش مهيسر[1] هاءِ اسڪول موڪليو ويو.

ائين پورا ٨ سال، نئون ديري کان ٻاهرين هاءِ اسڪولن ۾ نوڪري ڪيم. مختلف ماحولن ۾ الڳ الڳ طبيعت جي اُستادن سان اٿڻ ويهڻ ٿيو. ماهوتا هاءِ اسڪول ۾ ڪافي عرصو رهيم. جتي ڪٽي مِس فٽ رهيم. ويجهو ڪو سنگتي ساٿي، چيڙيندو هو

[1] ان وقت ميرو خان ۽ هاڻي سجاول تعلقو

تہ ائين چئي جند ڇڏائيندو هيم تہ: ”ادا! ياءُ ڪان، پڙوو مِنو آهي. ڪنهن کي ڪو نہ وٽون، لاچار نوڪري ڪرڻي آهي.“

جيئڻ جو سهارو: الله جو نالو، محبتن وارا مختصر ماڻهو، همدرد دوست، ڪتاب، موسيقي ۽ الڳ ٿلڳ جيئڻ جو انداز.

کهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت سان. (شاهہ)

منزل مِلي نہ مِلي، تنوار ۽ تانگهہ ڪي نہ ڇڏبو.

هاءِ اسڪول نئون ديرو جو بنياد، پٽي صاحب مرحوم ١٩٦٢ع ۾ رکيو. ان وقت پاڻ، ملڪ جو وزير خارجہ هو. منهنجي ڪوشش هوندي تہ هن اسڪول جو عروج ۽ زوال لِکان. اندر ۾ ڪافي ڳالهيون اجا سانديل آهن. انهن کي پڙهندڙن سان شيئر ڪيان، انشاءَ الله.

پڄاڻان پرين، ڪجي بس پنيور ڪان. (شاهہ)

معاشري ۾ ترڪتالن، سازشن ۽ ٻہ-چاپڙائپ کي وائکو ڪرڻو آهي. منهنجو ٻہ ڪو بلم آهي. مون کي دلداري ڏيندڙ منهنجو ويڙهو آهي. ضمير ۽ طاقت اٿئي تہ روڪ! ورنہ تہ اجا هن ڌرتيءَ جي تاريخ، ٻولي ۽ ڪلچر جا دردناڪ قصا، حسين ۽ سونهن جا شعر ۽ ڪلام، مون کي لکڻا ۽ ڳائڻا آهن. توڙي جو پاڻ شفيع فقير جي ڳايل ڪلام جي آخري مصرع جو نمونو آهيون.

پنهنجي نيٽين، رُڄ وسي تي، پنهنجي پيرين،
برندڙ بنڙو! هاءِ اسان جو، پاڳل منڙو!!

اڄو تہ عبدالغفار پٽي ”تبسم“ جي شاعري پڙهي ڏسون:

جيون تماشو آهي، جوين تماشبين،
پاڇولا، عڪس، يادون، درپن تماشبين،
اڄ رات خواهشن جا نہ زندان ڪولجو،
ڪنهن قتل جي تلاش ۾ آهي تماشبين،
اوٺر ڪي ڇئجو، ايٽريون يادون نہ وائري،
”تبسم“ جي تانگهہ تي متان ٿهڪن تماشبين.

ٻيو شعر ڏسو:

هن طرف ڪان ناؤ هلي آ، ايڏانهن تڙ تي آهي ڪو،
منهنجو سڏ ورائي جو.
لهر لهر ۾ پيچ پيل آ، تن سان پريم پڄائي ڪو،
منهنجو سڏ ورائي جو.

لهر لهر ۾ پيچ پيل آ. ائين شل! سنڌي ساڄاهہ رڪنڊڙ پنهنجي چيچن جا پيچ مضبوط ڪن تہ اسان جا جيڪر ڏک لهي وڃن.

هي قوي بہ عجيب آهي. هن شهر سان ڪو عشق اٿس. يورپ هجي يا آمريڪا وينو نئون ديري لاءِ شاعري ڪندو.

ننگين پيرين، ننهن ۾ ٽُڙڳڻ لئہ ڊوڙي،
چينل واهہ چنڊڻ ۾ موتڻ گهران ٿو.
او ”تبسم“ مان، مطلب تہ موتي،
نئون ديري جي ننهن ۾، موتڻ گهران ٿو.

ساٿيهہ جي سَٽڪن متان،
هوند ”تبسم“ ٿُڪ اُڏان،
پؤنرو ٿي پتڪان،
من مِٺي مان ڏئي ويهي.

اسان جي شهر نئون ديري جون بہ شخصيتون، هند سنڌ ۾ مشهور آهن. هڪ تبسم صاحب ۽ ٻي مئدم اڪبر راشدي صاحبہ.[1] الله جَلَّ بنهي کي سک ۽ آرام ڏئي. آمين.

مالڪ الملڪ سيني تي پنهنجو رحم ۽ ڪرم ڪري. وقت وڏي شيءِ آهي. ڪنهن موقعي کي وڃائڻ نہ گهرجي. اسان سيني کي ان جو قدر ڪرڻ گهرجي. ڇا ڪجي! والعصر ان الانسان لفي خُسرا.......

مون سان ڳالهين ئي ڳالهين ۾، محمد رمضان پهوڙ ٻڌايو تہ جتي محمد پنجل پٺي جو دوڪان آهي، ان جي پنيان تيل پيڙڻ جا گهاڻا هوندا هئا. حڪيم صاحب جي مسجد جي اوير ۾ ممتاز علي پٺي صاحب جن جي پلاٽ تي تپيداري هوندي هئي. اڳيان ان جا دوڪان نهيل آهن، جيڪي مسواڙ تي ڏنل آهن.

مان جڏهن بہ صفحا لکڻ چاهيان ٿو تہ اهي صفحا تمام گهٽو وڌيو وڃن. اختصار کان ڪم وٺڻ باوجود هر شيءِ ڏکهي ٿي وڃي ٿي، پوءِ بہ نشاندهي ٿئي ٿي تہ نئون ديري وارن کان سواءِ ٻيا بہ پڙهن ٿا، تنهنڪري انهن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ تفصيل لکان ٿو. مان منجهي پوان ٿو. جلد هن ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ چاهيان ٿو. هي ايڏو وڏو ڪم آهي جو آءٌ اڪيلي سر پورو ڪرڻ کان قاصر آهيان. ڪو قلم هٿ ۾ کڻي ۽ هن شهر جي ماضيءَ کي قلمبند ڪري تہ هن مٽيءَ جو حق ادا ٿي ويندو. باقي حال ۽ مستقبل، نوجوان پاڻ لکندا. ان جو الڪو مون کي نہ آهي. خاص طور تي مون کان سينئرس اهي

[1] ادي مهتاب چنہ

لکن. اهي لکي بہ سگهن ٿا ۽ هنن اجا مختلف نئون ديرو ڏنو آ، جيڪو مان ڏسي نہ سگهيو آهيان. جيڪو لکڻ لائق آهي، اهو پنهنجي ذميواري محسوس ڪري، لکي وٺي.
محترم بدر ڏامراهي، لکيل ڊرافٽ پڙهي، ڪجهہ ڳالهيون اندر لائين ڪيون. هن چيو تہ: ”حڪيم صاحب ۽ مسجد شريف تي ڪجهہ نہ ڪجهہ وڌيڪ جملا لکو.“ مان مٿي ڪي هٿ ڏئي ويهي رهيس.
حڪيم صاحب ڪي ۽ بازار جي مسجد ڪي ڪير نہ سڃاڻي. اسپتال ۾ دوا ملندي آهي. مسجد شريف ۾ عبادت ڪبي آهي. حڪيم صاحب پاڻ پنهنجو تعارف آهي. هن شهر جا جنس مذڪر تہ ڇا پوڙهيون، جوان، پرڻيل ۽ ڪنواريون، حڪيم صاحب کي ائين سڃاڻن جيئن ويڙهي ۾ پنهنجي بزرگ کي سڃاڻبو آهي. مرحوم، هر گهر جي بيمارين وغيره جو امين رهيو آهي. سڄي مزوري ۽ محنت رائگان وئي. وري ڊرافٽ ٻيهر لکڻو پيو. چو تہ ڏامراهو صاحب سچ ٿو چوي. جڏهن بہ مواد ڇپبو تہ اهو نئون ديري تائين محدود ڪو نہ رهندو. لکڻ، جيئڻ ڪان بہ ڏکيو آهي، منهنجي لاءِ. آخر بنيادي معلومات حاصل ڪري بہ صفحا وڌيڪ لکي ورتم اڇو تہ پڙهون.
غلام حسين ڪٽپر ۽ ٻين ٻڌايو هو تہ هاءِ اسڪول نئون ديري ۾ لعل خان رٽائرڊ فوجي، ڊرل ٽيچر هوندو هو. ڪيس جنرل ايوب خان بابت خبر پئي تہ هو سکر ڪان لاڙڪاڻي، رائيس ڪئنال جي ٽاپ سان اچي رهيو آهي. رائيس ڪئنال جي پُل تي اسڪول جي شاگردن کي وٺي ويو ۽ اُتي اچڻ وقت ايوب خان کي سلامي ڏيارايئين. ايوب خان، لعل خان سان هٿ ملايو ۽ هُن ٻڌايس تہ ٻي جنگ عظيم ۾ اوهان سان گڏجي جنگيون ڪيون آهن. ايوب خان، خوش ٿي لاڙڪاڻي ويو هو.
١٩٦٥ع جي جنگ دوران، انڊين هوائي جهاز، نئون ديري تائين پهتا هئا. شاهنواز پٽو اسٽيشن جي اوپر طرف، آئوٽر سگنل جي بلڪل نزديڪ، پاڻيءَ جي ڍُٻن ۾ جهازن بہ وڏا بم ڪيرايا هئا. چوڌاري ست-ڪوهيءَ ۾ ڌماڪا ٻُڌا ويا هئا، پر پاڻيءَ ۾ گپ هئڻ ڪري ڪو بہ نقصان ڪو نہ ٿيو هو. ١٥-٢٠ فوٽ ويڪرا ۽ اونها کڏا پئجي ويا هئا، پر شهر ۽ ان جي آباديءَ کي اللهﷻ بچائي ورتو هو. انهن بمن ڪرڻ سبب، شهر اندر وڏو ڌڪاءُ پئجي ويو هو. مڪمل بليڪ آئوٽ گهرن ۾ ٿيندي هئي. پر پوءِ جلد جنگ بند ٿي وئي. جنرل ايوب، انڊين شاستري وزيراعظم ۽ روسين جي ماسڪو ۾ ڪانفرنس ٿي هئي. چون ٿا تہ ڀٽي صاحب ۽ ايوب خان وچ ۾ اُتي اختلافن جي شروعات ٿي هئي.
خانواهہ جي پرسان، پير داون شاهہ بہ آهي. اُتي وڏو مُقام آهي. رتوديرو-ڏامراهہ روڊ جي پرسان، دلو پير جو مقام بہ آهي. اُتي بہ ويران ۽ اُداس قبرون چڱي ايراضي تي ڦهليل آهن. لڳي ٿو تہ اهي ايراضيون، جنگ جا ميدان رهيا آهن. پناڻن سان سنڌين جون

جنگيون، ڪلهوڙن جون پاڻ ۾ لڙايون يا خانہ جنگيون وغيره، اهڙن مقامن ڪي جنم ڏين ٿيون.
نئون ديري جي پرسان، پير جان محمد وارو مقام، ۽ نئون ديري جي اوير ۾ دادو ڪئنال جي پرسان ابوالخير وارو مقام بہ ساڳي حيثيت رکن ٿا. پير جان محمد ڪلهوڙو ڪمانڊر هو.
قنداري سڙڪ مان مراد، ڪابل ۽ قندار ڏانهن ويندڙ يا هلندڙ رستو آهي. اها سڙڪ، مختلف پاسن کان ڏامراهن وٽان گذرندي، قمبر، شهدادڪوٽ، خضدار ۽ بولان لڪ تائين ويندي هئي. ڳڙهي ياسين ۽ شڪارپور کان ٿيندي بلوچستان، پنجاب ۽ سرحد جا رستا لتاڙيندي، خيبر لڪ ۽ افغانستان پُڄبو هو. ايرانين، افغانين ۽ سينٽرل ايشيا وارا پشاور کان لاهور ۽ دهليءَ پهتا آهن. سنڌ ۾ ايندڙ ظالمن بہ ساڳيو رستو اختيار ڪيو هو. ٻيو رستو هو ايران، لسٻيلہ ۽ سنڌي سمنڊ. عرب، سنڌ ۾ انهي رستي سان داخل ٿيا هئا.
تاريخ ۽ جاگرافي، هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. سنڌ جي تاريخ ڪي سمجهڻو آهي تہ سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پناڻن جي علائقن جي جاگرافي وغيره ڪي سمجهڻو پوندو. ان کان سواءِ سنڌي سمنڊ جي بندرن، سنڌوءَ جي واپاري بندرن ۽ پتڻن وغيرهہ ڪي پڙهڻو پوندو. پوءِ عربن، يونانين ۽ ايرانين جي ڦُرلٽ ۽ حملن ڪي سمجهي سگهبو.
سنڌ جون گرميون ۽ ٻُتون اسان هر سال پوڳيون پيا. اپريل کان سيپٽمبر تائين، هي خطو دوزخ جو ننڍڙو نمونو هوندو آهي. وڻ جي ڇانوَ، مَنهَ ۽ جاءِ جو اَجهو، جنت وانگر لڳندو آهي. ان ماحول ۾ جنگ جو تصور ڪيو. لاشن لاءِ قبرون کوٽڻ، سرويچن ڪي غسل ڏئي، ڌرتيءَ ماءُ جي حوالي ڪرڻ، ڪيڏو ڏکيو ڪم هوندو. هر طرف سنڌن لاش پکڙيل هجن، ڳوڻن ڪي باهيون ڏنل هجن. اهڙا ڪلور جڏهن پڙهجن ٿا تہ رَتُ ٽهڪي پوي ٿو. ظالمن اسان سان ڪيڏا قهر ڪيا آهن. مون ڪي لڳندو آهي: ”سنڌ جي غيرت، عزت ۽ وقار جي جنگ اڃا ختم نہ ٿي آهي.“ نواب ولي محمد لغاريءَ چيو آهي: ”سَوَ سِسيون ڏئي، فتح جون بہ وڪون وٺبيون آهن.“ هو سنڌ جو سپورنج ۽ بهادر جنرل هو. صبح جو ڏگ مڙسن ڪي جنگ لاءِ تيار ڪجي. شام جو سنڌن مڙهہ دفنائڻ لاءِ، همت ۽ دل گردو ڪپي. اسان وڏڙن جي امانتن ۾ خيانت ڪئي آهي. شل! اللهﷻ رحم ڪري.
لاڙڪاڻي شهر ۾ جناح باغ آهي. اُتي تجر بلڊنگ آهي. تجر جي لفظي معنىٰ آهي قبر. نواب ولي محمد خان لغاري ۱۸۳۲ع ۾ هتان جو گورنر هو. هو وفات ڪري ويو تہ امانتاً سندس جسد خاڪيءَ ڪي هتي رکيو ويو هيو. قبر جي متان عمارت ناهي وئي. جنهنڪري اهو باغ ئي تجر باغ يا تجر بلڊنگ مشهور ٿيو. جيڪو ڦري جناح باغ ٿيو. اهڙيءَ طرح وقف ٽيل گيان باغ، ڦري ذوالفقار باغ ٿي ويو.

نواب ولي محمد لغاريءَ جو مڙهه، سندس پٽ حيدرآباد ڪٽائي ويا. بلڊنگ خوبصورت هئڻ ڪري هتي انگريز آفيسر پهريائين لئبرري قائم ڪرائي. هاڻي جناح باغ ۾ پريس ڪلب ۽ ضلعي هال بہ آهي. پٽي صاحب جي وقت ۾ هتي نيشنل سينٽر نالي لئبرري هئي. شاندار ڪتاب ۽ ريسرچ جو ڪمرو هوندو هو. بعد ۾ سر شاهنواز لئبريري ٺهي.
اڄو تہ اياز جي غزل سان پاڻُ وندرايون؛

روح ڪي ول جيان وڪوڙيو ٿي،
جيءَ سان جيءُ چا تہ جوڙيو ٿي.
*
چوڙيون چنڊ جيان ٽٽيون آهن،
ٻانهن ڪي ڪيڏو مروڙيو ٿي.
*
هاءِ ميهار بنسري تنهنجي،
ڪيترا سُر جو، اڄ تہ ٻوڙيو ٿي.
*
پيار ڪان پوءِ بہ مُڙين ڪين ٿو،
ڪيترو "اياز" لوڙيو ٿي.

مان نئون ديرو ۽ سنڌ ڪي "ول" جيان پاڻ ڪي وڪوڙڻ چاهيان ٿو. چا ڪريان اها ئي منهنجي عبادت آهي.

چيڙيو دردن چوهه مان، سُورن جو ڪو ساز،
چنڊ، هوا ۽ "اياز"، رُلندا رستن تي رهيا.

مون ڪي بہ اندر جي ڪنهن گهاوَ، دل ۽ دماغ ۾ اٿنڌڙ طوفانن ۽ تڪليفن رُلائي ڇڏيو آهي. اياز جي چا تہ شاعري آ، چا تہ خيال آ. پٽائي پاڪ پوتر، فرشتن جهڙو انسان. اياز، ڌرتيءَ جو، پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪندڙ قوي. مونکي ڏاڍو وڻندا آهن. ٻيو ڪجهه پڙهڻ جي ضرورت ئي نہ سمجهندو آهيان. مونکان رُلڻ ڇڏائجي ويو آهي پر پوءِ بہ انهن رستن، پيچرن ڪي جيءَ ۾ جايون ڏئي وينو توهان ڪي قصا ٻُڌايان.
نم چونڪ جي اولهہ ۾، سائين خوش محمد سهتي جو ويڙهو هوندو هو. سانوڻ جو غريب غربو سندن در تان پئسا ڏئي ڪتاڻ وٺي وجي گهر ماني ڪائيندو هو. اڄ بہ اها ڪتاڻ ملندي آهي پر ڏاڍي مهانگي آهي. ڪنهن خاص مهمان يا تحفي ڏيڻ لاءِ گهرائي وٺبي آهي. ڏاڍي لذيذ ۽ وڻندڙ ذائقو اٿس.

ڪپڙي بازار ۾ فقير محمد عيسىٰ مرحوم، پاڻيءَ جا شيشا، مفت ۾، ڪامڻ جي مريضن کي ڏيندو هو. پاڻيءَ ۾ ڪجهه مليل هوندو هو. پري پري کان مريض وٺڻ ايندا هئا.

نم چونڪ وٽ، به نم جا وڻ هوندا هئا. طوفان ۽ برسات سبب، هڪ ڪري پيو ٻيو سلامت آهي. هتي ئي صابو پان واري جي پڙي هوندي هئي، جيڪا برج مل ڪولي هئي، پر اُها هاڻي بند آهي.

نئون ديري جي ويگنن واري پراڻي اسٽاپ تي، وڏو پپل جو وڻ هوندو هو، جيڪو طوفان ۽ برسات ۾ ڪري پيو هو. منهنجي اچڻ وڃڻ جي جاءِ، اهو اسٽاپ هوندو هو. پپل ڪرڻ ڪري، ٿڌڪ اُس تي پئي هئي. ڪيترو عرصو مان ان پپل کي وساري نه سگهيو هيس. اڄ به ان جي نه هئڻ جو احساس، شدت سان محسوس ڪندو آهيان.

پپل تنهن جا پن ڙي، سپ مڙهايان سون سان!

هن گيت ۾ سنڌي عورتن جي چا ته فياضيءَ جو نقش چٽيل آهي. مون وٽ به جيڪڏهن سون هجي ته ڪانديري ۽ اَڪ جهڙن ٻوٽن کي به سون ۾ توري خريد ڪريان.

اوير طرف، ڪپڙي بازار جتي ڳُتي، ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿي، اُتي سيٺ بخشو مل جي پڙي هوندي هئي. هو ڪِلٽو ملٽو ۽ پلو ماڻهو هيو. پهرياڻ ۾ گوڏ پائيندو هو ۽ اڪثر صاف سٿرو رهندو هو. هو چند سال ٿيا جو فوت ٿي ويو آهي.

مون کي اوچتو لاڙڪاڻي ۾ هڪ اڇي ڏاڙهيءَ وارو مليو ويو. هُن مون کي سڃاتوءِ چيائين ته پوڙها ٿي ويا آهيو. مان ڏاڍو خوش ٿيس. هن ڏاڍي سادگي ۽ سچائيءَ سان ڳالهايو ۽ قرب پئي ڏنو. مون هن کي ڪو نه سڃاتو. چيائين: ”مان بخشي مل جو پٽ آهيان.“ پڙهندو هيس ته مسلمان ٿي، گهر ڇڏي نڪتو آهيان. عبدالرحمان پنهنجو سنگتي هو، اهو به مسلمان ٿيو هو. ٿيون به اسان جي ٿهيءَ جو پنهنجو ڌرم ڇڏي، مسلمان ٿيو جيڪو اڄ ڪلهه ڪراچيءَ رهي ٿو.

الائي جا ۾ راضي آ، الائي ڪنهن سان راضي آ،
ڪو راجا، ڪو فقير....

اسان سڀ لاڙڪاڻي پڙهندڙ شاگرد، قاري صاحب واري مسجد ۾ نماز پڙهندا هئاسون. اُتي قاضي منظور عليءَ سان به واقفيت ٿي. اياز ڪوڪر گڏ پڙهندو هو. هن جو والد محرم علي ڪوڪر، ڀُٽي صاحب جو ڊرائيور هو. اياز علي رمضان شريف ۾ پيرُ وڄائيندو هو. جنهن جي آواز تي شهر ۽ آسپاس وارا، اسر جو اُٿي روزا رکندا هئا. قاري صاحب، مسجد ۾ ڪم پيو ڪرائيندو هو. ڪڏهن رنگ روغن ته ڪڏهن قوهارا ۽ ٽانڪيون وغيره پيو جوڙائيندو هو. بلڪل فقير منش ۽ خدا ترس انسان هيو.

ان زماني ۾ اسان شاگرد ۽ ٻيا جماعتي، قاضي منظور عليءَ جي سربراهيءَ ۾، سائيڪلن تي چڙهي، رات جي چانڊوڪيءَ ۾، رائيس ڪئنال رستي، ڪرڙين جي وانڍ تي ويا هئاسين. اتان ساريون وغيره گڏ ڪري، رات جو ئي واپس گهر موٽيا هئاسين. ڦر ۽ اغوا جو ان وقت رواج ڪو نہ هو. سيني سُڪون ۽ بغير خوف جي، سفر ڪري، مزو ورتو هو. رات جو پنڌ ڪرڻ، ٿڪن ۽ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ ۾ عجيب سحر ٿئي ٿو.
بعد ۾ شفيع اوڪاڙوي ڪراچيءَ مان واعظ لاءِ آيو هو. پهريون دفعو شهر ۾ اردو نعتون سني سُر ۾ ٻڌيون هيون ۽ سنڌي مولودن جي جاءِ انهن والاري.
اسان شاگردن لئبرري کولي. ان وقت پڙهڻ جو معيار اهو هو تہ اردو ڪتاب، جاسوسي ڊائجسٽ، ابنِ صفي سيريز ۽ ديوتائن جي قصن ڪانسواءِ مذهبي لٽريچر گهڻو پڙهيو ويندو هو. غلام حسين ۽ مان، سنڌي ڪتاب خريد ڪيا ۽ ٻين کي پڙهڻ لاءِ ڏنا. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب جي حوالي سان نئون حلقو پيدا ٿي پيو. جن مان ڪيترا اڳتي هلي، دانشور ۽ شاعر بڻجي ويا.
اسان مان ڪجھ جيئي سنڌ ۽ پليجو گروپ جا ڏڙا پيدا ٿيا، جنهنڪري قوم پرستي ۽ سوشلزم جو بنياد پئجي ويو. ڪافي ماڻهن ڳالهائڻ سکي ورتو. دوستن ۾ ويچا وڌي ويا. حسين بخش ناريجو آفيسرس گريڊ جي نوڪري ڇڏي سنڌي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ جلدي ايم.آر.ڊي تحريڪ هيٺ جيل ويو.
جيئي سنڌ ۽ پليجي گروپ وارن، اڳتي هلي خوشحال زندگي گذارڻ خاطر پ پ پ ۾ شريڪ ٿي، آفيسرس گريڊ واريون نوڪريون ورتيون. اهو محترمہ جي پهرين حڪومت وارو دور هو.
قاضي منظور علي ٿيپهريءَ جي نماز کان پوءِ اسان سيني کي اوطاق تي اچڻ لاءِ چوندو هو. اُتي چولن ۽ پڪوڙن وغيره جي وَٿ ڪرائيندو هو. اُتي قاضي محمد رفيق سان بہ ملڻ ٿيو هو، جيڪو خانبهادر صاحب وٽ ملازم رهيو هو. اڳ ۾ حڪيم عزيز الله موريي وٽ ڪم ڪندو هو. قاضي صاحب خوبصورت ۽ لالو پناڻ لڳندو هو. بااخلاق، نيڪ نمازي، هجائتو ۽ قربائتو هوندو هو. اسان سيني جي عزت ڪندو هو ۽ اسان بہ هُن جو احترام ڪندا هئاسين. عمر جي آخري حصي ۾ "شوگر تي پيس. ڪمزور لڳندو هو. پراڻيون ڳالهيون ٻڌي، ٻهڪي پوندو هو. موڪلائڻ وقت دُعائون ڪندو هو.
غربت سان گڏ، خوشي ۽ جواني هوندي هئي. وڏڙا سيني جا جيئرا هئا. ٻي آني جي ينگ وني لِکي گرمين ۾ عياشي ڪندا هئاسين. پوءِ تہ پوڳ ۽ ٽوٽڪا. ائين جواني لنجي وئي ۽ پاڻ اولادي، پوڙها ۽ اخلاق سيکارڻ وارا ٿي ويا آهيون. انساني نسلن جو سلسلو، ائين ئي هلندو رهندو.

مان پنھنجو پاڻ کي سمجھندو آھيان تہ ڪنھن قافلي کان ٽٽل سپاھي آھيان. ان قافلي جي اڳواڻن کي ماريو، لٽيو ۽ ڦريو ويو آھي. مان اتفاق سان بچي ويو آھيان. نہ رھبرم نہ منزل جي خبر. مان ڀٽڪندڙ ماڻھو وجان تہ وجان ڪيڏانھن....... مان پاڻ کي اھڙو ابھم ٻار سمجھندو آھيان، جنھن جي سڪيا جي ذميواري ڪنھن جي نہ آھي. ھاڻي اھو ٻار جيئڻ جا انداز ڪيئن سکي. مان اھو نوجوان آھيان جيڪو بلڪل اڪيلو آھي. دنيا کي سمجھڻ، ھن جي وس جي ڳالھہ نہ آھي. سمجھہ ۾ ڪجھہ ڪو نہ ٿو اچي. پر مايوسي بلڪل نہ آھي.

پوڙھائپ ۾ ان نتيجي تي پھتو آھيان: مان پڙھيل لکيل غلام آھيان. بغاوت ڪرڻ ڪو نہ ٿي اچي، پر جھڪڻ ۽ ڪمپرومائيز ڪرڻ منھنجي تاريخ، ثقافت ۽ روايتن جي خلاف آھي. شل! ائين ئي تڙپندي ۽ اللهﷻ کي ٻڌائيندي، قبر ۾ ھليو ويس تہ مالڪ الملڪ جا احسان ٿيندا.

شھر جي ڏکڻ پاسي کان وھندڙ، گھاڙ واھہ ھوندو ھو. اھو دادو ڪئنال مان نڪرندو ھو. ان کي چئنل چوندا ھئاسين. اتي ئي ٿاروءَ وارو باغ آھي. جنھن کي فاروقيءَ[1] جو باغ سڏجي ٿو. غلام حسين جي گھرن جي سامھون ٻائي وارو باغ ھوندو ھو. ھاڻي اھو مورين جي ملڪيت آھي. اولھہ طرف، پنبو ھوندو ھو. ڏھن منٽن جي واڪ کان پوءِ، پير ڳوٺ ايندو ھو. ٻار چئنل تي ترڻ سکندا ھئا. ٻنھي ڪپن تي وڻ ۽ ساوڪ ھوندي ھئي. ھن وقت اھو واھہ صرف ڪني پاڻيءَ جي نيڪال جو نالو ٻڌجي ويو آھي. چئنل کان ڇڙيو پاڻي اچي، محترم جي زمينن ڏانھن مڙيو وڃي. ٻَنڌ ڏنل آھي. ان جي اولھہ ۾ گندو پاڻي پوڻ شروع ٿئي ٿو. گھاڙ واھہ جي تاريخ، تفصيل سان ٻئي مضمون اندر اچي وئي آھي.

گھاڙ واھہ جو پيٽ، يعني ايريگيشن جون زمينون، ماڻھن قبضو ڪري گھر، اوطاقون، ھوٽلون ۽ دوڪان وغيره ٺاھي ڇڏيا آھن. ائين غريب ماڻھن بہ وھندڙ گنگا مان ھٿ ڌوتا آھن. شھر جا ٻيا لينڊ مافيا ۽ قبضا ڪندڙ نالي وارا ماڻھو، اثر رسوخ وارا ۽ دولتمند ٿي آھن. سرڪاري پلاٽن تي قبضو ڪندڙ، پاڻ ۾ وڙھي ۽ مري بہ رھيا آھن.

پٽي صاحب کي جيان وارن، ريل جي گاڏي جيڏو، ڪاٺ جو ٺھيل بنگلو تحفي ۾ ڏنو ھو. اھو بنگلي جي ٻاھران شروع ۾ رکيو ويو. بعد ۾ اُتان ڪٽائي، نصرت فارم تي رکيو ويو ھو. راھوجين ويندي، اُھو بہ مون گھمي ڏنو ھو. منجھس سڀ سھوليتون ھيون. حيرت ٿي ھئي مون کي، اُن کي اندران ڏسي. انسان جا تہ ڪمال ڪيو آھي.

[1] اردو ميڊيم وارو يا ڪليم وارو

پٽي صاحب کان پوءِ اهو، سار سنڀال نہ ٿيڻ ڪري، اجڙي ويو. جڏهن مير صاحب آيو تہ وري ايڏانهن منهنجو وڃڻ ٿيو تہ ان ڪاٺ جي بنگلي کي وري مون ڏٺو هو. بعد ۾ ان کي جنريٽر وغيره يا بجليءَ مان باهہ لڳي ۽ سڙي ختم ٿي ويو.
اهڙي نموني شهنشاهہ ايران، پٽي صاحب کي ڪافي جيپون تحفي طور موڪليون هيون. اهي جيپون پٽي صاحب، مئنيجرن جي حوالي ڪيون هيون. ڏنومل، بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌندو هو، سو پٽي صاحب جو سيلر سنڀاليندو هو. هر سال زمينن ۽ ڪارخاني وغيره جي پيداوار تي، پٽو صاحب سيٺي کي سامهون گهرائي، رڪارڊ تي صحي وٺندو هو. شل نہ ڪنهن جي ڦٽي. ڪنهن تي پٽو صاحب ناراض ٿيندو هو ۽ اهو سوال جو جواب نہ ڏئي سگهندو هو تہ ٻيهر ٽائيم وٺي رڪارڊ درست ڪندو هو. جيستائين پٽو صاحب صحي ڪري، تيستائين پيو ڏڪندو هو.
نصرت فارم، بيگم پٽو صاحبہ جي نالي پنيان، تڏهن آباد ٿيڻ شروع ٿيو، جڏهن پٽو صاحب وزير خارجہ هو. نصرت اسٽيشن بہ آهي. پر اُها نصرت ابڙو جي نالي پنيان، گهڻو اڳ آهي. باقي نئون ديري جي اسٽيشن جو نالو سر شاهنواز پٽو رکيل آهي.
نئون ديري-لاڙڪاڻہ روڊ تي پير اڃن شاهہ ۽ ميتلن جي وچ ۾ ”گولي مار“ اسٽاپ آهي. اِهو اسٽاپ گذريل ٣٥ سالن کان وجود ۾ آيو آهي. نئون ديري جي قلندر بخش پٽو مرحوم کي ڪنهن گوليون هنيون هيون، جنهن تي هو زخمي ٿي پيو هو. باقي پير اڃن شاهہ تي ٻيو ڪو لکي.

# محمد عيسيٰ ڪنڌر: جهانديده شخص

فقير صاحب جن جو اصل ڳوٺ پونيٽ آهي، جيڪو نصرت ريلوي اسٽيشن جي پرسان آهي. پونيٽ اصل ۾، پونءِ مان ورتل هوندو.

”پونءِ نہ آئي پانءِ، الا! مان اڏري ويندوسانءِ.“ (اياز)

سندس وڏو ڀاءُ، فقير محمد موسيٰ هو. اهو پير شير محمد متاري جو متولي هو. نوجوانيءَ ۾ ٻئي ڀائر ملهہ وڙهندا هئا. نئون ديرو ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪان هُين. پوءِ نئون ديري ۾ ٻئي ڀائر لڏي اچي ويٺا. فقير محمد عيسيٰ ڪپڙي جو دوڪان کوليو. خانبهادر احمد خان ڀٽو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو، فقير صاحب کي سڃاڻيندا هيا. ڀٽو صاحب شهر جي سيني چڱن مڙسن کي ذاتي طور تي سڃاڻيندو هو. عيد براد تي ساڻن ملندو رهندو هو. شهر وارن جا حال احوال ڪائڻ ونندو رهندو هو.

ٻئي ڀائر جڏهن لاڙڪاڻي، رحمت پور واري پير منا سان مليا تہ سندن زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي اچي وئي. اسان جي محلي ۾ اسان مسوديرائن جي اڪثريت آهي. اتفاق سان سڀ ڪنا تي ويا آهيون. ڀٽن، مير بحرن ۽ چنن جا گهر آهي. سڀ ستن پيڙهين کان هڪٻئي جا واقف آهيون.

اسان جي محلي ۾، جيڪو هاٽي فقير واري مسجد وارو محلو سڏجي ٿو، اتي ڪڏون هيون. انهن کي پراڻي گهاڙ واهہ جو ڦتل پيٽ سمجهندو آهيان. اُها ڪڏ ٻنهي ڀائرن پنهنجي گهران خرچ ڪري لٽائي ۽ ڪڪائين مسجد جوڙائي. نماز جماعت سان پنج وقت شروع ٿي. سڄو پاڙو اڻ پڙهيل، آهستي آهستي اُهي سڀ نمازون پڙهڻ سکي ويا.

اصل ۾ اُها ڪڏ ۽ مختصر پلاٽ عبدالرزاق پٽي مرحوم ميرپوري واري جو هو. بعد ۾ فقير صاحب ان سان معاملو طئہ ڪري ڇڏيو. مسجد سان گڏ مدرسي جي بہ شروعات ٿي. پگهار تي مولوي رکيو ويو. داروغو هدايت الله ميربحر/ ميراڻي بانگو هيو.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ پڪي مسجد ۽ پڪو مدرسو تعمير ٿيو. مدرسو سرڪار طرفان نهيو، جنهن جو ٺيڪيدار قاضي منظور علي هو. اهو پُٽي صاحب جو دور هو. مولوي محمد رمضان کي، فقير صاحب مسجد ۽ مدرسي ۾ مقرر ڪيو جيڪو سندن پير-ڀائي هيو.

فقير صاحب، پير منا جي خاص خليفن مان هيو. شهر ۽ آسپاس ۾ وڃي، ماڻهن کي نماز جو تاڪيد ۽ الله جو ورد ڪرڻ سان گڏ نيڪ ٿيڻ تي زور ڏيندو هو. اسان جو ڳوٺ مسوديرو تقريباً ١٠ ڪلوميٽر نئون ديري کان پري آهي. اُتي بہ سندن پوئلڳ ٿيا، پوءِ تہ ڳوٺ ۾ ڏينهن رات وڏي آواز الله پيو ٻڌبو هو. احمد جلباڻي فقير کي تہ حال اچي

ويندو هو. ان ڪيفيت ۾ هو بي خبر ٿي ليٽڙيون پائيندو هو. بعد ۾ خبر پئي تہ تصوف جي سلسلن ۾ اهڙيون ڪيفيتون نروار ٿينديون آهن. مولانا جامي ۽ ٻين بزرگن ڪي پڙهجي ٿو تہ اهي سڀ نيون ڳالهيون ڪون ٿيون لڳن. اسلامي تصوف ۾ چار سلسلا آهن: نقشبنديه، قادريه، سهروورديه ۽ چشتيه. مرشد لطيفؒ مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ بہ نقشبندي آهن. مڪليءَ تي قادريه طريقي وارن جي بزرگن جا بہ مقبرا آهن. مرشد لطيفؒ ۽ محمد زمان لنواريءَ وارو، الڳ الڳ مسلڪ جا آهن. لنواريءَ وارن وٽ ساز جائز نہ آهي. ٺٽويؒ بہ راڳ ۽ ساز جي اجازت ڪو نہ ٿو ڏئي. پٽ ڏٺي، ٺٽي ۾ مخدوم معين ٺٽويءَ وٽ بہ گهٽو ايندو ويندو هو. ان جي وفات ڪان پوءِ بہ لنواريءَ ويو هيو.

پير منا بہ نقشبندي طريقي جو هو. هو نماز ڪان پوءِ مراقبو ڪندا آهن. وڏن مٽين جي تسبيح تي الله يا ٻي ثنا تسبيح پڙهندا آهن. ڪاٺ جي تسبيح ٺڪ ٺڪ جو آواز ڪندي آهي ۽ وچ وچ ۾ ثناءَ وغيره تي ضربون بہ لڳنديون آهن. سائين جي ايم سيد ۽ ٻيا پڙهيل لکيل ماڻهو تصوف جون صرف ٻہ تعريفون ڪن ٿا: ١. وحدة الوجود ۽ ٢. وحدة الشهود.[1]

فقير صاحب جو ڪپڙي جو دڪان، ڏاڍو ڪامياب ٿيو. هُن جيڪو ڪمايو، اُهو الله جي گهر، مدرسي، مهمانن ۽ تبليغ تي خرچ ڪرڻ سان گڏ، ضرورتمند مسڪينن، بيواهن ۽ يتيمن جي مدد ڪرڻ ۾ بہ لڳايائين. ڪيترن غريب نياڻين ڪي ڏاج وغيره ڏئي شاديون ڪرايائين.

پٽي صاحب جو اسٽيٽ مينيجر عبدالقيوم خان پناڻ سرحد جو هو. جيڪو شير پائوءَ وارن جي معرفت پٽي صاحب وٽ اچي ملازم ٿيو هو. اُهو ميونسپالٽي نئون ديرو جو ميمبر چونڊيو. فقير صاحب هميشہ پنهنجي حلقي مان ميمبر چونڊبو هو. سندس مقابلو مرحوم محمد آچر مگٽيجي سان ٿيندو هو. هو حُر فقير هو. پاڳاري وارن جي پارٽيءَ ڪري، اليڪشن ۾ حصو وٺندو هو، ورنہ تہ عام زندگيءَ ۾ فقير صاحب جو ڏاڍو احترام ڪندو هو.

عبدالغفار پٽي صاحب چيئرمين ٿيو تہ فقير صاحب سندس ساٿ ۾ هو. پٽي صاحب پي آئي اي مان ١٩٨٠ع ڌاري مارشل لا ريگيوليشن تحت نوڪريءَ ڪان فارغ ڪيو ويو. نئون ديري اچي ١٩٨۴ع ڪان ١٩٨٧ع تائين، چيئرمين رهيو.

فقير صاحب ٦٠-٧٠ جريب زمين جو مالڪ هو. بازار ۾ جيڪو دوڪان خالي ٿيندو هو تہ اُهو فقير صاحب جي معرفت ئي ٻين کي ملندو هو. ڪپڙي بازار جي صدر هئڻ سان گڏ شهر جي جاين جو وڪرو يا مسواڙ، بغير ڪنهن ڪميشن وٺڻ جي، فقير صاحب

---

[1] ٻنهي ڳالهين جي معلومات وٺڻي آهي تہ تصوف جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن.

نبيريندو هو. مٿس هندن، مهاجرن ۽ سنڌين جو اعتماد هيو. پاڻ حج بہ ڪري آيو هيو. سندس وڏو پٽ مولوي عبدالرحيم نئون ديري پنهنجي مدرسي ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ ڪراچيءَ ديني مدرسي ۾ پڙهيو، جتي جديد طرز تي، شاگردن جي هاسٽل نهيل آهي. اُتان فارغ ٿي، نئون ديري مسجد ۾ پيش امام مقرر ٿيو. بعد ۾ تعليم ڪاتي ۾ ڪميشن پاس ڪيائين ۽ هاڻي اسسٽنٽ پروفيسر آهي. نوڪريءَ سان گڏ مسجد ۽ مدرسو بہ سنڀالي ٿو.

فقير صاحب جو ٻيو پٽ، فقير عبدالرحمان آهي، جنهن بہ ديني تعليم ورتي آهي. اهو پنهنجو ڪپڙي جو دوڪان سنڀالي ٿو. ٽيون نمبر پٽ عبدالخالق منهنجو وڏيڪ واسطي وارو آهي. اهو بہ مدرسي ۾ پڙهيو آهي، عربي ٽيچر آهي، سنڌ بوڪ اسٽور بہ سنڀالي ٿو. عبدالغفار سرڪاري نوڪري ڪري ٿو. سندن پنجون پٽ عبدالڪريم ٽيليفون ڪاتي ۾ ملازم آهي. سڀ گهر ٻار وارا، الڳ الڳ جاين ۾ رهن ٿا. سڀني جي خوشحال زندگي گذري ٿي.

فقير محمد موسيٰ صاحب، پير متاري تي گهڻو رهندا هئا. هو هڏن جي ڀڃڻ جا ماهر هئا. اتر سنڌ ۾ اها ڪنيرن جي آبائي ڪِرت هوندي هئي. ان زماني ۾ ميڊيڪل سائنس ايڏي ترقي ڪو نہ ڪئي هئي. ڦٽ، ڦرڙي ۽ ملي وغيره جي علاج لاءِ ڳوناڻا حجم مشهور هوندا هئا. هاڻي ڊاڪٽرن وٽ، خاص طور تي سينٽرن تي، لکين روپيہ خرچ ٿئي ٿو. ڄاڻو ۽ ماهر ڪنير ۽ حجم قبرن ۾ هليا ويا.

وڏي فقير صاحب محمد موسيٰ جن جا پٽ، پيءُ جي نقشِ قدم تي هلي، ماڻهن جا ڀڳل هڏ ناهي رهيا آهن.

متي لکي آيو آهيان تہ وڏو فقير، پير شير محمد متاري جو متولي بہ هو. اِهو پنجوديري جي پرسان جت-پتا ڳوٺ جي ڏکڻ طرف آهي يعني نئون ديرو-لکي روڊ سان، رائيس ڪئنال جي لڳ بزرگ جو مقبرو آهي. يونيٽ ۽ نصرت اسٽيشن ڏانهن بہ ساڳيو رستو آهي.

پير متارو جو نالو ٻُڌي، مون ڪي هميشہ مرشد لطيفؒ جي شاعريءَ جا ڪردار، موکي متارا ياد پوندا آهن. شاھ جي شاعريءَ ۾ عشقيہ داستان آهن ئي آهن پر سماجي تاريخ بہ اَمر ڪري ڇڏي اٿائين، جيڪو ڳولي سو لهي.

نئون ديرو، آسپاس ۽ اتر سنڌ ۾ مون ڪي متارا ذات وارا ڪو نہ سجهن. بزرگ تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ دل چوي ٿي.

اڇو تہ موکي متارن کي ياد ڪري ثواب ڪٽون:

متارا مري ويا، موکي تون نہ مرين. (شاھ)
متارا مري ويا، موکي پئي مَرُ،

تنهن جو ڏکُ ڏھر، ڪو نہ سهندو اُن ريءَ. (شاھ)
سسيون سردار، آٽيو رکن اڏيون،
مَرو مَ متارا، اَڏيءَ اوڏا م ٿيو. (شاھ)
موکي چوکي نہ ٿئي، اصل اوچي ذات،
وٽيون ڏيئي وات، متارا تنهن ماريا. (شاھ)

موکيءَ جي شراب، جي مَٽ ۾ ڪو زهر ذرو هو. متارا تہ ڏيهاڙيءَ جا پياڪ هئا.
منظور کوهيار صاحب کان فون ڪري موکي ۽ متارن جي قبرن جو پڇيم. هن چيو تہ: گڏاپ جي پاسي ڪراچيءَ ۾ آهن. جنهن کي دلچسپي آهي تہ رسالي جو سر يمن ڪلياڻ پڙهي. يمن جي معني؛ من کي روکڻ ۽ ڪلياڻ جي سک آهي. موکي ۽ متارن جي وڌيڪ تفصيل لاءِ ڪتاب ڪراچي، گل محمد ڪلمتيءَ واري جا ورق ورايو. هڪ شعر دل تي چڙهي ٿو اچي:

وجهج واٽاڙوئن تي، ميخاني جي مَاڪ،
ٿيندي سُڌِ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هَاڪَ،
پرھ جا پياڪ، جُ سي اگڻ آ ٿيا. (شاھ)

سپر هاءِ وي کان ٢٠ ڪلوميٽر پري، موکيءَ جي ڦتل اوطاق آهي. اتان ١٦-١٥ ڪلوميٽرن تي متارن جو ڳوٺ آهي. آثار ڦتل حالت ۾ آهن، متارن ۽ موکي قبرن ۾ آهن، روڊ رستو نہ آهي.
سهٽيءَ کان پوءِ موکي ۽ متارن کي پٽ ڏٽيءَ امر ڪري ڇڏيو آهي. سهٽي تہ باغي ڪردار آهي. متارا پرھ ڦٽيءَ تائين پيئندا هئا يعني پرھ جا پياڪ هيا. اجوڪا ماڻهو تہ گلاس بن ۾ وقلن ٿا. ماڻهو متارن کي روڪين ٿا، هو پوءِ بہ سر اڏيءَ تي رکڻ لاءِ آتا آهن. پاڻ تہ پنهنجن جي نالي کي خوار ڪيو آهي. عاشق تہ مرشد لطيف وارا متارا سڏجڻ گهرجن. باقي مون جهڙن کي نالا تہ اجايا آهن. نہ جيئڻ ٿو اچي، نہ پيئڻ ٿو اچي. پير متاري جي مقام جي چوڌاري لکين روپين جون زمينون ۽ ڪڏون آهن جيڪي پير جي کاتي ۾ وقف آهن.
مون کي ياد ٿو پوي تہ فقير صاحب جي جيئري، اسان جي پاڙي ۾ پلائي ئي پلائي، امن ۽ شانتي هوندي هئي. پاڙي جون چڱيون منيون ڳالهيون ڪند سُندَ ۾ نبيرجي وينديون هيون. چيني نبيري مسجد يا مدرسي ۾ ٿيندي هئي. ڪئين چهرا پاڙي وارن بزرگن جا منهنجي سامهون آهن: چاچو رحيم بخش ميربحر، سندس ڀاءُ چاچو سينڌل، گلاب ميربحر، ڪاڪو مبارڪ، ڪاڪو محمد سچل پٽو، ڪاڪو گل ڪوري، سچل ميراڻي، بابو نيڪ محمد، ڪاڪو رمضان، شعبان، دارغو هدايت الله، ڪاڪو زوار چنو، احمد زوار ۽ بيا الائي ڪيترا. سلام ڪبو هو تہ: ابا ابا پئي پوندي هئي. سلام جي جواب

سان گڏ دُعائون بہ ڏيندا هئا. فقير محمد ۽ رضا محمد، مان ۽ مختيار، عزيز الله ۽ غوثل ميربحر جهڙن، اڄ انهن جاءِ وڃي ورتي آهي. جوان اڪبر علي ڪوري، ٻڪين جي ختم ٿيڻ ڪري تازو وفات ڪيو، سو پورهيت ۽ شڪار جو شوقين هو. سڄو ڪڇو، خاص طور تي ڪيٽي ممتاز، پيرن هينان لتاڙيل هيس. سندس سماجي ڳالهيون ٻُڌي، مان دنگ رهجي ويندو هيس. ڳالهہ مان ڳالهہ، دل چوندي هئي تہ: وينو اُن سان ڪچهري ڪريان. عالم ۽ دانشور، بيزار ڪري وجهندا آهن، چو تہ هو جيڪو پڙهي، ٻُڌائين ٿا، اُهو پاڻ بہ تہ پڙهون ٿا. اصل ڏاهپ، حڪمت ۽ دانائي تہ سماج ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ آهي. جيڪا اڻ ڇپيل ۽ اڻ ٻُڌل آهي. جن قدرن تي سنڌي سماج ناقابلِ تسخير بڻيل هو. اُهي قدر مسمار ٿي رهيا آهن.

حاجي آفتاب پٽي جو والد فقيرمنش هيو. سومرا بہ غريب مسڪين ۽ ڏاڍا قربائتا هئا. فقير صاحب جي ڪري، فقير حميده، جيڪو خواجہ سرا هيو، حج ڪري آيو. نماز بہ پڙهندو هو. پنهنجن فقيرن جي مڙهيءَ جو گُرو هو. اتر طرف ماڇين/سولنگين جو وڏو ويڙهو هو. وچ ۾ ڪڏ هوندي هئي. بوئن جو گهر: ڪاڪو نبن، سائين حاتم ۽ ٻيا ڪيترا ڪراڙا. انهن سيني جو، چاچو علي خان چڱو مڙس هو. اولاد ڪو نہ هيس. مڙس وڏو ڦڏائي هيو. پيو اسان تي درخواستون ڪندو هيو.

فقير صاحب کي پهريائين فالج جو حملو ٿيو. علاج ڪري بهتر ٿيو پر دنياداريءَ کان لاتعلق ٿي ويو. نماز پڙهندو هو. ڳالهيون وسري ويندیون هيس. پئسن سان ڪيسا پري، کپائي ۽ ورهائي ڇڏيندو هو. مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن ۾ هيڏي هوڏي هليو ويندو هو. ٻيهر فالج جو حملو ٿيس. لاڙڪاڻي علاج لاءِ ڪافي عرصو رهيو.

فقير صاحب کي ٦ جولاءِ ١٩٩٦ع تي لاڙڪاڻہ ميڊيڪل سينٽر مان گهر آندو ويو ۽ ان ڏينهن ئي وفات ڪيائين. پٽن، پائٽين سان گڏ رانجهن فقير چنو مسلسل ساڻس گڏ رهيو. کيس نئون ديري شهر اندر مسجد جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. الله کيس جنت ۾ جايون ڏئي. آمين.

فقير صاحب جي زندگي مون کي سوچرائڻ تي مجبور ڪندي آهي. اعتبار ڪريو هن سڄي شهر نئون ديرو ۾ ڪو حق انصاف تي فيصلو ڪرڻ وارو ڪو نہ رهيو آهي. عبدالرزاق پُٽي جي مرڻ کان پوءِ تہ ست-ڪوهيءَ ۾ سُڄ آهي. غريب، مسڪين ۽ عزت دارن جي داد-رسي ڪرڻ لاءِ ڪو تيار نہ آهي. ’چور چُٽو وڃي، پاڳيو ٻڌو وڃي‘ وارو قانون، لڳ لاڳاپا، پئسو ۽ اثر رسوخ گهرجي، انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ.

”علي شاھ جي علاج کان مريض مُئو چڱو، انڙ جي فيصلي کان ڍور ويو چڱو“ ننڍي هوندي کان اها چوٽي ٻڌندا اچون.

نئون ديرو شهر ۽ آسپاس جا غريب، مسڪين ۽ عزت وارا، فقير صاحب وٽ اچي مسئلن جو نبيرو ڪرائيندا هئا. نہ جرگا، نہ سردار. چند چٽا، چڱي ساک وارا ويهي فيصلو ڪندا هئا. نہ چٽي، نہ ڏنڊ ڏوهہ. وڌ ۾ وڌ اهو تہ: زيادتي ڪندڙ وجي مظلوم جو تڏو ونندو هو.
ڪڇي جا ڪوڪر، ناريجا، ککراڻي ۽ شيخ وغيره فقير صاحب جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. هو سڀ مڙس ماڻهو، جهڳڙالو، ويڙهو ڪنهن جي ٽين ٽين وغيره نہ سهڻ وارا، فقير وٽ اچي اصل نہ ڪچندا هئا. اعتبار هوندو هين تہ فقير ساڻن بي واجبي نہ ڪندو. وڏي واڪ چوندا هئا: ”فقير ڪک ڪري، لک ڪري. هو جيڪو چوندو، اهو ئي سچ آهي. اسان ڪي ڪچٽو نہ آهي.“
اعتبار ڪريو. سڄي اتر سنڌ جي معاشري ۾ ماڻهو ڪو نہ رهيو آهي، جيڪو عزت وارن ڪي عزت بحال ڪرائڻ ۾ مدد ڪري. خونن، زمينن تي قبضن، عورتن جي ڇيڙڇاڙ، چوري، اغوا ۽ دادگيريءَ، سيني جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. رُلندا تہ توهان ۽ اسان جا جاوا، پاڻ تہ ايرو سيرو وقت گذاري چُڪا آهيون.
ڪنهن چيو: ”انسانيت تمام وڏو خزانو آهي، ان ڪي لباس ۾ نہ، انسان ۾ تلاش ڪيو.“
منهنجو خيال آهي: فقير صاحب جو ان ڪري ماڻهو خيال ڪندا هئا تہ سنڌ جو اهو وقت، هن وقت کان چڱو هو. چڱن ۽ سُنن ماڻهن جو تعداد گهڻو هو. ماڻهو ڪنهن جا ڪانيارا نہ هئا. فقير صاحب ماڻهن ڪي ڏک سک، بڙي بيماري، شادي غمي ۽ اوکي سوکي يعني هر وقت ڪم ايندو هو. ٻهراڙيءَ جو ماڻهو، يا پاڙي اوڙي جو غريب ماڻهو، مُنجهيل وقت ۾ جيڪو سندس ڪم ايندو آهي، تنهن ڪي ياد ڪري، ان احساس جي ڪري سِرُ ڏيڻ جهڙو، جوکم کڻڻ لاءِ بہ تيار هوندو هو. ههڙو دجالي دور نہ هو جو يار بہ وچونءَ وانگر ڏنگين ٽا.
الله، اسان سيني تي رحم ڪري. آمين.

# سائين غلام اڪبر سومرو

## روايتن جو پاسدار استاد ۽ زنده دل انسان

نئين ديري جي ڌرتي ۽ شهر، هندو ڏند ڪٿائن وانگر، منهنجي لاءِ ٻئي جنم واري حيثيت رکي ٿو. مَسوديري ۾ رهندي به نئين ديري سان رابطو، منهنجي ننڍپڻ کان آهي. ١٦-١٧ سالن جو ٿيس ته بابي نئين ديري ۾ گهرڙو ناهي ڏنو. ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي. ننڍو ڀاءُ گڏ رهندو هو، پاڻ ماني ڪندا هئاسين. بابي ۽ چاچي جي دڙڪن کان آزاد زندگي. اصل مزو اچي ويو هو. ڪو چوڻ آکڻ وارو جو ڪو نه هو. اهو خوف سو اندر ۾ رهندو هو ته: ڪا غلط حرڪت ڪري پوين کي لڄائبو به نه. گڏ پڙهندڙ شاگردن کان سواءِ، آغا محمد حسن، چيئرمين ٽائون ڪاميٽي، خدا بخش ويراڳي عرف خُدن ويراڳي ذات جو سپڙو ٽائون ڪاميٽيءَ جو مُلازم، قاري عبدالحميد صاحب، پيارو منگي، حاجي لوهر، غلام رسول عرف پنهل ٽانگي وارو، هوٽل واري مائي نوران، محمد عالم پڙهي وارو، مينهون خان ماڇي، نيباهو خان حجم، مولوي محمد ابراهيم، مظفر علي کوکر، الله ڏنو ناريجو، غلام اڪبر سومرو وغيره. پٽن جي بنگلي تي ڪم ڪندڙ عبدالواحد سومرو، لعل بخش مشوري، قاضي محمد رفيق ۽ مُنشي خدابخش قلپوٽو، بنا دُعا سلام جي سڃاڻي ڇڏيا هئا. شهر جا چڱا مڙس هئا: ماستر علي شير ميراڻي، قاضي علي گوهر، ڊاڪٽر عسڪري، نيڪ محمد پٽو، فقير محمد عيسىٰ، ارباب علي ڪرٽيو، ماستر محمد جڙيل ناريجو ۽ محمد بخش ڪٽپر وغيره.

بنگلي تي وڏيڪ اثر رکندڙ هئا، مولانا قادر بخش پٽي ۽ يار محمد خان پٽو. انهن مٿان ٿيا قريشي صاحب، چوڌري فهيم ۽ قيوم خان وغيره. ديوانن ۾ لوڪ چند، نانڪ رام ۽ آرت مل مکي، پُٽي صاحب جي دور ۾ هندو پنچائتن جا رکن هئا. انهن کان سواءِ حڪيم عزيزالله موريو ۽ حڪيم شيخ سعدالله به معززين ۾ شامل هئا.

نوجواني، بي فڪري، امن امان، سستائپ، سهڻو، ننڍڙو ۽ صاف سٿرو شهر. سڄو شهر نمن جي وڻن سان پريل هوندو هو. جتي هاڻي گرلس هاءِ اسڪول ۽ ٽانڪي آهي، اتي سهڻو پارڪ، گُلَ ۽ ڇٻر هوندا هئا. شهر جي اوپر طرف، پٽي صاحب جو بنگلو. مکيه گيٽ کان باغ، گلزاري، ڊاک جون وليون ۽ گل ٻوٽا هوندا هئا. بنگلو ساڳيءَ جاءِ تي آهي. ڪجهه ترميمن سان ۽ باقي ٻاهريون اوياريون باغ بلڪل ختم ٿي ويو آهي.

شهر جي ڏکڻ طرف گهاڙ واهه، ٻنهي ڪنارن سان ٽاريون ۽ رستو، جنهن کي ٽاپ سڏبو هو، مٿس چنڪار ٽيل. واهه جي ٻنهي ڪپن تي ڇٻر. گرمين ۾ ننڍا وڏا گهاڙ تي وهنجڻ

لاءِ گهرن مان نڪري ايندا هئا. امام بارگاهه تائين مزو لڳو پيو هوندو هو. غلام حسين ڪٽپر وارن جي گهرن سامهون باگڙين جا گهر، ديوانن جي پارن جون سماڌيون، انبن جو باغ ۽ ڪمند جو چيچڙو هوندا هئا. گرمين ۾ جمعي ڪوريءَ جا ڪلام وڏي سوز سان ٻُڌبا هئا. وهندڙ سنڌوءَ جو پاٽي، مٽان باگڙين جون عورتون، وٽراهه جمعو ڪوري اصل ڪاڏنهون ايرندو ۽ لهندو هو. پاڻ ڪي سمجهه ۾ ڳالهيون هاٽي ٽيون اچن:

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُجل،

نہ ڪو جهل نہ پل، هر ڪو پسي پرينءَ ڪي. (شاهه)

هندو ٽين-ايجر ڇوڪريون، ڪُراڙين ۽ ٻارن سان گڏجي اچي ڪپڙن سميت گهاڙ واهه ۾ وهنجنديون هيون. نوجوان ۽ وڏا، دادو ڪئنال ڏانهن هليا ويندا هئا. عسڪري ۽ ڪرٽين جي باغ جي وچ ۾ بہ انبن جا وڻ هوندا هئا، جيڪي جنن جي ڪري مشهور هوندا هئا. دادوءَ جا ٻئي ڪنارا ۴۰-۵۰ سالن جي پراڻين تارين ۽ نمن سان پريل هوندا هئا. ٽٽڪار، چانئن ۽ هوائن جي ڪري، ڇبر تي ليٽي ننڊ ڪري ونندا هئاسين. تارين تان ٻُل ڏيڻ، پاٽيءَ ۾ آرپار اچڻ وڃڻ، اسان جا پسنديده شغل هوندا هئا.

۱۹۶۹-۷۰ع جنرل يحيٰ خان جي دور ۾ اسان جي سامهون اُهي تاريون، نيڪي تي ويون ۽ ڪٽجي ويون. غلام حسين ۽ مان، ڪين پنهنجي منهن گاريون ڏيندا هياسين. پکين جي آڪيرن سان گڏ، جڻ اسان جي ويهڻ جون جايون ۽ آشيانہ اُجڙي ويا هئا. دادو ڪئنال جا گهٽ گهيڙ اُجڙي ويا هئا. وڻ نہ ڪٽيا هئا، جڻ اسان جا وجود ڪِپيا ڳيا تي ويا هئا. ڏاڍي تڪيف محسوس ڪئي هئيسين.

ون يونٽ جو دور ڏٺو. ان کي ختم ڪرڻ جي جدوجهد ڏٺي. حيدر بخش جتوئيءَ مرحوم جناح باغ ۾ جلسو ڪيو هو، اهو ڏٺو ۽ ٻُڌو هيوسين. پٽو صاحب، ايوب خان کان الڳ ٿيو. ون يونٽ کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيائين، جيل ويو ۽ آزاد ٿي لاڙڪاڻي پهتو. اسان ڪاليج جا شاگرد ان هلچل جو حصو هئاسين. ليڊر هئا امان الله شيخ، شهزادو شيخ، عبدالغفار پٽي ۽ ٻيا. پٽو صاحب لاڙڪاڻي پهتو تہ ماڻهن جو سمنڊ، سنڌس استقبال لاءِ اُٿلي پيو هو. محترمہ بينظير ۽ صنم پٽو، پهريون دفعو لاڙڪاڻي، پٽي صاحب جي بک هڙتال وقت ڏٺيون هيونسين.

پٽي صاحب جي دور ۾ سنڌ جو وزيراعلى ممتاز علي پٽو هيو. سنڌي ٻوليءَ جي بل تي، سنڌي-مهاجر فساد ٿيا. جيئن تالهين جا ٻُند وڃجي ڪجي ويا هئا، تيئن سنڌي ماڻهن جا لاش ڪراچيءَ مان ايمبولينسن ۾ سندن شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن آيا هئا. ممتاز صاحب ڏندو ڪنيو تہ ڪجهہ ناپُر تي پر ڪيس سنڌ بدر ڪري اسلام آباد ۾ ريلوي جو وفاقي وزير بڻايو ويو. پٽي صاحب جي آرڊيننس تحت، سنڌ ٻن ٻولين: اردو ۽ سنڌيءَ جو صوبو بڻجي ويو. پٽي صاحب پنتي هَٽي، مهاجرن جا مطالبا مڃيا هئا. ممتاز صاحب ان

دور کان ڏهيسرِ سنڌ مشهور ٿيو. غلام مصطفیٰ جتوئي ان جي جاءِ تي سنڌ جو وزيراعلیٰ مقرر ٿيو هو.

اسان ٥٥-٦ تي، صبح جو موهن جو دڙو ايڪسپريس ۾، جيڪا ڪراچيءَ تائين ويندي هئي، لاڙڪاڻي ڪاليج لاءِ ويندا هئاسين. روڊ جي سواري نہ هوندي هئي. ڪچو پر گندو رستو هوندو هو. صبح جو سج ايرڻ کان اڳ، روڊن جي صفائي ٿيندي هئي. ٻُهاري اچڻ کان پوءِ پخال سان ڇٽڪار ڪيو ويندو هو. اسان سڀ شاگرد شهزادن وانگر گهمندي انهن صاف رستن تان گذرندا هئاسين. آغا صاحب ۽ خدن ويراڳي معائنو ڪندي نظر ايندا هئا.

اچ ڪلهه جتي ڪراچيءَ لاءِ بسن جو اڏو ۽ ڪيبن آهي، ان جي پنيان مرحوم يار محمد خان پٽي جي آفيس هوندي هئي. هُو پٽي صاحب جو اٿارني هيو. اُتي پهچندا هئاسين تہ سامهون ريل جو ڦاٽڪ نظر ايندو هو. جيڪڏهن اُهو بند هوندو هو تہ پاچ ڪرٽي پوندي هئي. شهزادن مان ڦري، جنگي سپاهي بڻجي ويندا هئاسين. ڪڙيون بوٽن جون، زمين تي ڪُپنديون ئي ڪو نہ هيون. سنها قرار ۾ ڊڪندا هئاسين، باقي ٿلهن جو ڊُڪڻ ڏسڻ وٽان هوندو هيو، پر پوءِ بہ مجال جو ريل نڪري وڃي. بغير ٽڪيٽ جي فرسٽ ڪلاس يا سليپر ۾ ويهندا هئاسين. سياري جو پگهر نڪري پوندا هئا. ماهوٽن تائين ساهہ پيو هيٺ مٿي ٿيندو هيو. اسان جا ريل ليڊر هئا استاد حبيب مرحوم، الله ڏتو سومرو، دين محمد پٽو، عبدالسميع پٽو، واحد بخش پهوڙ ۽ لاهوري غلام مصطفیٰ سومرو. ڪاليج جو ليڊر هوندو هو عبدالغفار پٽي.

هاٽوڪي ميونسپالٽيءَ کان وٺي ڦاٽڪي تائين، ويراني هوندي هئي. بسن جو اڏو بہ پوءِ ٿيو. ناڪي وٽ دلمراد جو هوٽل هوندو هو. هُن جا دوست هئا عبدالرشيد پٽي، محمد سومر بلوچ ۽ ٻيا.

ڪجهہ ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ليڪچرار ميرٽ تي ٿيا. گل محمد دايو، عبدالغفار پٽي، ارشاد علي ڪٽپر، عبدالسميع پٽو، واحد بخش پهوڙ، غلام عمر ۽ مان پهريائين سنڌي ماستر ٿياسين پوءِ سينيارٽيءَ تي سيڪنڊري اسڪول ۾ آياسين.

پُٽي صاحب جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ عبدالغفار پٽي پي.آءِ.اي ۾، ارشاد علي ڪٽپر اسٽيل مل ۾، گل محمد فوڊ ۾، استاد حبيب ۽ ٻيا بينڪ ۾، ڪي ليڪچرار تہ ڪي فيملي پلاننگ ۾ آفيسر ٿيا. غلام شبير ميراڻي پهريان فوڊ ۽ پوءِ ڪسٽم ۾، مطلب تہ سڀ نوجوان روزگار سان لڳي ويا.

جڏهن تہ اسان واري ٿهي ٻين اسڪولن ۾ نوڪري ڪري اعتماد بحال ڪرڻ کان پوءِ، نئون ديرو هاءِ اسڪول ۾ گڏ ٿيڻ لڳي. اڳ ۾ سائين محمد علي سومرو، روشن علي بلوچ، احمد بخش ڪٽپر، غلام اڪبر سومرو، نارائڻ داس، محمد پنهل قادري، نند لعل،

منگهن لعل، محمد سومر بلوچ، محمد رمضان ڦوڙ، گلشن علي سومرو ۽ علي گوهر دايو وغيره موجود هئا. سائين اختر علي اويسي هيڊ ماستر هيو. الله ڏنو ناريجو صاحب بعد ۾ بدلي ڪرائي آيو هو.

نئون ديرو هاءِ اسڪول وڏي وقار وارو ادارو هيو. سينئر استاد، ڀلي پڙهائي ۽ اخلاقيات تي توجهه هوندو هو. ڪا خرابي جي هوندي هئي به، ته اُها لڪل هوندي هئي. هِن اسڪول جي خوبي منهنجي نظر ۾ اها رهي آهي ته ٽيوشن جو مرضُ هتي تمام دير سان پهتو.

استاد ذهين ۽ هوشيار، پاڻ ڪي والدين ۽ شهرين ڏانهن جوابدار سمجهندا هئا. سومرو گلشن علي مرحوم، ڇهين ڪلاس جو پي. ايچ. ڊي سڏبو هو. هو پنهنجي اوطاق تي ٽيوشن ڏيندو هو. اسڪالرشپ جي تياري محمد رمضان ڦوڙ ڪرائيندو هو. باقي ڪلاسن جي پڙهائي هوندي هئي. اڄوڪي ماحول مطابق موڪل ڪان پوءِ سڀ ڪلاس پريل نه هوندا هئا.

سائين غلام اڪبر مرحوم آرٽس ٽيچر هيو. انگريزي سٺي هوندي هيس. وڏي خوبي اها هوندي هيس، جو نائين ڪلاس کي ”بائلاجي“ پڙهائيندو هو. سائينءَ جي بدلي ٿيڻ ڪان پوءِ، شاگرد بائلاجيءَ ۾ گهٽ مارڪون ڪٽڻ لڳا هئا. هو بهتر نموني سمجهي نه سگهندا هئا. ڪاپي ڪلچر به عام لڳندا آهن. ڪو ماهر استاد ان کي بهتر نموني نباهي سگهي ٿو.

سومرو صاحب آل رائونڊر اُستاد هيو. ان دور ۾ مون کي ڪتاب ۽ ڊائري ساڻُ هوندا هئا. ڪيس مون ڪڏهن پڙهندي نه ڏٺو هو، پر جڏهن ڪنهن به ٽاپڪ تي ڳالهائيندو هو ته اُهو نهايت دليلن سان هوندو هو. مڙني کي لاجواب ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي پيرائتي ڳالهه ڪندو هو، جو ٻڌندڙ سندس ڳالهين ۾ گم ٿي ويندو هو، ڪير به بور نه ٿيندو هو. ڪتابن مان ايتري معلومات حاصل ڪري نه سگهندو هئس، جيتري سندس ڪچهريءَ مان ملي ويندي هئي. عمرين ۾ فرق هندي به ذهني طور هڪٻئي جي ويجهو هوندا هئاسين.

يوڳ چرچا يا ٺهڪ اسان وانگر ڪو نه ڏيندو هو. محفل مان مزو ضرور وٺندو هو. ڏاڍيان ڳالهائي بحث نه ڪندو هو. مُرڪندي ڳالهه وڏي اعتماد سان چئي ڏيندو هو. سليڪي سان ڳالهائيندڙ ۽ وقار وارو لهجو هوندو هيس. هميشه ”ابا“ چئي، ڳالهه جي شروعات ڪندو هو.

محمد سومر بلوچ صاحب ٻڌايو: ”غلام اڪبر جي ننڍي ڀاءُ غلام اصغر کي لاڙڪاڻي ۾ قتل ڪيو ويو هو. سندس والد ٻي شادي به ڪئي هئي“. ممڪن آهي سندس شخصيت تي انهن ڳالهين جو اثر رهيو هجي، جنهن ڪري هو اڪثر سنجيده رهندو هو.

١٩٨٢-٨٣ع ۾ ايم.آر.ڊيءَ جي تحريڪ هلي هئي. سڄي سنڌ ۾ هڙتالون، هنگاما ۽ گرفتاريون ٿيون. سنڌ ۾ هِن تحريڪ ايڏو زور ورتو جو دادو ضلعي ۾ جنگي جهازن سان ايڪشن ڪيو ويو. نئون ديرو ۾ به هڙتال ٿي. ٻيو ڪجهه به نه، رڳو ٽيليفون ايڪسچينج کي نقصان رسيو، روڊن تي ٽائر سڙيا.

شريف ماڻهو، دڪاندار، نوڪرين وارا، شاگرد ۽ ٻيا شهري پنهنجي صاحب جو قرض لاهڻ لاءِ روڊن تي نڪري آيا هئا. مرحوم عبدالمجيد ۽ ٻيا دڪاندار فوج اچڻ کان پوءِ، اسٽيشن ۽ رائيس ڪئنال جي وچ ۾ جوڳين جي گهرن ڏانهن هليا ويا. ڪي ريل جي پٽڙيءَ جي هيٺان گهمندا، پير جان محمد ڏانهن ته، ڪجهه سنڌوءَ جي ڦاٽڪ ڏانهن ڀڄي وڃي نڪتا.

شهر ۾ ڪئين لطيفا گردش ڪرڻ لڳا. مثلاً: ڪو گهر وڃي پهتو، سهڪندو زال کي، ادي چئي ڪانئس پاڻي گهريائين.

مرحوم عبدالمجيد جو بهترين منيار جو دوڪان هيو. جيڪو هاڻي خادم حسين هلائي ٿو. نوڪرين وارا سڀ سندس گراهڪ هوندا هئا. وڏو مهذب انسان هيو. ياءُ الله يار سان گڏجي دوڪان هلائيندو هو. پنهنجي پيرن ڏانهن اشارو ڪري سنگت کي ٻڌائيندو هو: ”ادا! هنن همت ڪئي، ڏاڍو ڪم آيا، نه ته فوج ڪنيي ڪٽي وجي ها.“

فوج بي رحميءَ سان ڏاڍو سخت ايڪشن ڪنيو هو. ڪافي ماڻهو گرفتار ٿيا. ڪن کي ڊاڪٽر سليم الله صاحب، ميجر کي فون ڪري ڇڏايو هو. هو رٽائرڊ ڪيپٽن آهي، پوءِ به ١٥-٢٠ جوانن تي فوج ڪيس هلايو هو ۽ سزائون ڏنيون هيون.

اُن ڏينهن مان ۽ الله ڏنو ناريجو صاحب گرفتار ٿيڻ جي خوف کان مرحوم مشتاق علي خان پٺاڻ جي بنگلي تي وڃي لِڪا هئاسين. مشتاق خان کي مان پهريون دفعو ڏٺو هو. هُو مهذب، پٺاڻ صاحب وانگر، خوبصورت ۽ قدآور شخص هيو. ناريجي صاحب جو واقف هيو. سنو ڊرائنگ روم، عمده صوفا، قالين جي مٿان، نفيس شيشي جي ٽيبل، جنهن جون سنهيون پتل جون ٽنگون هيون. شايد جرمني يا فرانس جي ٺهيل هئي. شيلف ۾ ڪتاب ۽ امپورٽيڊ جام رکيل هئا. خاطر تواضع ۽ ڪچهريءَ کان پوءِ، مان مشتاق علي خان کان اجازت وٺي، ڪتابن کي ڏٺو هو. چائنيز، رشين، اردو ۽ سنڌي ادب تي ڪتاب ڏسي دل ٿي دل ۾ سندس ذوق جو داد ڏنو هو. ائين ڪتابن ۽ هُن جي حُسنِ سلوڪ کي ڏسي اچڻ وڃڻ برقرار رهيو. ايم ار ڊي تحريڪ ۾ جيڪي گرفتار ٿيا، انهن ۾ مشتاق علي خان پٺاڻ سڀ کان وڌيڪ لانڍي جيل ڪراچيءَ ۾ اسپتال ۽ گهر ۾ نظر بند رهيو هو.

غلام حسين ڪٽپر، مرحوم ذوالفقار علي سولنگي ۽ مشتاق علي راهوجو محفلن ۾ شريڪ ٿيندا رهندا هئاسين. غلام حسين ڪٽپر، منور علي ڪرٽئي سان به گڏجي ويندو

هو. قاضي عبدالرزاق عرف گدن قاضي، سائين غلام اڪبر، غلام حيدر ناريجو ۽ محمد پنهل قادري سندن ڪچهرين جا مستقل رُڪن هئا. قادري صاحب ٽيوشن وغيره به پڙهائيندو رهيو، نينگرن کي بنگلي تي.

اسين سڀ گڏبا هئاسون ته ادبي ۽ سياسي ڪچهريون رنگ لائينديون هيون. اسان کان سواءِ مختلف وقتن تي ٻيا به ايندا ويندا رهندا هئا، پر محترم جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ سڀ ڇدا ڇادا ٿي ويا.

غلام حسين ڪٽپر ۽ مان هڪ دفعو مهيني ۾، مشتاق خان سان ملڻ لاءِ ضرور ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن چڱي خاصي دير ٿي ويندي هئي ته هو دبيل لفظن ۾ اسان کي ڏوراپو ڏيندو هو. ”منگي! مصروفيتون وڌي ويون آهن ڇا؟“ ڪو نه ڪو عُذر ڏئي وٺندا هئاسين. محبت جون متيءَ سمان واٽون هونديون آهن.

سائين غلام اڪبر جا، مشتاق خان جا پُٽ ڳولائو هوندا هئا. دودا خان بلڪل ننڍڙو هوندو هو. اسان جي ويجهو ڪو نه ايندو هو. باقي سائين غلام اڪبر کي ويٺو ڳوليندو هو. جڏهن به ڪچهريءَ لاءِ ويندا هئاسين ته، فاروق علي خان، محمد علي خان ۽ ٻيا نوجوان هٿ ملائي، اُٺي وڃي، بنگلي جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ويهندا هئا. صرف مشتاق علي خان سان ڪچهري ٿيندي هئي. اسان جون سياسي سوچون جدا جدا هونديون هيون، پر سماجي طور هڪ ٻئي سان لاڳاپا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مولوي عبدالواحد ڪلهوڙو، ڳڙهيءَ وارو، به اچي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندو هو.

پهريائين قاضي عبدالرزاق، پوءِ حسين بخش ناريجو، مُنهن مَٽي ويا. تفصيل غلام حيدر ناريجو ئي ٻڌائي سگهي ٿو. محمد پنهل قادري ۽ سائين غلام اڪبر سندن قرب ڪڙيل هئا ۽ اسان کان وڌيڪ ساڻن ويجها هئا. عُرس يا خيرات ڪندا هئا ته مان ويهي ويهي ٿڪجي پوندو هوس. جڏهن خلق خدا ڪائي ويندي هئي تڏهن مشتاق علي خان پنهنجي ڳڙهيءَ وارن وڏيرن ۽ نئون ديرو جي معززين سان گڏ سائين غلام اڪبر ۽ اسان کي ماني ڪارائيندو هو. ماني ساڳي هوندي هئي پر ٿانو ٻيا ۽ قيمتي هوندا هئا. ڪشادو دسترخوان هوندو هو. منهنجا مائٽ ۽ شاگرد خدمت ڪندا هئا، جن کان پاڻي به هورڙيان گهرندو هئس. ابهرائپ نه ڪندو هئس.

ڪٽپر صاحب ۽ منهنجو، سندس حج تي وڃڻ تائين، ساٿس ساٿ رهيو. هڪ ڏينهن اڳ ۾ موڪلائي آيو هيومانس، ڇو ته مقرر ڏينهن تي، ضروري ڪم سبب شهر ۾ ڪو نه هيس. مڪي شريف ۾ وفات ڪيائين. هڪ دفعو ذڪر ڪيو هئائين: ”اتي مري وڃبو، واپس نه ايندس.“ هو ننڍي ڀاءُ جي اوچتو وفات ڪري، ڏڪويل، پريشان ۽ بيمار رهڻ لڳو هو. دل جو اڳ ۾ ئي مريض هو. ڀاءُ جي وفات ڪيس جهوري وڌو هو. مولوي عبدالواحد، ڳوٺائي ۽ ننڍپڻ جو دوست هيس. ڪيس گڏ ورتيون ويو هيو. مولوي صاحب کان وڇڙي،

اڪيلو خانہ ڪعبہ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو هو ۽ اتي ئي خالق حقيقيءَ سان وڃي مليو هو. سعودي انتظاميہ، سنڌس باڊي اتان ڪٽي ڪنهن اسپتال ۾ رکي ڇڏي. مولوي صاحب پريشانيءَ جي عالم ۾ هيڏي فون ڪئي. محترمہ جي حڪومت هئي، ان جي ڪوشش سان سنڌس باڊي ڳولهي، اُتي ئي دفنائي وئي. ڪافي ڏينهن بنگلي تي تڏو هيو. اسان روز ويندا هئاسين. سائين غلام اڪبر اتي هميشہ موجود هوندو هو. گهر بہ ويندو هيو الائي نہ.

مشتاق علي خان سڄو بنگلو پاڻ ڊزائين ڪيو هو. ڪشادو ۽ بهترين لان، ڪراچيءَ مان بوٽا ۽ پيوندي گلاب آڻيندو هو. پنهنجو سلاد وغيره بنگلي اندر پوکيندو هو. روشن راتين ۾، گرمين جي مند ۾، رات جو دير دير تائين جڏهن ڪچهري ڪندا هئاسين تہ مون کي پنهنجو خدا ياد اچي ويندو هو. نرم، سائي، مشين لڳل ڇٻري، سائو غاليچو لڳندي هئي. هر طرف ڪان پڪا. دولت جا بہ پنهنجا رنگ آهن. وري غربت ۾ پنهنجا مسئلا، پنهنجي بي فڪري آهي.

مون ۾ هڪ بُرائي آهي، جنهن جو ڪائيندو آهيان ان کي ڪارائيندو بہ آهيان. قاضي عبدالرزاق جهليو هو تہ صاحب کي ڪائڻ پيئڻ جي ڪا بہ شيءِ نہ ڏجان. تنهنڪري احتياطًا ڪيس ڪجهہ بہ ڏئي نہ سگهيو هيس. ڪڏهن ڪڏهن، ڪِن مشورن تي عمل ڪرڻ ۾ عافيت هوندي آهي. مشتاق علي خان حج تي ويندي ويندي، پڙهڻ لاءِ ڏنل ڪتاب ”پنيور“ آخري ڏينهن تي دوڪان تي موٽائي ڏياري موڪليو هو.

مشتاق صاحب جي وفات کان پوءِ، ڪٽپر صاحب ۽ منهجي اچ وڃ گهٽجي وئي. باقي سائين غلام اڪبر ۽ غلام حيدر ساڻن سات نباهيندا رهيا.

واقعي، پٽا پارس آهن. محترمہ اقتدار ۾ آئي تہ نئون ديرو جون رونقون موٽي آيون. مرحوم جميل احمد قريشي ۽ قاضي عبدالرزاق جي چا ڳالهہ ڪجي. پراڻن پَسارن کي پوئتي ڇڏي ويا.

١٩٩٥ع ۾ محترمہ وزير اعظم جي حيثيت سان، جميل جي ڪري، والي بال ٽورناميٽ ۾ شريڪ ٿي هئي. اسان اسڪولن جي استادن جون پاسون نڪتيون هيون. زندگيءَ وفا ڪئي ۽ صحت سالم رهي تہ وڌيڪ تفصيل سان لکبو. اها ٽورناميٽ زيڊ. اي پٽو ڪلب نئون ديرو وارن ڪرائي هئي، جنهن جو محمد بخش ناريجو ڪئپٽن هيو.

هي Royal families هي دانشور، اديب ۽ شاعر سڀ سياڻا، صرف حڪيم سعد الله شيخ صاحب جي خاندان کان سواءِ، سيني جا ڳنگا مان ڏُک ۽ ٻُک پريل آهن. اها هڪڙي فئملي مئرٽ ۽ محنت تي جيئندي آئي آهي. ڊاڪٽر برادران جي جيئڻ جي سوچ بہ مثبت (Positive) رهي آهي. جيتري مالي حيثيت اٿن، اوتري عزت اٿن.

سگا ۽ گستا چڏڻ کان پوءِ صرف گهر، ڪتاب، موسيقي ۽ ملان بشير احمد بچيا. سڄي زندگيءَ جو ويهي تجزيو ڪيو اٿم، مائٽن، واقف ڪارن ۽ بيمارين سان جنگ ڪئي اٿم. بيزار ٿيو ۽ ٿڪو آهيان تہ نشئي ٿيڻ جي بجاءِ، موڪل وٺي سکر وڃي ڏگري بہ وٺي آيس ۽ پاڻ بہ پرپائي آيس. سکر، مون لاءِ گهر کان پوءِ آخري پناهہ گاهہ رهيو آهي. سکر بئراج، لبِ مهراڻ، ساڌ ٻيلو، ايوب پل، لينڊس ڊائون پل، بکر جو قلعو، روهڙيءَ ۾ درياهہ جو وهڪرو، اجنبي ماڻهن ۽ حسن کي ڏسي، تازو توانو ٿي، نين سوچن ۽ امنگن سان گهر موٽي آيو هيس. مان بدلجي نہ سگهيو آهيان، پر معاشرو تيزيءَ سان بدليو آهي. سنڌ جا بهترين قدر موڪلائي ويا آهن. ڪا چڱي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ ڪن سِڪي رهيا آهن.

منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ شهر جي ڊاڪٽرن مان، ڊاڪٽر سليم الله صاحب سوشل ورڪر آهي. هو صحيح دوا تجويز ڪرڻ سان گڏ گهٽ رقم چارج ڪري ٿو. سئي ۽ ٽيلهي هن جي ڊاڪٽريءَ ۾ جڻ آهن ئي ڪو نہ. پنائي ڇڏيو آهي، ڊاڪٽرن ماڻهن کي، ٽيلهيون چاڙهي ۽ مهانگيون دوائون تجويز ڪري. منهنجا مائٽ دوا لاءِ هتي ايندا آهن. جيڪي پئسا گهران آڻيندا آهن، اُهي کٽي پوندا اٿن. منهنجي ياءُ مشتاق منگيءَ کان اڌارا وٺي پورت ڪندا آهن. ڊاڪٽر محمد يوسف ۽ ڊاڪٽر خليل احمد ڪٽپر لاڙڪاڻي اسپتال ۾ نئون ديرائين جي مدد ڪندا آهن. اُهي ڳالهيون بہ چڱيون آهن.

شل! ڊاڪٽر خليل الله صاحب، جيڪو سنو آفيسر، دوست، ڪچهري ڪندڙ ۽ سنو مطالعو ڪندڙ آهي، اهو بہ وڏي ياءُ جي نقشِ قدم تي هلي مسڪينن ۽ غريبن جي خدمت ڪري تہ وڏيڪ محبت ۽ عزت جي لائق ٻڻجي پوي. خلق خدا جي خدمت کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي عبادت افضل آهي؟

ڊاڪٽر خليل الله پنهنجي والد صاحب جي حوالي سان ٻڌائيندو آهي تہ: ”حڪيم صاحب چوندو آهي تہ مرندڙ مريض کي دوا ڏئي اسان حڪيم، ان جي مالڪن کي تاڪيد ڪندا آهيون تہ، هن کي وڃي گهر رهايو، هن جون خواهشون پوريون ڪريو. هرويرو هيڏي هوڏي روليوس نہ، هن سان ڳالهيون ڪريو. هن لاءِ دعائون گهرو ۽ خواهشون وغيره پوريون ڪريوس.“ پر اڄوڪا ڊاڪٽر، خاص ڪري ميڊيڪل سينٽر، ٽيلهيون، سيون، دوائون ۽ ڪمرن ۾ رهائي، مريض جي مالڪن جا ٽپڙ وڪڻائي، پئسا وٺي پوءِ ڪين لاش ڏيندا آهن. ڪيڏو سچ چوندو آهي، شهر جو جهونو بزرگ شهري.

اهي ڳالهيون آهن تعليم ۽ صحت جون. مان چوندو آهيان، ٻئي ڪاتا، ويلفيئر ڊپارٽمينٽ يا خدمت ڪندڙ ادارا آهن ۽ ٻئي تباهہ آهن. ٿاڻي، ڪورٽ ۾ ٽيڪس وغيره ڪاتن ۾ ١٠ سيڪڙو ماڻهو بہ ڪو نہ تا وڃن پر صحت ۽ تعليم سان سڄي قوم جو واسطو آهي.

پرائيويٽ اسڪولن ۽ صحت جي سينٽرن لاءِ رقم گهرجي. اُها غريب قوم ڪٿان آڻي؟ حلال جي ڪمائيءَ وارا ته پهچي ڪو نه سگهندا.
شيخ صاحب جي حوالي ڏيڻ ڪري بيا شهري جيڪي عزتدار ۽ ايماندار آهن، اهي ناراض نه ٿين. مان مڃان ٿو ته ڪافي خاندان محنت ڪري جيئندڙ آهن، پر جن تي دفعا آئوٽ آف ٽرن، نوڪريون ۽ فائدا ورتا آهن، اُهي هن شهر جي سنڀال چو نٿا لهن. هتي هنن جي وڏن جون قبرون آهن. لکن ۽ ڪروڙن ۾ تا تورجن. هنن، هن شهر کي چو وساريو آهي. پنهنجي غربت جا ڏينهن ۽ گهٽين ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ڏينهن وسري ويا اٿن. قاضي، کهڙا، پيٽا، سڀ سڪٽين هٽين هليا ويا. غريبن جو حق چو نٿا ادا ڪن. انسانيت جي خدمت ڪندا ته هنن جي وقار ۾ اضافو ٿيندو. اڪيلو جيئڻ ته ماڻهپي کان پري ڪري ٿو ڇڏي.
١٩٦٩-٧٠ع ۾ ڪجهه دوستن، فلسطينين جي جدوجهد کان متاثر ٿي، ياسر عرفات جي الفتح تنظيم جي تتبع تي الفتح اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ناهي هئي. مرحوم امداد علي سومرو، غلام حسين ڪٽپر، عبدالغفار پٽي ۽ بيا گڏ هئا. لئبرري هلائيسون. امداد علي سومرو منهنجي قومپرستيءَ جو ساٿي هو. ٽنڊي ڄام جو گريجوئيٽ ۽ ڊورن جو ڊاڪٽر هيو. اسڪالرشپ تي آسٽريليا مان ٿي آيو هو. آمريڪا ۽ يورپ جي اسڪالرشپس کان ان ڪري محروم رهيو جو وٽس حق، ميرٽ ۽ سينيارٽيءَ کان سواءِ ڪا سياسي سفارش نه هئي. هنن جي فيصلي سان ٽريجڊي ٿي. باءِ پاس تي گاڏي بيهاري مون سان ملندو هو. ٽڪڙي جيڪو ڪجهه هوندو هو ته اهو کائيندو هو، نه ته ٽڌو پاڻي پي، ڪلندو موڪلائي هليو ويندو هو. غلام حسين ڪٽپر ۽ بين سان پڻ ملي، حال حوال وٺندو هو. عجيب طبيعت وارو جوان هو. ڊِي جِي سنڌ ٿيو هو ۽ ان پوسٽ تي رهندي، دل جي تڪليف ٿيس، وفات ڪري ويو هو. لاڙڪاڻي ۾ دفن ٿيل آهي. اتي تڏي تي جڏهن گلشن سان مليو هيس ته مان لڙڪن کي روڪڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو هيس.
هن شهر ۾ نوجوانن لاءِ ڇا آهي سواءِ پنگ، چرس، آفيم، هيروئن، ٽي وي، وي سي آر ۽ ڊش جي؟ ڪهڙو پليٽ فارم آهي، هو ڪيڏانهن وڃن؟ ڪير هنن کي صحيح ڏگ ڏسڻ وارو آهي؟ مون کي به هاڻي نوجوان پٽڙا آهن، سڄو ڏينهن ڏيئن وانگر گهر ۾ ويهاريو وينو آهيان. هن شهر جا باقي نوجوان به مون کي پٽن وانگر پيارا آهن. پنج ماڻهو اڳتي اچن، مون وانگر سوچين، بغير سياست ۽ ووٽن جي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. نوجوانن کي اخلاق، ذميوارين، علم، ڳالهائڻ ۽ تقريرن ڪرڻ سان گڏ جيئڻ جو ڍنگ سيکارڻو آهي، نه ته فحاشيءَ جي باهه سيني درن تي آهي. جواني ديواني آهي. اها ڇڙواڳ ٿي ته جيڪو ڪجهه بچيو آهي، اهو به وڃائي ويهنداسين. نوجوانن جي ڳالا ڪرڻ سولي آهي پر اسان واري نسل هنن لاءِ ڪيو ڇا آهي؟ ورثي ۾ ڇا ڇڏيو آهي؟ مون

ڪي يقين آهي، هيءُ نوجوان، سنو Response ڏيندا. بغير پئسن ۽ خرچ جي بہ، سڀ ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو. منن ٻولن ۽ محبت ۾ جادو آهي. مون ڪي تجربو آهي. اعتماد پڻ آهي، تڏهن تہ اهي ڳالهيون ڪيان ٿو. مون ڪي حيرت آ، عبدالغفار پيٽي بہ هن شهر مان هٿ پٽي ويو آهي. ٻين ڪي ڇڏيو، هن ڪي نہ صرف ميار ڏئي سگهجي ٿي پر سرور ناريجي جي سامهون جهيڙو بہ ڪري سگهجي ٿو. شل! ڪو واءُ وري .... نامديو ديوان جو بہ، هن شهر ۾ سنو ڪردار رهيو آهي. جتي مسلمان ڪنڌائتا ٿي ويا آهن، اتي هو ديوان بہ ڇا ڪري؟

هاءِ اسڪول نئون ديري ۾، مان جي ايس ٽي هيس. هڪ دفعي متي ماڙ تي ڪلاس وٺي، هيٺ لهي آياسين تہ خبر پئي تہ، سائين اختر علي اويسي ۽ غلام اڪبر صاحب پاڻ ۾ اٽڪي پيا آهن. محمد پنهل قادري، جنهن جي سامهون، سڀ ڪجهہ ٿيو هو، ان ۽ ٻين استادن احوال ڏنو. مشتاق علي خان پيٽي جي پڙهندڙ پٽن جي ڪري، اهو سڀ ڪجهہ ٿيو هو. سائين اختر عليءَ هنن ڪي ڪا هدايت ڪئي، جنهن تي سائين غلام اڪبر ناراض ٿي پيو هو ۽ اويسي صاحب سان منهن ماري ڪئي هئائين.

آخر ڳالهہ وڃي اتي پهتي تہ هيڊ ماستر اويسي صاحب مڃيو تہ غلام اڪبر صاحب پنهنجي غلطي تسليم ڪري آفيس اچي تہ مان هر ڳالهہ ڇڏي. سائين اويسي صاحب اسان مان ڪنهن تي ڪيڏو بہ ناراض هوندو هو تہ صرف ايترو چوندو هو تہ، ”ادا! اها اوهان جي بيواجبي آهي.“ هن جو مهذب-پڻو، اخلاق ۽ ايمانداري، مان ڪنهن ٻئي آفيسر ۾ نہ ڏٺي.

سائين محمد علي سومرو، روشن علي بلوچ صاحب، محمد سومر بلوچ ۽ محمد پنهل قادريءَ تہ سائين غلام اڪبر ڪي ڏاڍو سمجهايو پر سومرو صاحب تہ، نَهَ ڪي نوَ ڪوٽ ڏئي ويهي رهيو.

وڏي آواز ۾ چوندو رهيو تہ هيڊ ماستر ڪي جيڪي ڪرڻو آهي اهو ڪري، مان آفيس ۾ هلي ناهہ نہ ڪندس. بہ عزت مآب انسان، آمهون سامهون ٿي ويهي رهيا. مون ڪي ياد آهي، اويسي صاحب بہ ڦاسي پيو هو. هو بلڪل نہ پيو چاهي تہ ڳالهہ آفيسرن تائين پهچي. اصل ۾ بنيادي طرح ڪا وڏي خراب ڳالهہ، جهيڙي جو سبب ڪو نہ هئي. اهڙا مسئلا تہ شاگردن، استادن ۽ هيڊ ماسترن جا ٿيندا رهندا آهن.

انتظام، ضابطن ۽ اخلاق وارا ڏينهن هئا. متي آفيسر بہ چڱي انتظام خاطر هيڊ ماسترن جي پاسي هوندا هئا. هيڊ ماسترن جي عزت ۽ ادارن جي وقار خاطر هنن جي مدد ڪندا هئا. ههڙو، جهان خان وارو دور ڪو نہ هيو.

سائين غلام اڪبر Relieve ٿي ويو. نہ الوداعي پارٽي ۽ ٻيو ڪجھ صفا Un-ceremonial سڀ ڏڪوئجي ويا ھئاسين. سائين جنھن اسڪول ۾ بدلي ٿي ويو، اتي بہ بھتر ڊيوٽي ڏئي نہ سگھيو ۽ سسپينڊ بہ ٿيو ھو.

سائين غلام اڪبر سان سالن جو ساٿ رھيو. سنجيده ترين انسان ھيو. ھھڙو روپ مان ھُن جو ڪڏھن نہ ڏٺو ھو. ھُن جا ڪجھ ڪليگس، سائينءَ جي نوجوانيءَ ۽ غصي بابت ٻڌائيندا ھئا، پوءِ بہ ھن جي بغاوت ۾ ايڏي سگھہ مون کي حيرت ۾ وجھي ڇڏيو ھو.

پُڇي پاڙي واريون، ڪوھ ڪريندو ڏمُ،
ھي سِسي، ساھ ۽ چَمُ، گھوريو ميھر يار تان. (شاھ)

ڪجھ وقت ڪان پوءِ ملندا ھياسين تہ اُھا ئي سنجيدگي، مُرڪ ۽ پنھنجائپ. نہ شڪايت ڪندو ھو ۽ نہ وري ڪنھن جي گِلا. ڄڻ تہ ڪجھ ٿيو ئي نہ ھو. چيڙڻ تي مختصر جواب ڏيندو ھو.

ھڪ دفعي سيارو ھجي، رستي تي ملي ويو، پڇيومانس: ”ڪٿي آھيو؟“

”ابا! ڪراچيءَ ويو ھيس.“

”سائين! ڪجھ ڪوٽ وٺي آيا آھيو؟“

”يار! ڏاڍا سستا ڪوٽ ھئا. سو سنگت لاءِ وٺي آيس. سڀ ورھائي ڇڏيا آھن.“ ھن جواب ۾ چيو.

”توکي ڪنھن ٻڌايو؟“ ھن پڇيو ھو.

”دوست دلبر.“ مون کيس جواب ڏنو ھو. دوست محمد لوھر/عباسي، ھاءِ اسڪول جو ليبارٽري اٽينڊنٽ ھو. مرڪندڙ چھرو، ھر ڪم ۾ صرف ”ھا!“ سچو ڏينھن ڪلندي، ڳالھائيندي پيو. استادن جا اسڪول ۾ ڪم ڪندو رھندو ھو. سائين ليباريٽري ۾ پنھنجو ڪم ڪري، ٻين جي حصي جو بہ ڪم ڪندو رھندو ھو. ڪتان ڳوليان اھڙا ماڻھو، اُڏامي ھليا ويا. عجيب قادر جي ڪائنات آھي. ھن کي اولاد بہ ڪو نہ ھئي.

ان وقت سائين غلام اڪبر سسپينڊ ھو ۽ پگھارون بہ بند ھيس. ھن جي ايٽري پي آر ھوندي ھئي جو ھميشہ ڪراچيءَ سنگت سان ڪارن تي ويندو ھو. اتي بنگلن تي ڪائڻ پيئڻ، ڪچھري، ھفتن جا ھفتا، انھن سان رھي پوندو ھو. سندس واسطي وارا شايد عرضي پٽو ڳوٺ، تعلقي ميروخان جا ھوندا ھئا. ھن کي گھر ۽ اولاد جو فڪر ۽ ڳڻتي ڪو نہ ھوندي ھئي. فڪر ھوندو ھيس تہ غريب موالين جو. ھن جي لڏي ۾ صوفي ۽ قاضي صدرالدين جھڙا ڪافي خوشحال، پڙھيل نوجوان بہ ھوندا ھئا. سيني کي پنھنجو وقت ڏيندو ھو. ڳھاڙ جون ھوائون، ٽڏڪار، چنڪار، صفايون، گلڪاريون، وجي ڪو ڏسي تہ مولائن جا آستان، مٽيءَ مان مھڪ پئي ايندي. گھور پيا ٿيندا، نون آيل مھمانن تان. ڪا جاءِ نہ ليندن جتي انھن کي ويھارن. تڏو ڪٽي ايندا، رليون وڇائيندا. جھڙو حال

حبيبان، تهڙو پيش پريان. مزو ايندو هو، سائينءَ وارن سان ويهندي. اصل دل ئي نہ چوندي هئي گهر وڃڻ تي. بنگلن ۾ ڊرائنگ رومن ۾ منهنجو ساهہ منجهندو آهي. غريبن جي رت جي بوءِ ايندي آهي. پڇي نڪري ايندو آهيان. ٻاهر نڪري وڏا ساهہ کڻندو آهيان. مان ماستر هجڻ جي ناتي، ٽي ٽيچرس ٽريننگ ورتيون آهن. Best Teacher تي انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪافي مضمون، مقالا ۽ استادن جا ليڪچر ٻڌا آهن. ان سان گڏ ڪافي رفريشر ڪورس بہ ڪيا آهن. پر مون کي اڄ بہ اهو احساس آهي تہ مان سائين غلام اڪبر سومري ۽ ان ٽهيءَ جي استادن جهڙو تي نہ سکيو آهيان. هو سچا پچا Nation Builder هئا. هو منهنجي استادن جي عمر جو هو. تعليم بابت سوين وصفون، يورپين ٿنڪرس جون آهن، جن مان هڪ آهي تہ: ”change in behavior Education means“ سنڌ ۾ تعليم پرائيندڙن جڏهن مختلف ڪاتن ۾ مثلاً: ٿاڻن، ڪورٽن، اسڪولن، ڪاليجن، اسپتالن ۽ ٻين ادارن ۾ جيڪا ڪارڪردگي ڏيکاري آهي، اُها اسان سيني جي آڏو آهي. هي پڙهيل ملازم، مسڪينن جي ٽئڪس تي نٽ نانگر تا ڪن. قيامت ڏينهن الائي ڪيئن پنهنجي مجيندڙ خدا کي جواب ڏيندا.

مون کي والدين نہ، پر سائين غلام اڪبر جهڙن استادن پڙهايو. گهر وارن کي خبر ئي نہ هوندي هئي تہ ٻار ڪيئن ٿا پڙهن. مون کي انهن جي عظمت، اخلاق، همدردي ۽ علمي قابليت ياد آهي. مون کي مليشيا ڊريسون هر سال ميرٽ تي، ڪلاس ٽيچر، هيڊ ماستر کان ونرائي ڏيندا هئا. سلائي بہ اسڪول پريندو هو. اهڙو انصاف وارو دور، اڪين سان ڏٺوسين. ڇا جي سفارش يا ياري باشي. هڪ دفعي بابي، انين درجي ۾ ماڪي ۽ مکڻ، هڪ استاد کي ڏنا. مون کي ياد آهي، اُن ڏينهن استاد ڏاڍو ڪُٽيو هو. هٿن ۾ ساوا ۽ ڪارا داغ تي پيا هئا. ٽيچر ٽيس. سالن کان پوءِ سمجهہ آئي تہ ان استاد ماڪي ۽ مکڻ حلال ڪرڻ خاطر ٻن جي بجاءِ پنج لڪڻ هنيا هئا. اڄ جي دور ۾ ڪو ايئن ڪري تہ بہ لڪڻ بہ معاف تي ويندس. اهڙا فرشتا، نيڪ ۽ غريبن جا هڏڏوکي استاد هئا. پنهنجي اولاد ۾ جيئٽو اتو تہ بغاوت ڪريو، سوشل ڍانچو تبديل ڪريو، هن شهر کي غنڊن، بدمعاشن ۽ جاهلن کان بچايو، ڪجهہ ڪو نہ ٽيندو. پنهنجي نسلن کي بچايو. پبلڪ جي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ غليظ، بيڪار، لالچي ۽ مفت ۾ پگهارون کڻندڙن کي تبديل ٿيڻ تي مجبور ڪيو. سرڪار ڪجهہ نہ آهي، پاڻ سرڪار ٿيو. توهان جي ٽئڪسن مان هو ٻچا ٿا پالين. هنن کان ڊڄو چو ٿا! هڪ پنو، پريس جو بيان، هڪ ميڙ، هڪ جلوس جي دٻ بہ جهلي نہ سگهندا. فائول طريقا ڇڏي، صرف مهذب طريقن مان بہ سڀ ڪجهہ ممڪن آهي.

مان خوشنصيب آهيان جو، غلام اڪبر مرحوم، استاد حبيب مرحوم، دوست محمد عباسي مرحوم، دل مراد مرحوم ۽ ٻين اهڙن کي سڃاڻان. دلمراد زماني جو ماڻهو هيو.

ڪيس ڳالهہ ٻڌائڻ جو وڏو فن هو. اسڪول ۾ ٻئنچ تي ويهي ڪچهري ڪندا هياسين. نئون ديري جي دانشورن ۽ اديبن کان وڌيڪ ڏاهو ۽ سماجي سڌ ٻڌ رکندڙ هيو. ماڻهو گريڊن ۽ دولت سان نہ، پر ماڻهپي سان سڃاتا ويندا آهن.

مان ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ، منهنجي سوشل لائيف جي پڙهيل لکيل دوستن کان اهي سپ کان وڌيڪ مون کي ان ڪري پيارا آهن جو هو انسان-آزار، نہ هئا. هنن وٽ، ڏيڻ لاءِ ڌن دولت نہ هو پر قرب ۽ عزت وڏي ڏيندا هئا. اها اهڙي مايا آهي جو ڪپائڻ سان ڪٽندي ئي نہ آهي. انساني همدردي ۽ خلوص جا ٻہ ٻول، وڏي مرهَم آهن. مان ڪافي اهڙن ماڻهن کي سڃاڻان. تڏهن تہ مالڪ جي ڪرم ۽ انهن جي دعائن سان پنهنجي خيالن، سوچن ۽ آدرشن سان جيئان ٿو.

مون کي منهنجا همدرد چوندا آهن: تنهنجو طريقہ ڪار غلط آهي. سادو جواب آهي: لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ پير ڳوٺ وارو روڊ ونبو نہ، پنجوديرو وارو روڊ وٺي لاڙڪاڻي ڪيئن پهچبو!؟ مون کي خبر آهي تہ سوشل ورڪ ڪرڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي. ماڻهو ان کي حڪمراني سمجهي، ڪندا آهن. اهو ئي فرق آهي هنن ۽ مون ۾. هو مرتبي جا بکيا، پيٽ جا پوڄاري، داداگير ۽ انسانيت جا دشمن آهن. هو ائين سوشل ڪم ڪندا آهن، جيئن هيروئن ڪپائيندڙ، خيراتي اسپتال هلائيندو آهي. هو اخبارن ۾ نالا ۽ فوٽو ڇپرائڻ لاءِ عهديدار ٻڻبا آهن. تنظيم کي تباهہ ڪندا آهن، پر عهدا نہ ڇڏيندا آهن.

جڏهن مان ابن خلدون ۽ سماجيات جي مختصر مضمونن کي پڙهيو تہ سمجهيو تہ سوشل ورڪ، ڪنڻ وارو ڪم نہ آهي. هڪ ماڻهوءَ يا ٿوري عرصي جو ڪم نہ آهي. هِن ڪم لاءِ ٽيم ورڪ، جذبو ۽ حياتيون گهرجن.

اهو ئي سبب آهي جو مدر ٽريسا، ايڌي ۽ نيلسن منڊيلا وغيره سنڌ پيدا ڪري نہ سگهي آهي. هتي اسان جلد ٿڪجي ۽ بيزار ٿي پئون ٿا.

يورپ جتي آهي، اُتي پهچڻ ۾ هنن جي دانشورن، حڪمرانن ۽ فردن جي سون سالن جي ذلتن، تڪليفن ۽ پيڙائن کي سهڻ ۽ سمجهڻ جو نتيجو آهي. هنن تعليم، ريسرچ، اخلاق ۽ انصاف جي بنياد تي پنهنجو معاشرو اڏيو آهي. اسان وٽ عملي ڪم تہ پري رهيو پر سوچون بہ پيدا ڪو نہ ٿيون آهن.

آخري دفعو جڏهن سائين غلام اڪبر سان مليو هيس تہ ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ سان گڏ رهاڻ بہ ڪئي هئي. موڪلائيندي دعوت ڏني هئائين تہ: ”تارن جي علم ۽ حقيقتن تي، ليڪچر ڏيڻو آهي. چانهہ ۽ بسڪيٽن جو انتظام آهي، سو اچجو.“ افسوس! مان وڃي نہ سگهيو هيس. ياد رهي تہ عمر خيام تارن جي علم جو وڏو ماهر هو. ١٨ سال ريسرچ ڪري موجوده ڪئلينڊر تيار ڪيو هئائين. هو وڏو شاعر بہ هو. هن جون رباعيون مشهور آهن. مان سنڌي ادب جو مختصر مطالعو ڪندڙ آهيان. پر اڄ لاچار آهيان.

پنهنجون انائون ۽ بت ٽوڙي، اردو ادب جو سهارو ٿو وٺان تہ جيئن قلندر مرد سان قلمي انصاف ڪري سگهان.

خود پياس کا صحرا هون، مگر دل کي ضد هي،
پهر دشت پر ساون کي طرح، ٽوٽ کي برسون. (نامعلوم)

سائينءَ جي فطرت ئي اهڙي هئي، يا زماني جي لاهين چاڙهين تراشي کيس انسان بڻايو هو. مان فيصلو ڪري نٿو سگهان. هو ڏکويل هيو. هن جا پئسا اڏامي ويا هئا. ٻچڙن هن کي سک نہ ڏنو هو، پوءِ بہ اطمينان ۽ منهن تي مرڪ. هٿ وٺي هجت سان ويهاريندو هو تہ ٺهڪر ڪري نہ سگهندو هيس. جلدي هوندي هئي تہ بہ اهڙي انداز سان جند ڇڏائيندو هوس جو اسان بہ راضي ٿي ويندا هئاسين.

هڪ دفعي سڙيو پڇيو پيو هيس. سائين گڏجي ويو. هٿ ملائيندي پڇيومانس: ”سائين ڪيڏا نہ عذابن ۾ آهيون! ڇا ڳالهہ آهي؟“

”ابا ڏاڏي آدم ۽ ڏاڏي حوا جيڪا بهشت ۾ خطا ڪئي هئي اسان ان جي اولاد هئڻ جي ناتي Punishment ۾ آهيون.“

سائين! ڏيو منهن! ڪٿي اچو پنهنجا فلسفا ۽ منطق. ڪيڏو وڏو سوال، مٿان وري ڪيڏو سادو ۽ ڀرپور جواب. هو اسان جي شهر جو صحيح معنیٰ ۾ فلسفي، پڙهيل لکيل ۽ انسان دوست هو.

ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ هزارين اهڙا ذميوار، بااخلاق، هوشيار، ذهين، محقق، تاريخدان، اديب، شاعر ۽ سوشل ورڪر استاد، سنڌي اسڪولن ۾ نوڪري ڪندا هئا. ١٩٧٥ع کان وٺي ڪاتو خالي ٿيڻ شروع ٿيو آهي. هاڻي، علم، عرفان، سليقو ۽ ڏاهپ ورهائيندڙ اداري ۾ ڪنگ ٿا رڙن. ڳولڻ سان بہ ڪو عالم، اسڪالر ۽ بااخلاق ڪو نہ ٿو لڀي. 50 اسڪولن جي هيڊ ماسترن مان، 45 فنڊ-ڪور آهن، جن جي چوڏاري بي ايمان، لالچي، ڪوڙن ۽ مڪار ماسترن جي لوڏ آهي، جيڪي فائيلن جو پيٽ ڀريندا رهن ٿا. باقي پنج ايماندار، لڪندي ۽ منٿون ڪندي نوڪري ڪن ٿا. ايمانداري هنن لاءِ عذاب بڻجي پئي آهي. سائين غلام اڪبر جهڙا ڀڳهار تي پيٽ ۽ ٻچا پالڻ وارا ڪو نہ ٿا ملن. وڏن اسڪولن ۾ ڪو پڙهائي ٿو تہ صرف ٽيوشن خاطر. ڀڳهارن تي پڙهائيندڙ ماستر مري ويا. استادن جا مشغلا، علم جي بجاءِ ڏاڍ مڙسي، داداگيري ۽ تنظيم سازي وڃي رهي آهي. مزي جي ڳالهہ تہ شاگرد بہ انهن کي چاهين ٿا. پڙهائيدڙ استاد ڪي هو بہ ڪو نہ ٿا ڀانئين. هو پڙهڻ، سکڻ ۽ اخلاقي پابندين کان جند ڇڏائي ويا آهن. والدين هنن کي ذاتي توجهہ ڏئي پڙهائين. باقي سرڪاري اسڪولن ۾ ڪجهہ ڪو نہ آهي. ڏهن هزارن کان 25 هزارن تائين ڀڳهار کڻندڙ، پاڻ کي معاشري جو نظر انداز ٿيندڙ طبقو ٿا سمجهن.

جيڪڏهن پنهنجن پٽن، پوٽن يا اولاد کي تعليم ڏيٽي اتوَ تہ حڪيم سعيد الله شيخ صاحب وانگر، پنهنجن ٻالڪن تي توجهه ڏيو. مون کي ذاتي طور تي خبر آهي، تڏهن تہ ڊاڪٽر خليل الله سان ريس ڪندو آهيان.
محبت مشڪ وانگر آهي، پنهنجي ٻچڙن سان اٿو تہ ساڻن محنت ڪريو ۽ تربيت لاءِ بهتر کان بهتر اُپاءُ وٺو.
سائين غلام اڪبر جون ڳالهيون، ڪچهريون، يادگيريون، منهنجي لاءِ سرنهن جي وڻ جي گل ۽ ٻور مان نڪرندڙ هٻڪاءُ ۽ ميندي‌ءَ جي مهڪ وانگر آهن. الله پاڪ هن جي روح تي رحم ڪري.

# غلام نبي شاهاڻي صاحب: تعليمي آفيسر

اوائلي عمر ۾ صبح جو ڏِک محلي واري گهر مان ڪتاب ڪڇ ۾ لاڙڪاڻي يا شهر لاءِ نڪرندو هئس تہ ڏِک منشيءَ کي سلام ڪري اڳتي وڌبو هو. هاڻي جتي گرلس پرائمري اسڪول بلڊنگ آهي، اتي ڏِک هوندو هو ۽ اتر طرف هُن جي رهائش ۽ آفيس هوندي هئي. مهاجرن جي خالي جڳهہ، ڏئي ۽ پَپي مل جي جڳهن کان پوءِ پير چوڏهون، سولنگين جا گهر، تقي شاهہ مرحوم جو واڙو، سامهون غلام نبي صاحب جو هائوس. ساڳي عمارت ۽ اوطاق آهي، سواءِ آرائش ۽ مختصر ترميمن جي. روڊ جي ساڄي اتر واري قطار ۾ تقي شاهہ جي حويلي، غلام قادر سپڙو، مولچند جو گهر ۽ فقير محمد عيسىٰ مرحوم جي گهر جو دروازو ٽپي، پوسٽ آفيس واري گهٽي وڃبي هئي. دين محمد پٿي واري موجوده بلڊنگ ڪو نہ هوندي هئي. باقي جايون هونديون هيون. جتي ٽرانسفارمر آهي، ان جي ڏکڻ طرف، ٻارن جي راند جو ميدان هوندو هيو. هن وقت غلام قادر مرحوم جي پٽ رياض حسين وارن جو شاپنگ سينٽر ۽ جاءِ آهي، اتي ئي مُکي آرت مل، ٽانور مل ۽ ٻيا پوڙها عامل ديوان پري کان ڏسندا رهندا هئاسين. ٽانور مل کي ٻلين ۽ ٻين جانورن سان اُنس هوندو هو. هُو چڻ تہ نئون ديري جو جمعو فقير هيو.

تقي شاهہ اصل ۾ ميرپور پرسان، هڪ ڳوٺ جو هيو. فقير صاحب، يُونيٽ پور جو ۽ شاهاڻي صاحب، عزت جي واند پرسان، شاهاڻين جي ڳوٺ جو هيو. تعلق، زميندار گهراڻي سان هيس. ٻني ٻاري، اوطاقن اندر پٽڪي اجرڪ واري ثقافت ۽ سنڌ جي ٻهراڙي وارين ريتن رسمن جو انسائيڪلوپيڊيا هيو. تتر، ڦاڙها، ماڪيون، سنڌوءَ جي ڪناري جهنگ ۽ پاڻي چڙهڻ جا نظارا ننڍي کان وٽي ڏٺل هئس.

شاهاڻي صاحب سان منهنجي واقفيت، پنهنجي چاچي عرض محمد منگي مسوديرائيءَ جي ڪري ٿي. هُن جي عمر ٧٥ کان ٨٠ سالن تائين ٿيندي. غلام نبي مرحوم جو مسوديري جي سردارن سان، غلام الرسول جلباڻيءَ کان وٺي تعلق رهيو. اسڪول وزٽ ڪرڻ ايندو هو تہ وٽن بہ ويندو هو. سڀ عزت ڪندا هئس.

اميد علي ڪٽپر، منهنجي ويجهن دوستن مان آهي. گهٽين ۽ روڊن تي رُلندي شاهاڻي صاحب ملندو هو تہ کيس سلام ڪري وڃبو هو ۽ اهو سلسلو آخر تائين قائم رهيو. پاڻ اڪثر ٻڌائيندو هو تہ مان هتي پڙهڻ دوران، اميد عليءَ جن جي گهر رهندو هئس. سائينءَ جن پڙهي استاد ٿيا. ڪافي سينئر ٽيچر جيڪي پاڻ بہ رٽائر ٿي چڪا آهن، اُهي هن جا شاگرد آهن. بعد ۾ ماسترن جو صاحب بڻيو. سينيارٽيءَ تي هاءِ اسڪول هيڊ ماستر بڻيو.

فور ويل گاڏيءَ وارو آفيسر بہ ٿيو. تعليمي آفيسرن ۾ واحد آفيسر هيو، جنهن وٽ ذاتي گاڏي بہ هوندي هئي.

سنڌ جو اهو عجيب محبتن وارو دور هيو جڏهن شهري ماڻهو، ٻهراڙيءَ جي ٻين برادرين ۽ غريب مائٽن جي ٻارن کي پاڻ وٽ سالن جا سال رهائيندا هئا. ائين سوين نہ، پر هزارين ٻهراڙيءَ جا ٻار، پڙهي آفيسر ۽ ڪامورا بڻيا. منهنجا ڪجهہ دوست چوندا آهن: ڳوٺان گوڏ پائي ايندا هئاسين، سلوار اسڪول ٻاهران پائيندا هئاسين. غربت جو دور هوندو هو، پر ماڻهن جون دليون شهنشاهہ هونديون هيون. اُها سنڌ ئي الائي ڪاڏي اُڏامي وئي!

شاهاڻي صاحب گهر جو وڏو هئڻ سان گڏ، تعليمي آفيسر بہ رهيو، تنهنڪري وٽس هميشه هارين نارين، ماسترن ۽ مهمانن جي اچ وڃ نظر ايندي هئي. حسين شاهہ راشدي، مرحوم علڻ فقير ۽ ٻيا ڪيترا ئي مشهور عالم دانشور ۽ شاعر ايندا رهندا هئا. مون کي حيرت تڏهن ٿي هئي جڏهن ٽہ-ماهي مهراڻ رسالي وارن ناياب خط ۽ تصويرون شاهاڻي صاحب جي ٽورن سان شايع ڪيا هئا. ڪافي علمي اهم شيون، وٽن ٻيون بہ محفوظ آهن.

١٥-١٠ سال اڳ، سماجي ثقافتي سنگت نئون ديرو جو بنياد شاهاڻي صاحب جي اوطاق تي رکيو هيوسين. خادم صيف شاهاڻي، عبدالغفار پٽي، غلام حسين ڪٽپر، منٺار علي سولنگي، ابراهيم خليل ۽ مان ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ هئاسين. مقصد هيو تہ: ڪجهہ لکڻيون گڏ ڪري، نئون ديري تي ڪتاب ڇپرائجي. ٻي گڏجاڻي پَٽي صاحب جي اوطاق تي ٿي. واري سان ٻئي هنڌ بہ گڏجاڻيون ٿيون. مان الڳ ٿي ويس. پَٽي صاحب ڪراچيءَ هليو ويو پر پوءِ بہ ڪم هلندو رهيو. ڪافي مواد گڏ ٿيڻ کان پوءِ، اهو ڇپجي نہ سگهيو. مان پنهنجي ذميوارين ۾ خيانت، نہ پاڻ ڪندو آهيان ۽ نہ ٻين کي ڪرڻ ڏيندو آهيان، تنهنڪري ميڙن ۽ محفلن مان نڪري، وڏا ساهہ کڻي، گهر ۾ اچي لِڪي ويهي رهندو آهيان. سنڌين کي اجا ايتري ساڃاهہ ڪٿي آئي آهي جو هو مون سان هلي سگهن. بدديانتي ۽ منافقي مون کي نہ وڻندي آهي. سڄي عمر اڪيلو رهيو آهيان، ڇو تہ ٻين جو مزو وڃائڻ بہ نہ چاهيندو آهيان. منهنجي پنهنجي دنيا آهي.

سرنهن جي ڦولارن جو رقص وڻندو آهي. ڪيڙهيءَ ۾ هلندي ۽ پٽرن تان ڪرندي، مزو ايندو اٿم. بهار تہ سيني کي وڻندو آهي پر خزان جي موسم ۾ ٿهڪ ڏيڻ ۽ سڪل يا ڪومايل گلن کي ڏسي، اکين ۾ ڳوڙها آڻڻ، عاشقن جي روايت آهي. مان روايتن جو پابند، پاڻ وٽائي نہ سگهيو آهيان، تنهنڪري ڪنڌائتو وقت گذاريان ٿو.

مان هميشہ پاڻ کي ماستر سمجهيو آهي. دانشور ٿيڻ، منهنجي وس جي ڳالهہ بہ نہ آهي. ماستريءَ جي ذميوارين ئي مون کي نپوڙي ڇڏيو آهي. انهيءَ طبيعتي مزاج سان،

شاهاڻي صاحب سان عبدالخالق جي دوڪان تي ڪافي علمي گفتگو ٿيندي رهندي هئي. هر سال گرمين ۾، منجهند ڏاري، عبدالرحمان ڪنڌر سان سندس ڪپڙي جي دوڪان تي وجي، ڪچهري ڪندو آهيان. اُتي گذريل سانوڻ ۾ شاهاڻي صاحب بہ اچي ويهندو هو. هر موضوع تي ڪچهري ڪبي هئي. ڏاڍي بُڌ سُڌ، ڏيٺ ويٺ ۽ لڳ لاڳاپا مرحوم جا هئا. وڏي عمر هوندي، صحتمند هوندو هو. پنهنجي ڪاڻ پيئڻ ۽ خوراڪ جا قصا ٻڌائيندو هو. مون کي ڪو مسئلو يا نئون ديري بابت معلومات نہ ملندي هئي تہ سائينءَ کان پڇي وٺندو هئس.

پاڻ هڪ رمضان جي آخر ڏهي دوارن، مسجد اندر اعتڪاف ۾ بہ ويٺو هو. حج بہ ڪري آيو هو. سندس پٽن خادم حسين ۽ خالد حسين سان، پاڙيسريءَ وارا لاڳاپا آهن. خادم حسين اوطاق تي ادبي گڏجاڻيون سڏائيندو آهي. دوستن کان حال احوال ملندو رهندو آهي. شاهاڻي صاحب وٽ فرنٽ جو سربراهہ ۽ سندس پٽ امير بخش خان پٽنو ايندا رهندا آهن. اهڙيءَ طرح زميندار، آفيسر، مٽ مائٽ ۽ يارن دوستن جون گاڏيون بيٺيون هونديون آهن.

مرحوم فقير محمد عيسىٰ سان، ڏاڍي عقيدت هوندي هيس. حاجي صاحب بہ هُن جي عزت ڪندو هو. وفات کان صرف هڪ ڏينهن اڳ ۾، عبدالرحمان ڪنڌر کي گهرايائين. هُن سان ڪچهري بہ ڪيائين ۽ ڪانئس دُعا بہ گهرايائين. اِها ڳالهہ فقير مون سان پاڻ ڪئي. جيڪي وينا هئاسون اُهي حيرت ۾ پئجي وياسون تہ "ڇا تہ موت آ!" خوش چڱو ڀلو ائين هليو ويو.

مون کي پڪ آهي تہ اُن ذرتيءَ مان منهنجو وجود،
ائين ڪو نہ پيدا ڪيو ويو هو،
جنهن مون کي ان ذرتيءَ مان پيدا ڪيو،
وري ان ئي ذرتيءَ ڏانهن مون کي ٻيهر موٽايو. (عمر خيام)

شل! الله ﷻ مرحوم کي پنهنجي رحمت ۽ فضل سان جنت ۾ جاءِ ڏئي. آمين.

# سنڌي ٻولي ۽ سماج جو تجزيو

سچ کان منهن موڙڻ: جهالت ۽ ظلم آهي. سچائيءَ کان ڪن لاتار ڪرڻ سان، رڳو رسوائي ۽ تباهي ئي پلئه پئي ٿي. ڪنهن به معاشري جي اٿا-ويٺي ۽ رهڻي-ڪهڻيءَ مان، آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهبو آهي ته مستقبل ۾ ڇا سامهون اچڻ وارو آهي. ڪرامتن ۽ معجزن، ڪرشمن ۽ قسمتن وغيره تي پاڙڻ وارا، هن ڌرتيءَ تان ائين ڌِهي ويا، جيئن اسان جي اکين آڏو اوڏ ۽ ڪولهي، ڀيل ۽ باگڙي قومون شيڊولڊ ذاتيون ٿي ويون آهن. اهي اسان جي سامهون ته آهن پر سنڌن تاريخ ۽ ثقافت، جاگرافي ۽ اقتصاديات، ماحول ۽ عزت وغيره سان گڏ پنهنجي اهميت پڻ وڃائي ويٺا آهن. توڻي جو مان پاڻ کي ڪائنات مٿيرو يا اهم نه ٿو سمجهان پر معاشري ۾ هو ڪيتي بيٺل آهن!؟ اهو سيني جي سامهون آهي. جڏهن ته ڪير ان کان انڪار به نه ڪندو ته هو هن ڌرتيءَ جا وارث ناهن. مذهب، علم ۽ سوشل اسٽيٽس پٽاندر، انساني ويڇا ۽ جدا جدا سڃاڻپون ڏوهه برابر آهن. هن ڌرتيءَ تي رهندڙ هر ماڻهوءَ سان انصاف ٿيڻ گهرجي. هر ماڻهوءَ لاءِ جيئڻ جا هڪجهڙا موقعا هئڻ گهرجن. والٽيئر چيو آهي: ”اميدن جي سهاري جيئڻ، خودڪشي ڪرڻ برابر آهي.“ سٺ سالن کان مٿي، اسان جي بزرگن، بهتر مسقبل لاءِ جاکوڙيو آهي، پوءِ به اسان اڳتي وڌڻ بدران تباهيءَ ڏانهن وڌي رهيا آهيون.

اڄ اسان ۾ جيڪي رجحان پلجي رهيا آهن، تن آڏو اگر بند نه ٻڌو ويو ته هزار سالن جي مثالي تهذيب ائين لڙهي ۽ تباهه ٿي ويندي، جيئن سال ٢٠١٠ع ۾ ٽوڙي بند جي ٽٽڻ سان اتر سنڌ جا ننڍا وڏا ڳوٺ زمين تان ئي ميسارجي ويا.

بد اخلاقي، بد امني، بي روزگاري، ڪرپشن ۽ ٻين بيهودگين جي هلان، ايتري تيز ۽ چوهي ٿي وئي آهي جو هر شيءِ جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هيءُ هڪ تمام وڏو سماجي بحث آهي، جنهن ۾ هر ساڃاهه-وند کي ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ گهرجي ۽ انهن جو ڪو حل ڳولي لهڻ گهرجي.

اهو به ممڪن آهي: متان جوهي شهر جي انساني هٿن وانگر، ڪو ڪارنامو انجام ڏئي وڃهون. ياد رهي ته جڏهن سنڌ حڪومت ۽ ماڻهن، ٢٠١٠ع دوارن آيل ٻوڏ جي پاڻيءَ کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو هو، تڏهن جوهيءَ واسين پهه ڪيو ته ”اسان پنهنجو شهر ٻڏڻ نه ڏينداسون.“ پوءِ ٻارن ۽ ٻڍن، جوڪرن ۽ جوڪرين، زالن ۽ مردن جي هٿن، گڏجي ناممڪن کي ممڪن بڻائي، پنهنجو شهر بچائي ورتو هو. ائين اسين سڀ جيڪر

پنهنجي معاشري کي بهتر بنائڻ لاءِ ايندڙ نسل جي اهنجن کي گهٽائڻ لاءِ، ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري وڃهون.
اڏوهي، ننڍڙو ۽ سنهڙو سفيد جيت ٿيندي آهي، جيڪا جاين ۾ لڳل ڪاٺ جي ڪٻٽن ۽ شهتيرن، درن ۽ درين، پٽين ۽ پٽرن کي اندران ئي اندران کائيندي رهندي آهي. جيڪڏهن ان جي روڪ ٿام لاءِ ترت اپاءَ نہ ونبا تہ جهجهو جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو. اسان جي معاشري ۾ بہ ناڪاري رجحان ايڏا وڌي ويا آهن جو سوچيندي ۽ لکندي ڏپ ورائي ٿو وڃي.
پاڪستان جي نهڻ کان وٺي ١٩٧٠ تائين، اسان وٽ، خاص طور تي سنڌ ۾، پنهنجي وجود کي بچائڻ جون پڻ شاندار ۽ فخر ڪرڻ جهڙيون جدوجهدون ٿينديون رهيون آهن. پ پ پ کان اقتدار کسيو ويو تہ M.R.D جي تحريڪ ۾ سنڌ سيني کان وڌيڪ پاڻ ملهايو. جنرل ضياءُ پنهنجي موت مئو، پ پ پ اقتدار ۾ آئي پر اسان وٽ ڪا وڏي سماجي تبديلي ڪو نہ آئي. صرف ڪجهہ ماڻهن کي نوڪريون مليون. وڏو فائدو وري بہ انهن کي ڏنو ويو جيڪي پ پ پ مخالف هئا. بعد ۾ حڪومتي ڪيل اندر مير مرتضيٰ جي شهادت ۽ بينظير صاحبہ جو سانحو ڪا بنيادي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجي نہ سگهيا. ڪجهہ ڏينهن جي روڄ راڙي ۽ رڙين دانهن کان پوءِ، هر شيءِ معمول تي اچي وئي هئي.
سنڌي ثقافت جو ڏينهن ملهائڻ جو رجحان سامهون آيو آهي. اهو بہ هڪ سنو سنئون آهي. جيڪڏهن هُل هنگامن، شور شرابن، تاڙين تڪرارن، دهلن شرناين ۽ جهمرين ناچن کان پوءِ، جنهن نقطي لاءِ ميڙ تا ٿين، ان کي سرڪار طرفان ڪا مجتا ملي تہ، پوءِ وري بيو ڏينهن ملهائي ڪو مسئلو حل ڪرائجي. جيڪڏهن ڪنهن هلچل مان ڪا سنائي جنم تي وٺي ۽ اسان جي ۽ حڪومت جي روش ساڳي رهي تہ، ڏڳو پير پيران وارو ماحول جڙندو ۽ ڊهندو رهندو. ظاهر آهي تہ ان مان ڪو فائدو تہ ڪو نہ ٿيو. صرف پنهنجا فوٽو ۽ سرخيون ڏسي، چوڻ سان تہ: اسان هيئن ڪيو، هونئن ڪيو. اسان سان هاڻي انصاف ڪريو. انفرادي فائدو تہ ٿئي ٿو، پر اجتمائي طور، معاشري کي ڪجهہ بہ پلئہ ڪو نہ ٿو پوي.
جنرل مشرف پنهنجي ٨ سالن واري بادشاهت ۾، جيڪي سنڌين کي هاجا رسايا، اهي فوجي حڪومتن جي مجموعي هاڃن کان وڌ هئا. پ پ پ مان ڪجهہ اميد هئي پر انهن بہ ڪو ٻوٽو نہ ٻاريو. مهانگائي، بيروزگاري ۽ امن امان جو مسئلو اڳ کان وڌيڪ خراب ٿي ويو آهي.
ارغونن، ترخانن، مغلن، ايرانين ۽ عربن جي مٽجڻ جو سبب، اسان جون باوقار ۽ غيرت سان پريل سنڌ جون ٻهراڙيون آهن. جڏهن منظم لشڪر ۽ فوجون، تختگاهہ ۽ شهر شڪست کائي ويا تہ هنن ٻهراڙين جي دلير ۽ وفادار جوانن کي پرتي ڪري، جوابي

حملا ڪيا ۽ ڌارين جي ٽڏا ويڙهہ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. ائين شڪستون فتحن ۾ تبديل ٿينديون آيون آهن. اڄ اسان جي تعليم تباهہ، روزگار بند، اخلاقي قدر ختم، ننڍڙين ۽ معمولي ڳالهين تي جهيڙا جهڳڙا، رتوڇاڻ ۽ واندڪائيءَ جي وندر، نشو ٿي پيو آهي. ڀنگ، چرس ۽ آفيم وغيرهہ جو ظاهر ظهور ڪاروبار هلي رهيو آهي.
معاشري جي اڻ برابري اثر ڇڏي رهي آهي. سنڌ ۾ اڄ شرافت ۽ ايمانداريءَ کي بزدلي سمجهيو وڃي ٿو. گهري ڪائڻ جي پيٽ ۾ ڇني ڪائڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. جيڪو وڏو ڏوهاري آهي، سو ئي مڙس ماڻهو سمجهيو ٿو وڃي. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي هٿيار اڀا آهن. ٻيو تہ ٺهيو جيڪڏهن فقير کي ڇئو تہ ادا معاف ڪر تہ اهو بہ تارا ٿو ڏيکاري ۽ گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي. اڳ ڀهراڙين اندر وڌ ۾ وڌ لٺ ۽ ڪهاڙي هوندي هئي. ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ڪو ڪارتوسي پستول هوندو هو. هاڻي تہ رائفل، ٽي ٽي پسٽل ۽ ڪلاشنڪوف وغيرهہ نماءُ آهن. روزانو جهيڙن، ڪارپ جي الزامن، زمينن جي تڪرارن تي ماڻهن جو سک تباهہ ٿي ويو آهي. هر ويهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي نئون نو-گو-ايريا آهي. پاڻارين ڏانهن پوليس موبائلون بہ وڃڻ لاءِ تيار نہ آهن.
رعايت-يافتہ طبقو، خاص طور تي غريبن جو اولاد، جيڪو پڙهي سفيد پوش بڻيو آهي، ان جو ڪردار بہ معاشري ۾ مثبت ڪو نہ رهيو آهي. هو پنهنجي ذات، ڪٽنب ۽ اولاد لاءِ هڻ هٿان ڪري ٿو، جائز ناجائز جي ڪيس پرواهہ نہ آهي. ڏوهارين جي هٿ چڙهي تہ روڄ راڙو، نہ تہ هر شيءِ کان لاتعلق رهي ٿو. ٽولا ناهي، ڪاٽن جا ڪپڙا پائي، ڀنگ پيئڻ ۽ ٿهڪن ڏيڻ جا عادي ٿي پيا آهن. سنڌ ڪاڏي پئي وڃي. هيڏي خواري ڇو آهي؟ ان سان هن جو ڪو بہ سروڪار نہ آهي.
مون ويجهو وڃي ڏٺو آهي تہ ڀهراڙين ۽ شهرن جي نون پاڙن ۾ ٻارن جو وڏو تعداد وڃي محنت مزدوري ڪري ٿو. پڇڻ تي معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن ائين نہ ڪريون تہ گهر وارا ڇا کائيندا؟
يونيسيف جي تازي رپورٽ جيڪا اخبارن ۾ ڇپي آهي، سا ٻڌائي ٿي تہ: اتر سنڌ جي غذائي ڪوٽ ٢٣ سيڪڙو آهي، ڏکڻ سنڌ جي ٢١ سيڪڙو کان وڌيڪ آهي. جن ماڻهن وٽ ڪاڏي پيتي لاءِ ڪجھ نہ هجي، تن جي صحت، تعليم ۽ ٻي سوشل اسٽيٽس جو ڪهڙو حال هوندو.
سنڌ ملڪي پيداوار جي روينيو، تيل ۽ گئس وغيرهہ ۾ ٦٠ سيڪڙو ٽئڪس ادا ڪري ٿو، پر موٽ ۾ اسان کي مرڪز وٽان انهن جي مرضيءَ موجب ملي ٿو.
اسان جا مجموعي وسيلا ڏسو ۽ اسان جو حال ڏسو. گذريل ٻوڏ تہ اسان جو معاشري ۽ حڪومت جو ڍڪ لاهي ڇڏيو آهي. ناقص ڪارڪردگي ان مان ثابت ٿئي ٿي تہ ايران کان ملندڙ امداد بہ متاثرين تائين حڪومت پهچائي نہ سگهي آهي. ٻيو تہ امدادي سامان بہ

ڪاليجن، اسڪولن ۽ گودامن ۾ سڙي سڪي خراب ٿي رهيو آهي. جيڪي ڪاڏي پيتي جون شيون رکڻ سان خراب ٿين ٿيون، اهي واهن ۽ زمين تي اڇلايون وڃن ٿيون. گهٽيون ٽٽيون شيون تہ مارڪيٽن ۽ دلالن وٽ وڪرو ڪيون وڃن ٿيون.
عوام کان ووٽ وٺي، اقتدار ۾ اچي ساڻن اهڙيون جنيون ڪيون ٿيون وڃن. سنڌ جي شهرن ۾ رهندڙ غير سنڌين جي طرز زندگيءَ کي بہ ڏسو ۽ اسان جي حالت زار جي پيٽ ڪريو. ڪا تہ منصوبہ بندي ڪريو؟ ڪو تہ ہوٿو ہاريو؟ اسان جا وسائل اسان لاءِ عذاب بڻجي ويا آهن. هر ڪم لاءِ ڏاريو! پنهنجا پرايا، سڀ ڦرلٽ ۾ گڏ. ترقيءَ جا منصوبا ۽ اعلان سڀ فراڊ آهي. ڪرپشن ۽ پنهنجن مخصوص ماڻهن کي نوازڻ، رڳو نڳيءَ جا ناهہ آهن. مذهبي، سياسي، قوم پرست ۽ ڪابي ڏر وارا، سڀ وهندڙ گنگا مان ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪن ٿا.
اسان جي سنڌ جي پيداوار گهٽ ڪو نہ آهي، پر غلط منصوبہ بنديءَ ۽ بي توجهيءَ ڪري، اسان هن حال تي پهتا آهيون.
ڌرتيءَ جي گولي تي ۴۵ مسلمان ملڪ آهن. سوڊان کي ٻہ حصن: مسلم سوڊان ۽ عيسائي سوڊان ۾ ورهائجڻ جون تياريون ٿي ويون آهن. پيرس، تيونس، مصر، سوڊان، الجزائر ۽ لبنان وغيره جو عوام، حڪمرانن لاءِ ڪهاڙا ڪنيو ڪفن سر سان ٻڌي نڪتو آهي. هتي بہ حالتون خراب آهن پر ڏسجي تہ ڪيستائين ننڊ نهوڙيا رهن ٿا.
عزت، وقار ۽ غيرت جي عيوض مال حاصل ڪرڻ جو رجحان وڌي ويو آهي. هر ڪو بئنڪ بئلنس ناهڻ، عياشي ڪرڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ تي توجهہ ڏئي رهيو آهي. اجتماعي سنايون تباهہ ٿي رهيون آهن.
اهو بہ رجحان ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ ڀهراڙين مان جيڪي وڏيرن يا ڌاڙيلن جي ظلم کان لڏپلاڻ ڪري، ويجهن شهرن ۾ آيا آهن، اهي اتان جي پاڙن جي ماڻهن سان ڪؤنس، ڏاڍ مڙسي ۽ ظلم ڪن ٿا. ائين ڏاڍو سوگابو جو رجحان وڌي رهيو آهي. جنهن سان سڄو معاشرو ڊانوانڊول ٿي ويو آهي. معاشي بدحاليءَ جي ڪري، ناڪاري رجحان عام ٿي رهي آهن. جهڙوڪ: چوري، ڪوڙ، وعده خلافي ۽ زنا وغيره جهڙا مسئلا پنهنجي اهميت وڃائي رهيا آهن.
هڙپا ۽ ڪاهوءَ، آمري ۽ موهن جي دڙي جون تهذيبون، سنڌوءَ جون تهذيبون آهن. موهن جي دڙي جي ٻولي اڃا تائين پڙهجي نہ سگهي آهي. پيل، باگڙين ۽ اوڏن جون ٻوليون اسان مسلمانن کي سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿيون اچن. سنسڪرت ۽ گرمکي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارا لڏي ويا. ائين اسان جي موجوده ٻولي بہ گم ٿي وئي تہ اسان جي شناخت تہ ختم ٿي ويندي. پاڻ کي بچائڻ جو صرف هڪ گس آهي تہ پنهنجي مقدر جا فيصلا پاڻ ڪيون.
ستن اٺن هزارن سالن جي ٻولي گم ٿي سگهي ٿي. ايران کان ڪشمير واريون سرحدون

ختم سگهن ٿيون تہ موجوده سنڌ جي بچاءَ لاءِ ڪير ضامن آهن. ضمانت صرف پاڻ آهيون ۽ ٻيو ڪير بہ اسان کي زندھ نہ ٿو رکي سگهي.

تاريخ جا ڪتاب ڪوڙ سان ڀريا پيا آهن. خدا نہ ڪري تہ سياڻي ڏاريا ايترا طاقتور ٿي وڃن جو اهي هام هڻي چون تہ: سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جا وارث بہ اهي ئي آهن.

پاڪستان جي پارليامينٽ اندر جعلي ڊگريون رکندڙ. جعلي نوڪرين جا آرڊر، زمينن ۽ پلاٽن جي جعلي نموني هيرا ڦيري، جعلي نوان سجاڳپ ڪارڊ نهڻ جو حقدار روئيندا ۽ ٿابا ڪائيندا وتن.

ڪشميري، پناڻ، پنجابي، مهاجر ۽ بلوچ، ٻاهرين ملڪن ۾ رهن ٿا. مجموعي طور تي هو اسان سنڌين کان خوشحال آهن. سنڌي ماڻهو بک کان فوجي/سپاهي ڀرتي ٿيڻ لاءِ تيار آهن. اوڏانهن بہ سليڪٽ نہ ٿو ٿئي تہ ڪٽنب پالڻ لاءِ ڪراچيءَ جي دوائن جي ڪارخانن ۽ ٻين صنعتي يونٽن ۾ ڪم ڪري ٿو. صبح کان سانجهيءَ تائين هڻ هٽان ڪري، پنهنجي رهڻ واري ڪوٺڙيءَ ۾ اچي ٿو. انسانن وانگر جيئڻ ٿو چاهي تہ گهر لاءِ ڪجهہ پئسا ڪو نہ ٿا بچنس. جانورن وانگر زندگي گذاري ٿو تہ مهيني ۾ ٻہ ٽي هزار گهر موڪلڻ جي قابل رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪٽنبن کي پئسا تہ ڪُڇيءَ ۾ پئجيو وڃن. راهہ ويندي شهيد ٿي ويندو يا ٽاڻي تي جهلجي پوندو، پوءِ تہ گهر جا ٽپڙ بہ پورا ڪو نہ پوندا. وڪيل، ڪورٽون، انتظار ۽ پيچ پيچان. اوهان ٻڌايو ڪراچيءَ ۾ اسان جو ڪهڙو ڏڻي سائين آهي؟

حڪومت يا ڪنهن سماجي تنظيم ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟ اسان ٻي واهن جو ڪهڙو اجتمائي پليٽ فارم آهي.

وزيرن، مشيرن ۽ بيوروڪريٽن جي اولاد جا نالا اڳيان اڳيان، باقي حقدارن جا نالا غائب.

لڳ ڀڳ ١٩٨٠ع تائين ائين هو تہ سڄي سيڪريٽريٽ غريبن جي ٻارن، آفيسرن سان ڀريل هوندي هئي. جڏهن سردارن، پيرن، بيوروڪريٽس ڏٺو تہ اصل مزا تہ آفيسريءَ ۾ آهن تہ انهن بہ پنهنجي ڇوڪرن تہ ڇڏيو پر ڇوڪرين کي بہ بيوروڪريسيءَ ۾ موڪلڻ شروع ڪيو.

ٻئي پاسي پنجاب، پنهنجن درياهن، ڪئنالن ۽ واهن جي بندن جو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ اڃا شروعات بہ ڪو نہ ٿي آهي. مٿان وڏي وزير اعلان ڪري ڇڏيو آهي تہ: ايندڙ سال اڃا وڏي ٻوڏ اچڻ جو خطرو آهي.

امداد ۾ ڏوڪڙ بہ سرحد ۽ پنجاب کان وڌيڪ مليا آهن، پوءِ بہ اسان جا ماڻهو بکيا ۽ اگهاڙا آهن. پوسٽ آفيسن ۽ بينڪن جي دروازن تي عورتن جا ميڙ نظر ٿا اچن. ڇا ڪو عزت ڀريو حل نہ ٿو نڪري سگهي جو انهن کي ڏوڪڙ گهر جي در تي پهچائي سگهجن.

واهرو ويري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟
روشني ميري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟
جو ڪري چوري، ڊُڪي سو اچي،
وري پيري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟ (استاد بخاري)

”اي سنڌ، اسان تو کي اجا آجو ڪرائي نہ سگهيا آهيون، ائين ڏسندي ڏسندي تڙپندي تڙپندي، فنا تہ نہ ٿي ويندا سين.“

الا ائين مَ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي. (شيام)

اچو تہ گڏجي ڌرتيءَ وارن ۽ مارن جو حق ادا ڪريون.

***

سچو ڏينهن لوچيندي، سوچيندي، ڦٿڪندي ۽ هڻ هٽان ڪندي گذارجي ٿو، خبر ئي نہ ٿي پوي تہ وقت ڪيئن گذري ويو. وري نئين سج، نوان مسئلا ۽ مونجهارا آهن. پنهنجي سنڌي سماج تي نظر وجهہ تہ هينيون ڳالهيون نظر ٿيون اچن:

١. عزت سان جيئڻ جا جتن ڪرڻ.
٢. گهر ڀاتين جو پيٽ پرڻ.
٣. تعليم ۽ صحت.
٤. محلي، مٽن مائٽن ۽ دوستن سان سماجي لاڳاپا برقرار رکڻ، غميءَ/ فوتگيءَ ۽ شاديءَ ۾ وڪ کڻڻ، جنهن کي اڏاري ياجي چئبو آهي. جڏهن ٻئي سان اٿبو ويهبو تہ سياڻي اوکي سوکيءَ اهو ئي ڪم ايندو.
٥. امن امان جو مسئلو وغيره.

جيئڻ جي ان جنجل ۾ هينيان مروج طريقا سامهون آهن:

١. ٻهراڙين ۽ شهرن ۾ هيٺئين سماج وارا پنهنجي گهر جي عورتن ۽ ٻارن کان بہ پورهيو ڪرائين ٿا، تڏهن سندن زندگيءَ جو گاڏو گهبلو رهي ٿو.
٢. هينين سطح جي پرائيويٽ نوڪري، مزدوري ۽ هارپو وغيره ڪري پيٽ پالڻ.
٣. هيٺئين گريڊ جي سرڪاري نوڪري، پنهنجو ننڍو ڪاروبار، ننڍي ٺيڪيداري ڪري، ڪجهہ نہ ڪجهہ وڌيڪ ڪمائڻ.
٤. رشوت واري نوڪري ڪري، ورثي ۾ مليل طرز زندگيءَ کي تبديل ڪري، خوشحالي ڏانهن قدم وڌائڻ.
٥. جن کي ورثي ۾ مليل پنهنجون زمينون ۽ ڪاروبار وغيره آهن، اهي پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏياري، پڇي ڊڪي سفارشون ڪرائي، مارڪن ۾ هيرا ڦيري ڪرائي، ذهين شاگردن جون زندگيون وڃائي پنهنجي پٽن ۽ نياڻين کي سٺيون نوڪريون

وني ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿين. ساڳئي معاشري ۾ ڏک ڏئي، غريبن ۽ مسڪينن تي طنز ڪري، پنهنجو پاڻ کي نمايان ڪري، حلقا ناهي، دوستيون ۽ اثر رسوخ کي وڌائي جيئندا رهن ٿا.

٦. هيرا ڦيريءَ مان جام پئسا ڪمائي وڏا ڪاروبار ڪري، محل، ماڙيون ناهي زمينون خريد ڪري، تنظيمون ناهي، آسائش واري زندگي جي انتها ڪرڻ.

٧. ڪروڙين روپين جا ڪاروبار ڪري، لکين روپيه ڪمائي، وڏين ملن ۽ فارمن جو مالڪ بڻجڻ، وزيرن مشيرن جون دعوتون ڪري هر حڪومتي مشينري سان ساٿ ڏيڻ.

٨. مرڪز، سينيٽ ۽ صوبن جي سڌي ريت سياست ۾ حصو وني، ڏيهه پرڏيهه ۾ ملڪيتون خريد ڪرڻ. هوائي جهاز هيلي ڪاپٽر، پيجارو، لينڊ ڪروزر وغيره تان پير هيٺ نه لاهڻ.

ائين جيئري جنتون ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا.

حق، انصاف مئرٽ وغيره هن معاشري مان لڏي ويا آهن، پوءِ به ڪافي محنتي، جفاڪش ۽ ذهين ترين شاگرد پنهنجو مقام ماڻي رهيا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندن شرح تمام ٿورڙي آهي. موجوده طرز زندگي ائين برقرار رهي ته اڳتي هلي، اهڙن املهه ماڻڪن لاءِ به دروازا بند ٿي ويندا.

هن سماج اندر، وڏي ۾ وڏي مصيبت اها آهي ته جيڪو محنت ڪري، حلال ڪائي ٿو، سو مزدور، هاري ۽ ننڍو ڪاروبار ڪندڙ، نسلن کان جيئندو مرندو ٿو اچي. ڪا تبديلي هن لاءِ جڻ اچڻي ئي ناهي. ساڳي سوشل اسٽيٽس تي جيئڻ، هن جو مقدر بڻجي ويو آهي.

ناڪاري ماڻهو بي ايماني، ٺڳي، منافقي، هيرا ڦيري، دلالي، چوري، ڀاتاريداري، اغوا ۽ رشوت خوري ڪري نت نانگر سان زندگي گذاري رهيا آهن. سندن ٻارن جو هڪ مهيني جو خرچ، الائي ڪيترو آهي. جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني. فضول ماڻهن سان دوستيون وڌائي، حلقا ناهي، قرآن شريف جون آيتون ۽ نمازون پڙهي نرڙن تي ڪارا نشان ناهي، اسلامي اڪابرن جا حوالا، حديثون، شاهه، رومي ۽ سعديءَ وغيره جا شعر پڙهي، ابوجهن کي پيا تبليغ ڪندا ۽ جيئڻ لاءِ مشورا ڏيندا. ايڏا نڪ نرجا ۽ اک جا پڪا، جو مجال آ جو ڪنهن مسڪين تي رحم ۽ ڪهل ڪن. باقي پاڻ جهڙن تان پيا گهور ويندا.

غريبن، لاچارن، بيوسن تي ڪڏهن چڙي پوندا ته ڏسڻ جهڙا نه هوندا آهن، ڳاڙها ٿي ويندا، گارين ۽ غليظ جملن تي لهي ايندا. جيڪو هو ڪن ٿا ۽ چون ٿا، اهو سچ ۽ حق آهي. هر هنڌ اهي پورا آهن: سياست، ادب، شهري تنظيمن، سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن

وغيره تي پنهنجا گروپ ناهي، عهديدار بڻجي پيا جاوا ڪندا. ڪو سچ چوندن، ڪنهن بنيادي تبديليءَ لاءِ صلاح ڏيندن يا غريبن جي فائدن لاءِ رستو ڏسيندن ته ساڻس سازشون ۽ مڪاريون شروع ڪري ڏيندا. تيستائين ان جي خلاف پنڌي پاريو ايندا، جيستائين اهو انهن جهڙو ٿئي يا الڳ ٿي وڃي.

پنهنجي اخلاقي حيثيت اها اٿن، جو جن جي پرپٺ گلا ڪندا، منهن تي تن جي خوشامد ڪندا. رعايتون وٺندا ۽ چوندا ته: ”ادا! ڇا ڪريون، ٻچن لاءِ ائين ڪرڻو پوي ٿو. سماج جي اها ضرورت آهي.“ ٻين کي سڌرڻ لاءِ پيا تلقين ڪندا. پاڻ پنهنجي منهن تي پيا دانگي مليندا.

مختصر ائين چئي سگهجي ٿو ته: ”اسان جي معاشري اندر سچائيءَ ۽ سنائيءَ، اخلاق ۽ محنت جي حلال ڪمائيءَ سان جيئڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. اهي قدر معاشري مان ائين ختم ٿي ويا آهن، جيئن قرآن شريف ۾ آيل آهي، اصحاب ڪهف وارن جا سڪا مارڪيٽ ۾ ڪو نه پيا هلن، ڇو ته هو سوين سالن کان پوءِ ننڊ مان جاڳيا هيا، تنهن دوران بادشاهيون ۽ سڪا، ماڻهو ۽ ماڳ مٽجي چڪا هئا. اهي سچا سڪا پنهنجو قدر يا ملهه وڃائي وينا هيا. نيٺ ته ڊهندي، ڪيسين رهندي چواڻي، جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي ان معاشري جي غلط قدرن کي ڪوڙيون ته سچائيءَ جو سچ اپاري سگهون ٿا. ٻيو نه ته آسمان مان ملائڪ ڪو نه لهندا. زمينون، اناج، جهنگل، پهاڙ، درياءَ، سمنڊ، ڌرتيءَ جي اندر لڪل خزانا، جهڙوڪ: گئس، ڪوئلو وغيره، سڀ اسان سڌين جا آهن. مالڪيءَ جي حق تان هٿ ڪڻنداسون ته اجا رسوا ٿي مٽجي وينداسون.

اسان وٽ ڇا رهيو آهي؟ ووٽ اسان جا، حڪومت ۾ جيڪي وينا آهن، اهي سنڌين جي ووٽن تي وينا عيش پيا ڪن، پوءِ به ذلتون ۽ رسوايون، اسان جو مقدر بڻايون وينا آهن. سنڌ دشمنن سان ياريون پيا نباهين، ڇو ته مفاهمتي پاليسي آهي.

حڪومتي مشينري معاشري جي بدڪردار ماڻهن لاءِ ڍر بڻجي پئي آهي. هڪ ته هر اداري ۾ ڪرپٽ ماڻهو وينا آهن. جائز مسئلا به پئسن کان سواءِ حل ڪو نه ٿا ٿين. هر عهدي جي قيمت مقرر آهي. هر سٽيي ڪرسي نيلام ٿي ٿئي. تعليم ۽ صحت ۾ ڪرپشن، سيني کان مٿانهين ٿي وئي آهي. ضلعي آفيسري عهدن تي غلط ماڻهن کي رکڻ ڪري، ماڻهو نوڪريءَ جي پگهار وٺن ٿا پر ڊيوٽي ڪو نه ٿا ڏين. هو مٿي منٿلي پهچائين ٿا، پوءِ ڪنهن کان ١٠ سيڪڙو ته ڪنهن کان ٥٠ سيڪڙو اگاڙين ٿا. پگهارون عوام جي ٽيڪس مان، ڪم آفيسرن ۽ سياست دانن جي بنگلن تي. سياستدانن، آفيسرن، ڪمدارن، ٺوهن، خوشامدڙين جي جڻ لاٽري نڪري آئي آهي. هنن جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هر کاتي ۾ ويني مفت جون پگهارون وينا کڻن. حقدار، جتيون گسائي گسائي ٿڪجي پيا آهن. ڊگريءَ جي ڪا اهميت نه رهي آهي.

ڏک ۽ تڪليف جي ڳالهه اها آهي ته اسان انهن رسواين کان پوءِ به ايتري واويلا نه ڪئي آهي، جيڪا ڪرڻ گهرجي. ڪورپٽ، جي ڇار ۾ ڦاسي پيا آهيون. جمهوريت عوام لاءِ طاقت ۽ قوت آهي. ان جو مظاهرو چو نه ٿا ڪريون. دوستن ۽ دشمنن کي سمجهي چو نه ٿا سگهون. ڪٿي ائين ته نه آهي ته اسان سڀئي، جيڪي اڪثريت ۾ آهيون، سي به فائول طريقن سان جيئڻ ٿا چاهيون، پر موقعو ڪو نه ٿو ملي. ڪا ئي ته خرابي آهي. سنڌ ٿنڪ ٽينڪ هن نقطي تي توجهه نه ڏنو، ته گمان آهي ته بداخلاقي اسان کي گهي، تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندي.

ايندڙ نسلن جا سور، ختم ڪرڻا آهن ته سڀ ڪجهه تبديل ڪرڻو پوندو، متحد ٿيڻو پوندو، پاڻ مان ڪارين رڍن کي ڪڍڻو پوندو. عزت سان جيئڻ ۽ مرڻ، اسان جو حق آهي. اهو ئي اسان جو گم ٿيل تاريخي ورثو آهي.

پاڪستان جي مروج سياست، هن معاشري ۾ وڏي ۾ وڏو، نفعي بخش ڪاروبار آهي. اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ نقصان ئي نه آهي. صرف ”آپي“ کان نڪرڻو آهي. بين حالتن ۾ بي آبرو، ملڪ بدر ٿيڻ سان گڏ، جان تان به هٿ ڪڍڻو آهي. نظريهءِ ضرورت تحت، سڀ ڪجهه وساري، سمجهوتو ڪري، NRO وٺي، عوام جي خدمت ۾ هٿ ونڊائي سگهجي ٿو.

وقت وڏو بادشاهه آهي. راتو رات، ڇا مان ڇا ٿي وڃي ٿو. يونس حبيب، ماضيءَ ۾ سياسي پارٽين ۽ شخصيتن کي ڪروڙين روپيه رشوت طور ڏنا آهن. هن علي الاعلان سياستدانن جي چهرن تان نقاب لاهي، عوام کي سندن اصل چهرو ڏيکاريو آهي.

هن ملڪ جي سياست جا به اسڪينڊل سپريم ڪورٽ ۾ هلي رهيا هئا: هڪ ميمو اسڪينڊل ۽ ٻيو سوئس اڪائونٽس اسڪينڊل. ٻئي اسڪينڊل موجوده حڪمرانن جي بدناميءَ جا باعث بڻيا آهن. سپريم ڪورٽ سياسي ميڊيا جي پريشر تي اصغر خان جو پراڻو ڪيس کوليو ته ويهه سال پراڻو مهراڻ بئنڪ اسڪينڊل به نڪري نروار ٿيو آهي، جنهن ۾ نواز ليگ، جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم ۽ ٻين سياسي پارٽين ۽ ليڊرن کي سرڪار کان مشروط جيڪا رقم ملي، تنهن جا تفصيل نروار ڪيا ويا آهن. اسحاق خان، آرمي چيف اسلم بيگ، رٽائرڊ جنرل اسد دُراني، يونس حبيب ۽ يوسف ميمڻ ايڊووڪيٽ اهي پئسا ورهايا. ٻين نالن سان گڏ ڄام صادق عليءَ جو نالو مک ڪردارن مان آهي. وڌيڪ تفصيل مهراڻ بئنڪ اسڪينڊل جي پهرئين وڪيل وهاب الخيريءَ جو انٽرويو پڙهي معلوم ڪري سگهجن ٿا.

مٿيون ڪرپشن يا رشوت جون ڳالهيون هُليل ته هيون پر هيئن ثبوت ۽ ١٦٤ ڪو نه هئي. هن ملڪ ۾ اهي نيون ڳالهيون ته ڪو نه آهن پر مُک ڪردارن تان پردو لاهڻ بلڪل نئون پيو ٿئي. هي سياست ته نه ٿي، هي ته ڪونن وارو ڪلچر آهي، جتي مجبور

۽ بيوس ۽ لاچار عورتون عزتون وڪٽنديون آهن ۽ سياسي مرد پئسن عيوض رضا خوشيءَ سان، خير وڪٽندا آيا آهن. يونس حبيب وڏيڪ چيو آهي ته نواز حڪومت ڊاهڻ لاءِ به ٢٥ ڪروڙ روپيه ورهايا. مائي عابده صاحبه ڪي شابس آهي ته هن پئسن وٺڻ جو اعتراف ڪيو آهي. باقي مرد سياستدان، ڏڏڙ ۾ پير هٽي، نڪ-نرجائي ۽ اڪ-پڪائيءَ جو مظاهرو ڪن ٿا، يونس حبيب به پنهنجا بيان بدلائيندو رهي ٿو.

الله کي التجا آهي ته، شل هو اهڙي لسٽ به جلدي پڌري ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ۽ حالتون سازگار بڻائي، جنهن ۾ سنڌي قوم پرستن، ڪابي ڌر وارن، سنڌي اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ محققن ۽ اسڪالرس آفيسرن وغيره جو ڪچو چٺو به نروار ٿئي، جيئن پريس ۽ ميڊيا معرفت اسان سيني کي خبر پوي ته: سنڌ امڙ جا راڳ آلاپيندڙ، ڪيتري ملهه وڪاڻا آهن. هيئڻ ته ائين ڪپي ته اهڙو ڪيس به سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رجسٽر ٿيڻ گهرجي. سنڌ ۾ دانشورن ۽ آفيسرن، جيڪي ڪلور ڪيا آهن، اهي به لڪل ڪو نه آهن. انهن اسان جي صدين جي معاشري کي بلڪل ساٽو ڪري ڇڏيو آهي. يونيورسٽين ۾ ادبي ۽ ڪلچرل ادارن ۾ مخصوص لابيون جاوا ڪري رهيون آهن. ضروري آهي ته مئرٿ ۽ اخلاقي ضابطا مقرر ڪري، اهل جوان ماڻهن کي اڳتي ڪري، ڪک ۽ مِرَ قسم جي ماڻهن مان جند ڇڏائي وجي.

ٻيو ته ڇڏيو، سنڌي ادبي سنگت ۾ به لابيون ۽ پٽڪا ڊاهه لڳي پئي آهي. ادب ڪان پري، يار دوست ۽ مٽ مائٽ وغيره صرف ووٽن لاءِ ميمبر بڻائي، يونٽن ڪان وٺي مرڪز تائين، تنظيمون ٻي جان ٻڻايون ويون آهن. سماجي تنظيمن جو ان ڪان وڏيڪ برو حال آهي. جيڪو هڪ دفعو عهدي تي آيو، سو مئي مارائي ڪان سواءِ، اهو عهدو ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار نه ٿيندو. مرده تنظيمن جو تعداد ان ڪري وڌ آهي.

مون کي ياد آهي ته ١٩٦٨ع ڌاري، جڏهن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتم ته لاڙڪاڻي جي اديبن ۾ به ڌڙا هئا: هڪڙا ساڄي ڌر وارا هئا، جيڪي جماعت اسلامي سان لاڳاپيل هئا، جن ۾ قربان علي بگٽي مرحوم نمايان ڪردار آهي. ٻيا ڪابي ڌر وارا، قوم پرست هئا، جن مان حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، سڪر وارو رشيد ڀٽي ۽ شيخ اياز وغيره سدائين سورن ۾ هوندا هئا. ان وقت جماعت اسلاميءَ سان لاڳاپيل اديب سرڪار جي هُشيءَ تي جاسوسي ڪندا هئا. هاڻي ته ڪو به ساڄو ۽ ڪابو ڌڙو نه آهي. صرف مال تي، نوڪرين تي ۽ سٽيپن ڪرسين تي مزا ماڻڻ وارا سڀ گڏ آهن. نه جيل، نه ڦٽڪا ۽ نه نوڪري وڃڻ جو خطرو. پوءِ به حمام اندر، سڀ ننگا آهن.

لاڙڪاڻي شهر ۾ ڊزن ڪان مٿي ادبي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. اهو آهي اسان پڙهيل لکيل ماڻهن جو ڪردار. هن سماج جي عزت، آبرو، آدرشن، تاريخي ۽ ڪلچرل سچاين وغيره کي نظر لڳي وئي آهي. ١٩٧٠ع تائين، سماجي طور تي مٿين شيون

مضبوط هيون. اهي هاڻي، مٽيءَ جي مٽ ٿيڻ جي وڃي ويون آهن. هر شيءِ تيزيءَ سان ناڪاره ٿيندي پئي وڃي. اسان سڀئي گڏجي، لالچون ڇڏي، جيڪڏهن پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسون ته منجهان ڪان بچي ويندا سون ۽ معاشري کي بهتر ٿيڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه آڪسيجن ملي ويندي. نه ڪرپشن جو حصو آهيون ۽ نه واويلا تا ڪيون. منافقانه رول کي ختم ڪرڻو پوندو. ڪجهه جاهل ۽ بداخلاق آئوٽ آف ٽرن فائدا حاصل ڪندا هئا ته اڪثريت توبه توبه ڪندي هئي. هاڻي ماضيءَ وارا بااخلاق به وهندڙ گنگا مان شنان حاصل ڪرڻ لاءِ آتا آهن. اسان جيستائين انصاف پسند ۽ ايماندار نه ٿينداسين، تيستائين هيءُ معاشرو تبديل نه ٿيندو ۽ سنائيءَ ڏانهن نه وڌندو. مظلوم قوم جا دانشور ۽ عالم به مظوم هوندا آهن. هتي اسان وٽ جيڪو به ادبي لڏو آهي، اهو گهڻو ڪري سرڪاري نوڪري ڪري ٿو. حڪومتي پاليسي جو هو Follower ٿئي ٿو. ان ڪري ئي اسان جو قومي مسئلو هميشه الجهيل رهيو آهي. دنيا ۾ ڪٿي به سرڪاري نوڪري ڪندڙن تبديلي نه آندي آهي. قومي مسئلا نه سياست ڪندڙ حل ڪرائيندا. پڙهيل لکيل خاموشيءَ سان لڪي لڪي فنڊ وغيره ڏيندا آهن يا ووٽ ذريعي تبديليءَ ۾ حصيدار ٿيندا آهن.

مون کي پڪ ۽ خاطري آهي ته اسان جا وڏا وڏا اديب، دانشور، ڏاها، وائيس چانسلر ۽ ڊاڪٽر به ڪٿن ڪمن ۾ مصروف آهن. هي جيڪي ”سنڌي ٻولي، قومي ٻولي“ چون ٿا، انهن جو موبائيل نمبر ملايو ته رڳو اردو گيتن ۽ گانن جون ڌنون ٻڌندا. اهو آهي پنهنجو ماءُ جي ٻوليءَ سان پيار! منهنجي خيال ۾ هاڻي اهي ڊراما ۽ چرچا بند ٿيڻ گهرجن. پيٽ پالڻ جو طريقو ٻيو ڪو سوچيو. خدا جو خوف ڪيو. ايندڙ نوجوان نسل تي رحم ڪريو.

جيڪي اديب ۽ نالي وارا دانشور آهن، انهن جي ڪارڪردگي کي سندن عهدن تي جاچيو ته اهي عام آفيسر کان وڌيڪ ڪرپٽ ۽ خوشامدڙيا آهن. ٻيو ته ٺهيو هڪ ماستر، پڙهائڻ جي بجاءِ سپروائيزر ٿيڻ لاءِ بي تاب آهي. هو مدل مئن ٿيڻ جي، پئسا وٺي، آفيسرن ۽ ٽريزري ۾ حصو پري به ڏئي ٿو ۽ پنهنجو بئنڪ بئلنس به وڌائي ٿو. شهر ۾ ڏاڍي نٽ سان اٿي ويهي، سنڌي ماڻهن ج جي مظلوميت جا داستان ڪٿي ٿو. نئون ديرو ۽ شهدادڪوٽ ملون يونين بازي ۽ سنڌي آفيسرن تباهه ڪيون. چوٽيءَ جا سنڌي اديب جتي به سربراهي ڪري رهيا آهن، چوٽون چوٽ ڪرپٽ آهي.

اسلام اسلام، قوم قوم، سوشلزم سوشلزم، جمهوريت جمهوريت، چوندڙ پنهنجي اولاد جي مارڪن، سليڪشن ۽ نوڪرين وغيره لاءِ اهڙيون نڳيون ۽ خوشامدون ڪندا آهن جو ڇا چئجي. چئبن ته: ”ائين ڇو تا ڪريو؟“ چوندا ته: ”اوهان ڇريا آهيو، ائين نه ڪيون ته جيئبو ڪيئن.“ ٻاهر وينا غريبن جي ٻارن کي اخلاقيات جا سبق سيکاريندا. ڪنڊ سنڌ ۾

جتان ڪجهه ملڻ جي اميد هوندن، اتي وينا انهن کي بهتر ڪان بهتر ٽيڻ جون صلاحون ڏيندا. جيڪڏهن ڪنهن اجنبيءَ ڏسي ورتن ته آڪڙجي، پنهنجو شان شوڪت برقرار رکندا. ٻن ڏيڏرين کوهه ۾ هڪ ٻئي کي پئي چيو ته: ”اسان ڪيتريون نه سهٽيون آهيون، ماڻهو الائي ڇو، پريون پريون پيا پڪارين؟ اهي ته اسان ئي آهيون نه ادي!“ الله عقل ۽ حسن جي ٻڪ، ڪنهن کي ڪو نه ڏني آهي. پٽين تي لڪيل ۽ سينن ۾ سانديل ماڻهن جا ڪردار ڪنهن کان وسرندا نه آهن.

ضرورت آهي ته ڌاڙيل، اغوا، ڦر لٽ ۽ دلاليءَ واري ڪلچر ڪان جان ڇڏايون ۽ چوڌاري جيڪي به اهڙا ڪتا ڪردار آهن، انهن ڪان بائڪات ڪري ۽ پري ٿي، بهتريءَ لاءِ ڀهريون قدم کڻون.

زندگي جي رستي تي اڪيلو هلڻ ئي بهتر آهي، بجاءِ ان جي ته همسفر بيوقوف هجي. (سقراط)

دولت کي اسان بازار مصر ۾ ڏٺو آهي،
ڪمبخت، پيغمبر خريد ٿي ڪري. (ڪفريه شعر) (ترجمو)

# ٻُري هن پنيور ۾

خبر پئي ته تاريخ ۲۵ مئي ۲۰۱۲، اربع جي رات جو پٽ شاهه تي مُرشد جي ڄمڻ جي تقريب/سالگره ٿي رهي آهي. اڳاري ڏينهن، ۲۴ مئي تي، منجهند ڌاري لاڙڪاڻي مان، حيدرآباد واري ويگن تي چڙهي رات جو ۹ بجي کان پوءِ درگاهه تي پهتس.

معمول کان وڌيڪ ماڻهو هئا. اسٽيج به تيار هُئي. وضو ڪري، فاتحه پڙهي، زيارت ڪئي. نماز ادا ڪري، مسجد جي صحن ۾ ٿيلهي تي مٿو رکي آهلي پيس. ڏٺم ته روضي جي صحن ۾ عورتون ۽ ٻار سُتا پيا هئا. منجهانئن ڪي دُعائون گهري رهيون هيون ته ڪي وري ڪچهري ڪري رهيون هيون. اسان وٽ به ملان ۽ ڇوڪرن جو ساڳيو حال هو.

گذريل ٻن ٽن سالن کان شاهه صاحب جي سالگره ملهائڻ جي رسم هلي رهي آهي. آهستي آهستي ماڻهو وڌندا وڃن ٿا. مون کي مِني ميلو لڳي رهيو هو. فقيرن جي راڳ سان گڏ، اسٽيج تان به آلاپ اچي رهيا هئا.

ڪجهه عمر رسيده مسافر منهنجي پرسان اچي ويٺا. مان اٿي هنن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڪي گهوٽڪي جا، ته ڪي خيرپور جا هئا. بلڪل فقير منش ۽ عقيدتمند هئا. ڪين ٻڌايم ته نئون ديري کان آيو آهيان.

منهنجي زندگيءَ ۾ ههڙيون راتيون، بلڪل ٿوريون آيون آهن. ٺٽي ۾ عبدالله شاهه اصحابيءَ تي سڄي رات، فقير عبدالخالق ۽ مان جاڳيا هياسين. اُهو مهاجرن جو پير آهي. سنڌي ٿورا هياسين. ان درگاهه جي خصوصيت اِها هئي ته عورتون اندر روضي ۾ نه پيون وڃن. اتي جنن واريون ڇوڪريون به ڏٺيون. هتي ته بلڪل اڪيلو آهيان. اجنبين جي ميڙ ۾ مون کي سُڪون ملي رهيو آهي. موبائيل ۽ پرس جو الڪو هيو، پر ننڊ ته ڪرٽي ئي ڪو نه هئي.

"ساري رات سبحان کي، جاڳي جن ياد ڪيو." (شاهه)

اتي ئي S.M.S آيو ته سڀاڻي جيئي سنڌ وارن جي هڙتال آهي. مون سوچي ڇڏيو ته: اربع جي منجهند تائين درگاهه تي رهبو، پوءِ حيدرآباد هلي آرام ڪبو. ماني ڄاڻي واڻي نه کاڌم. بسڪيٽ، فروٽ ۽ جوس وغيره تي گذارو ڪرڻو آهي. پاڻي به ٿورو پيئان پيو، نه ته هر هر اٿڻو پوي ها.

خالص عوامي ميڙ، منهنجي سامهون هو. ڪو به V.I.P يا عالم ۽ دانشور ڪو نه هو. سڀ مرشد جي سِڪ مان پنهنجي گهران خرچ ڪري آيا هئا. اهو سوچي مان مُرڪي رهيو هيس ته هر سال ڪلچر ڊپارٽمينٽ وارا لکين روپيه T.A، D.A خرچ ڪري، درگاهه تي اچي

حاضري ڀريندا آهن. گلن جون چادرون، اجرڪ، ڪاٺ ڀيٺ، تيل ٻاٽي، سڀ اڳاڙيل ٽيڪس مان خرچ ٿيندو آهي. جڏهن گورنر ۽ چيف منسٽر ايندو آهي تہ خلق خدا تي لٺ پئي وسندي آهي. سڀ دڪ بند ٿي ويندا آهن. جيسيتائين برهمڻ درگاهہ تان موٽ ڪائن. يار! هنن کي ڪو فضيلت سان سمجهائي چو نہ ٿو تہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ اچي افتتاح ڪيو. يا اتي موجود سجاده نشنين کان ئي افتتاح ڪرايو. مون لکين ماڻهن جي تڪليف ۾ خواري ڏسي ۽ پسي چڪو آهيان، ميلي دوران.

اچو تہ هڪ شعر تي سوچيون:

نڪو ليکو ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
تِهان اڳي نينهن، چنو آتڻ وارين. (شاهہ)

سنڌ جي گورنر کي گورنري جڻ ڪليم ۾ مِلي آهي. ڪراچيءَ ۾ ماڻهن مرڻ جو حڪومت جڻ ڪنهن کي لائسنس ڏنو آهي. ڇا هيءُ سڀ ڪجهہ، سنڌ تان هٿ کڻڻ جي برابر نہ آهي.

ڪهڙن ڦٽن تي پها رکجن. ڪهڙي واويلا ڪجي!

سڀ جيئرا جاڳندا وينا آهيون. نہ مئاسون، نہ زخمي ٿياسون. ائين ويني ويني سنڌ جي عظمت ۽ غيرت کي وساري، پنهنجي جي ڏاڙهي پٽ ۾ پورا آهيون.

رات جو ٻي ٽين بجي ميلي جي موٽ آهستي آهستي شروع ٿي. جهونڙن، مُرڪون ۽ دُعائون ڏيندي، مون کان موڪلايو. باقي ٽائيم مان اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ گذاريو. صبح جو نماز پڙهي وري مسجد اندر، ٻي فڪر تي سمهي پيس. انهن ٻن ڪلاڪن مون کي رليڪس ڪري ڇڏيو.

مسجد ۽ روضي جو صحن سان گڏ، ٻاهرئين ايوان ۾ صفائي ۽ پوچي وغيره شروع ٿي چُڪي هئي. ٻاهر وڃڻ تي دل نہ ٿي. هڪ همراهہ جي پير ۾ اچي وينم. اُتي ئي چانهہ پيتي. ٿوري ٽائيم ۾ هڪ ٻئي سان مانوس ٿي وياسين. منهنجي پڇيل سوالن جي جواب ۾ هُن ٻُڌايو:

١. گذريل سال ٻن ڪروڙ روپين جي ماربل جو ڪم ٿيو آهي. ڪم جي ڪوالٽي اوهان جي سامهون آهي. جن سنگ مرمر جي سرن تي اسين وينا آهيون، اُهي هم چورس هڪ فوٽ آهن. اُهي جوڌپور کان آيل آهن. ڏاڍو پائدار ۽ وزندار آهن. اُهي سرون اکيڙي نيون لڳايون اٿائون.

٢. روضي جي اندروني حالت بابت هُن ٻڌايو تہ: انجنيئرن جي هڪ ٽيم اچي، روضي جو مٿان معائنو ڪيو هو. بعد ۾ هنن رپورٽ ڏني تہ: ”روضو مضبوط آهي.“ هُن روضي جي اڳيان ٻلرن ۽ ڇت بابت بہ ٻُڌايو. روضي جي اڳيان واڌارو بعد ۾ ڪيو ويو هو. ڇت ۽ ٻلر، ڏاڍا خوبصورت آهن.

هڪ ٻن فقيرن سان بہ ڪچهري ٿي. هنن جو چوڻ هو تہ:

١. سيد حبيب شاهہ کي ٽي زالون هيون.

٢. روضي اندر پٺائي صاحب سان گڏ سيد جمال شاهہ جي قبر آهي. اُهو سندس وڏو ڀاءُ آهي. مائرون الڳ اٿن.

٣. شاهہ صاحب جي حويلي کي ٽي گنبذ هئا، جن مان هڪ ڊهي پيو آهي. ڪافي عرصو ٿي چڪو آهي، پر ڪم ڪو نہ ٿو هلي.

اُتي ئي وينو هئس تہ نوجوان جاپاني جوڙا اچي پهتا. سڀني ٽيم هئي. ڪئميرائون وغيره هئن. راڳ وارن جي پرسان جڏهن اُهي پهتا تہ مون کائن پڇيو: "شاهہ جي شاعري پڙهي اٿو." هُن نهڪر ۾ جواب ڏنو. منهنجو ٽيمپو لوز ڏسي، ٻي ڇوڪريءَ چيو تہ اردو بہ ايندي اٿن. مون کيس صرف ايترو چيو: "سنڌ گورنمينٽ جي ڪلچر ڊپارٽمينٽ وارن، شاهہ صاحب جي پوئٽريءَ کي انگريزيءَ ۽ اُردو ۾ شايع ڪرايو آهي. اُهي وٺي پڙهو." هُن ها ڪئي پر اُها بہ نهہ جهڙي هئي. ڪو دڪان هجي ها تہ خريد ڪري، گفٽ طور ڏيانس ها. مان وڌيڪ سوچيو تہ: "پُٽ گهرڻ جي عمر ڪو نہ اٿس. باقي الله کان مڙس گهرڻ، زيارت ڪرڻ ۽ سنڌ جي ثقافت ڏسڻ لاءِ آئي هوندي."

مون کي ان وقت ڏاڍي حيرت ٿي جڏهن اُن ڇوڪريءَ، روضي جي دروازي جي چانئٺ تي ٻيهي، هٿ چانئٺ تي رکيو، وري سيني ۽ نرڙ سان لڳايو، پوءِ اندر وئي. اصل ۾ پهريائين هڪ اردو ميڊيم واري ڇوڪري هُن کي اهڙي رهرسل ڪري ڏيکاري. مون سمجهي ورتو تہ: "هيءَ ٻڌ مذهب سان تعلق رکي ٿي. باقي پرڪار سنڌي عورتن جهڙا اٿس. تعليم، پينٽ شرٽ ۽ انٽرنيٽ هُن ۾ تبديلي ڪو نہ آندي آهي."

مان ٻاهر نڪري آيس. وهنجي ڪپڙا بدلايم. نيرن ڪئي. سُنّي چانهہ ملڻ جو پڇي، اتان وڃي چانهہ پيتم. ڪڙڪ چانهہ تازو ڪري ڇڏيو.

ڪراڙ ڍنڍ، شيخ اياز ۽ ميوزم ڏانهن رخ رکيو. چوڏاري پٽيون، لوهيون گرلون انهن جي مٿان گلن جون وليون. مون کي ياد پيو: ١٩٦٢ع ۾ هنن عمارتن جو سنگ بنياد محمد خان جوڻيجي رکيو هو. هو ايوب خان جي دور ۾ مرڪزي وزير هو. گڏريل چڪرن ۾ عبدالخالق ۽ مان سڄو ڀٽ شاهہ گهميو هو.

ڀٽي صاحب ۽ بينظير صاحبہ جي وقت ۾ بہ ڪافي ترقي ٿي هئي. گرم ڏينهن، ٿوري هوا، اياز جي ڌرتيءَ کان ١٠ فوٽ ڪن مٿي سنگ مرمر جي قبر، ڪراڙ جو خوبصورت نظارو. مون اياز جي قبر کي ڏسي جهونگاريو:

ورهين کان واسو، سڄڻ تنهنجو ساهہ ۾،
پنهنجن کان پاسو، مناسب ناهي منهنجا پرين.

اياز جي طبيعت ۾ ڏاڍي ارڏائي هئي. هر هڪ کان بي نياز، پنهنجي ڳالهه چوڻ ۽ ڪرڻ وارو. پنهنجي شهر شڪارپور اندر آبائي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ بجاءِ، هتي اچي دفن ٿيو!
سنڌ ۾ پٿائيءَ سائين جي ايم سيد ۽ اياز وري نه ڄمندا. هيءُ منهنجي اندر جو وجدان آهي. مان ڪرامتن ۾ يقين نه رکندو آهيان. سچي سنڌ ۽ اسان جا افعال، مون کي ائين چوڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن.
حيرت آ يار!

برو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو. (شاهه)
ملي ته ملندياس، نه ته گهوري جان جتن تان. (شاهه)

سائين جي ايم سيد، سنڌ ۽ سنڌين کان ڪڏهن ڪين رُنو. ڪجهه ته ڏنو، سمجهيو ۽ سوچيو هوندائين تڏهن ته سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيرٿر جبل وانگر ناقابل شڪست آهي. ڪو نفيس انسان بہ ائين محبت ڪندو آهي؟!
مرشد لطيفؒ سڄي عمر ٿر، بر ۽ جبل جهاڳيا. گوتم ٻُڌ جهنگ وسايو. ماڻهن کي پيگوان ٻڌايو. اياز بيپرواهه سُتو پيو آهي. هُن کي ڪنهن جي ڪاڻ نه آهي. تڪليف ڏيڻ، چلن پچائڻ ۽ نور نچوئڻ ۾ ڪجهه ته ملي ٿو، انهن انسانن کي.

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون. (شاهه)

مرشد لطيفؒ جي ان دعويٰ کي مان سچ سمجهان ٿو. منهنجو جيئڻ جو انداز جُدا آهي، تنهنڪري عقل ۽ فهم کان اهي ڳالهيون ٿي ۽ اوپريون لڳن ٿيون.
شيخ اياز جي مزار تان دُعا گهري هيٺ لٿم. ڏٺم ته ڪجهه فيمليز جدا جدا وٽن جي ڇانئن، ويراندي ۽ پٽين جي پاڇن ۾ ويٺيون آهن. مرد ۽ ٻار هيڏي هوڏي ڦِري رهيا آهن. ميوزم جو دروازو بند هو. ڪئميرا ڪنڌ ۾ وجهي، ٿيلهو لوڏيندو، اجنبي زائرين سان اچي مليس. حوال مليو: ”ميوزم جا رکوالا چون ٿا ته اربع آهي. اڄ ميوزم بند آهي.“
مون ڏٺو ته ڪجهه اهڙو بورڊ يا لکت وغيره نه آهي.
ٻئي ٻڌايو ته: ”١١ بجي بجلي ايندي، پوءِ دروازو کوليندا.“
ٽئين ٻڌايو: ”پئسا ٿا گهرن.“
مار پوين سڄي سنڌ جي، اهڙي بي شرمائي، مرشد جي حدن ۾. هڪ ڳوٺاڻو سنڌي، جنهن سان عورتون ساڻ هيون، پئسا گڏ ڪري رهيو هيو. مون بہ ١٥- ٢٠ رپيا انهن کي ڏنا.
سقراط چيو آهي: ”هڪ سچو ماڻهو، هميشه هڪ ٻار وانگر هوندو آهي.“ مان پاڻ کي ڏوهاري سمجهي رهيو هيس. جي گوڙ ڪيان ها ته دروازو ٿي نه کلي ها ۽ پوءِ هيٽريون

فيمليون جيڪي هزارين روپيہ خرچ ڪري آيون هيون، انهن جي اندر ۾ حسرتون رهجي وڃن ها. هو ميوزم گهمي نہ سگهن ها.
مين گيٽ کُليو. ميوزم جو دروازو بند هو. مون انب جي پرسان، سيمينٽ جي بئنچ تي ويهي، ڪئميرا جا سيل مٽايا ۽ ڪجهہ تصويرون ڪڍيون، جن مان هڪ تصوير ميوزم جي مين گيٽ جي اولهہ طرف ڪنهن آفيسر جي وِرانڊي جي ڪڍي. اُتي گندگي، ڪبوترن جون وٺيون. آڪيرا پکين جا، ڪانيون ۽ ڍنگهر ڊيڪارجي رهيا هئا. انهن جي مٿان A.C جا Fans لڱل هئا. ٻي تصوير ان ملازم جي هئي جيڪو پئسا وٺي، ميوزم جي گيٽ ۽ دروازو کولي رهيو هو.
”برو هو پنيور، اچي آرياڻيءَ اُجاريو.“ (شاهہ)
ڪنهن مسيحا ۽ رهبر جي اچڻ جي اميد ڪو نہ آهي، پر اسان سڀ سنڌي ۽ سوچي متفق ٿيون تہ: نہ صرف آرياڻي نروار ٿيندو پر وڏو پيڙ بہ پڙڪي سگهي ٿو.
هڪ تصوير مِنيءَ جي پيل فئملي جي بہ، مردن ۽ عورتن ڪان اجازت وٺي ڪڍي.
ميوزم گهمي ڏٺم. ڪافي سال اڳ مرشد لطيفؒ جون ڪافي شيون گڏ ٿيل هيون. اُهي نظر ڪو نہ آيون يا اُهو هال ئي بند هو.
وري درگاهہ تي اچي راڳ ٻُڌم. بعد ۾ تمر فقير، ڊاڪٽر دائود پوٽہ ۽ ٻين جي قبرن جون جائزو ورتو ۽ دُعا گهري. هڪ فقير ڪان پڇيم: ”گذريل سال هڪ ڇري هتي درگاهہ تي هُئي. هُن ٻڌايو تہ: ڪنهن اثر رسوخ واري ماڻهوءَ هُن سان زيادتي ڪئي، هُن کي دارالامان ۾ پٽ جائو. ڪنهن خدا ترس انسان هُن سان شادي ڪئي آهي.
هوءَ پناڻ نوجوان عورت هئي، هن کي اردو يا سنڌي نہ پئي آئي، جيڪو ڳالهائي پئي، اهو بہ ڪنهن کي سمجهہ ۾ ڪو نہ پيو اچي. هوءَ بلڪل عليل يا پاڳل هئي.
مون کي لوئيس برائون جو ڪتاب ياد پيو، جيڪو هُن ڇهہ سال محنت ڪري، لاهور جي هيرامنڊيءَ تي لکيو آهي. اُتي جيڪي بہ ڇوڪريون ۽ عورتون وينل آهن، اُهي بہ عياش مردن ۽ مٿانهين طبقي جون نشانيون آهن. لوئيس، لندن ۾ پڙهائيندي هئي. هوءَ مهينن جا مهينا لاهور ۾ هيرامنڊيءَ اندر رهي. هُن گند کي صاف ڪري، خرچ ڪري ۽ خواري ڪٽي اُهو ڪتاب لکيو آهي. سنڌ جا وڏيرا ون يونٽ جي دور ۾، پلاوٽن ڪان پئسا وٺي، لڏو وجي لاهور ۾ لاهيندا هئا. مير علي نواز خان واري بالي پلا ڪير وساري سگهي ٿو؟
”ٻانهن وِجهي واٽ، ريهون ڪيان رُڃَن ۾.“ (شاهہ)
اندر مان هڪ آهہ نڪتي: ڪاش! ڇريءَ مان ناجائز طريقي سان جاول ڇوڪرو هن ملڪ جو ولي براندٽ ٿئي. وِلي براندٽ (١٨ ڊسمبر ١٩١٣ع- ٨ آڪٽوبر ١٩٩٢ع) مغربي

جرمنيءَ جو سال ١٩٦٩ع کان ١٩٧٤ع تائين چانسلر رھيو. کيس ١٩٧١ع جو امن جو نوبل انعام بہ مليو ھيو. کيس بہ پيءُ جو نالو مليل نہ ھو.

”واڪا ڪنديس وو، مون سان جبل تو جاڙون ڪري.“ (شاھ)